ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 02 سيپٽمبر 2026ع 19 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (18)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

چاغي ۽ پشين ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، ڀارتي حمايت يافته 21 دهشتگرد مارجي ويا، 6 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن چاغي ۽ پشين ۾ مختلف واقعن ۾ جوابي ڪارروائي دوران ڀارتي حمايت يافته فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج خلاف ڪارروائي ڪئي

نوڪچا ۽ ضلعي پشين جي علائقي زيارت ڪراس ۾ پيش آيل مختلف واقعن دوران سيڪيورٽي فورسز جي موثر جوابي ڪارروائي اهلڪارن ۽ دهشتگردن ۾ شديد فائرنگ ٿي

فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن ڀتاخوري لاءِ غير قانوني چوڪي قائم ڪري اين 40- ڪوئيٽا –تفتان هاءِ وي تي مسافرن جي پرامن آمدرفت ۾ رنڊڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي

دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار، گولابارود ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ ڪيو ويو، فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ دهشتگردن ڪسٽمز هائوس ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ۾ هڪ جامع حملو ڪيو

فرار ٿي ويل دهشتگردن جو به سيڪيورٽي فورسز پيڇو ڪيو ۽ کين وڌيڪ جاني نقصان پهچايو، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران وطن جي 6 بهادر پٽن فرضن جي ادائيگي دوران پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو

شهيد ٿيلن ۾ 2 آفيسر ۽ ڪسٽمز ڊپارٽمينٽ جو هڪ سرڪاري اهلڪار به شامل، مختلف علائقن ۾ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري، دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن چاغي ۽ پشين ۾ مختلف واقعن ۾ جوابي ڪارروائي دوران ڀارتي حمايت يافته فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 21 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪري ڇڏيو. پاڪ فوج جي سڌسماءُ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مان جاري بيان موجب 31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات ضلعي چاغي جي علائقي نوڪچا ۽ ضلعي پشين جي علائقي زيارت ڪراس ۾ پيش آيل مختلف واقعن دوران سيڪيورٽي فورسز جي موثر جوابي ڪارروائي جي نتيجي ۾ فتنہ الهندستان ۽ فتنہ الخوارج جي ڀارتي پراڪسيز سان تعلق رکندڙ 21 دهشتگردن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي آذربائيجان جي پرڏيهي وزير جيحون بايراموف سان ملاقات، علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي ڳالهيون

بشڪيڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني اسلام آباد ۾ ناروي جي سفير جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني اسلام آباد ۾ ناروي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سعودي عرب جي دفاع واري وزير سان ملاقات ڪندي

پاڻي انساني بقا جي ضمانت آهي، دٻاءُ لاءِ هٿيار ناهڻ قابلِ قبول ناهي، فيصلائتا قدم کڻڻا پوندا: وزيراعظم

دهشتگردي جي هر صورت ۾ مذمت ڪرڻ گهرجي، پاڻي اسان جي خطي جي شهه رڳ آهي، ان کي ڪڏهن به هٿيار جي طور تي استعمال نه ڪرڻ گهرجي، معاهدن جي روح موجب پاسداري ڪرڻ گهرجي

دهشتگردي ايس سي او ملڪن جي لاءِ گڏيل خطرو آهي، دهشتگردي کي ان جي سمورين قسمن ۽ مظاهر بشمول رياستي دهشتگردي، واضح ۽ غيرمبهم لفظن ۾ مذمت جوڳو قرار ڏيڻ گهرجي

دنيا هن وقت بي مثال هنگامه خيزي ۽ تبديلي جي دور مان گذري رهي آهي، اڄ گڏيل قومن کي فوري طور تي سڌارن جي ضرورت آهي، ان کي وڌيڪ جوابده ۽ حالتن جي گهرجن موجب موثر بڻجڻو پوندو

پاڪستان مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪندڙ آهي، جنهن اتحاد ۽ گڏيل عزم جو واضح پيغام ڏئي خطي ۾ امن جي امڪانن کي وڌيڪ مضبوط ۽ خطي ۾ ترقي ۽ خوشحالي جي راهه هموار ڪئي آهي

اسان جون امن ڪوششون اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحون سان گڏ پنهنجي اهم مرحلي تي پهتيون اهو نه خطي ۾ جاري ٽڪراءَ جي خاتمي جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ عملي جوڳو ۽ پائيدار رستو آهي

فلسطيني ماڻهو پنهنجي ٻارن جي ڏک ۾ گهري صدمي ۾ ورتل آهن، خاندان وڪرجي رهيا آهن ۽ پورا نسل خوف، محرومي ۽ ناانصافي جي مستقل ڇانو هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن

شنگهائي تعاون تنظيم، عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ هڪ اهم پليٽ فارم آهي، ايس سي او گڏيل چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اجتماعي عزم جي علامت آهي: وزيراعظم شهباز شريف جو ايس سي او جي رياستي سربراهن جي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب

بشڪيڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ايس سي او جي حقيقي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم ۽ وچن جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي ايس سي او ملڪن جي لاءِ گڏيل خطرو آهي. دهشتگردي کي ان جي سمورين قسمن ۽ مظاهر بشمول رياستي دهشتگردي، واضح ۽ غيرمبهم لفظن ۾ مذمت جوڳو قرار ڏيڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

بشڪيڪ: وزيراعظم شهباز شريف ايس سي او ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

وزيراعظم ۽ بيلاروس جي صدر پاران مختلف شعبن ۾ ٻطرفو تعاون وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ تي اتفاق

واپار، صنعت، زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فني تربيت جي شعبن ۾ ٻطرفو تعاون وڌيڪ مستحڪم ڪيو ويندو

لاڳاپن ۾ مثبت اڀرائي ۽ سياسي، واپاري، اقتصادي، دفاعي ۽ ثقافتي شعبن ۾ مضبوط تعاون تي اطمينان جو اظهار

وزيراعظم ڪائونسل جي ايندڙ چيئرمين جي حيثيت سان بيلاروس جي صدر کي ايندڙ سال پاڪستان جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني

بشڪيڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ بيلاروس جي صدر اليگزينڊر لوڪاشينڪو پنهنجي ملڪن جي وچ ۾ واپار، صنعت، زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فني تربيت جي شعبن ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان ملاقات

بشڪيڪ ۾ ايس سي او جي اجلاس جي موقعي تي ٻنهي ۾ ملاقات ٿي

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسحاق ڊار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بشڪيڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

مڪاني نظام ۾ بهتري لاءِ ترميمون ڪيون وڃن ته ڪنهن کي به اعتراض نه هئڻ گهرجي: نثار کهڙو

سنڌ حڪومت تي ڪنهن به قسم جو دٻاءُ ناهي، ون يونٽ پاڪستان جي تباهي جو سبب بڻيو

اوڀر پاڪستان سان برابري قائم ڪرڻ سبب محرومي جو احساس وڌيو ۽ اڌ ملڪ وڃائي ڇڏيو سين

ڪراچي (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ نثار احمد کهڙو لوڪل باڊي نظام بابت چيو آهي ته جيڪڏهن ان ۾ بهتري لاءِ ترميمون ڪيون وڃن ته ان تي ڪنهن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عمران خان جي گهرڀاتين سان ملاقات ۽ پٽن سان فون تي ڳالهه ٻولهه ڪرائڻ جو حڪم

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي کي جيل ۾

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ برسات متاثرن جي تحفظ ۽ امداد لاءِ فوري قدم کنيا وڃن: بلاول ڀٽو

ڏکي گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيهڻ ۽ بروقت امداد فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ذميواري هجڻ گهرجي

ٻنهي جاڙن شهرن ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺاڻن علائقن جا رهواسي حڪومتي توجهه ۽ امداد جا منتظر آهن

موسمياتي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ بدران پائيدار انتظام ڪرڻا پوندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ برسات سبب پيدا ٿيل اربن فلڊنگ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هيٺاهين وارن علائقن ۾ فوري امداد، ماڻهن جي منتقلي، پاڻي جي نيڪال ۽ شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڏکي گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيهڻ ۽ کين بروقت امداد فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ذميواري هجڻ گهرجي. ڪنهن به شهري کي موسمي هنگامي صورتحال کي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

صدر پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

شهيدن فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي: صدر

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري بلوچستان جي علائقن چاغي ۽ پشين ۾ 21 دهشتگردن کي جهنم پيڙو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن تي بحث، سنڌ ورهائڻ جي حق ۾ نه آهيون: مخالف ڌر

اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪري مڪاني ادارن کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي: ايم ڪيو ايم ميمبر

نثار کهڙو آئيني طريقيڪار تحت رستو اختيار ڪيو آهي، سنڌو ديش خلاف گڏجي قرارداد منظور ڪئي وئي: ناصر شاهه

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو/ مجيد عباسي) سنڌ اسيمبلي ۾ اڱاري ڏينهن ٻئي ڏينهن به پيپلز پارٽي جي ميمبر نثار احمد کهڙي پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف ۽ نون صوبن جي قيام بابت پيش ڪيل التوا واري رٿ تي بحث جاري رهيو جنهن ۾ حڪومتي ۽ اپوزيشن جي ڪيترن ئي ميمبرن حصو ورتو. حڪومتي ميمبرن واضح موقف اختيار ڪيو ته ڪين ۽ سنڌ جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي ورهاڱي قبول ناهي جڏهن ته اپوزيشن جي ميمبرن چيو ته هو به سنڌ جي ورهاڱي جي حق ۾ ناهن پر سنڌ ۾ خراب

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حڪومت ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي: وزيراعظم

بلوچستان ۾ 21 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ اسان جي جوانن جون قربانيون هرگز رائيگان نه وينديون: شهباز شريف

بشڪيڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ نوڪچ، چاغي ۽ زيارت ڪراس ۽ پشين ۾ مختلف

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ ڪابينا ۾ مڪاني نظام جي قانون ۾ ترميم، هارين جي امداد ۽ ڊجيٽل گورننس جي منظوري

مڪاني چونڊن جو عمل مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ شروع ڪرڻ ۽ چونڊن ۾ دير جي صورت ۾ موجود ميئر يا چيئرمين کي ايڊمنسٽريٽر طور ڪم جاري رکڻ جي تجويز

نئين ڪڻڪ آبادگارن لاءِ ڊي اي پي سبسڊي پيڪيج جي توثيق، نئين رجسٽريشن ۽ پراڻن هارين جي ڊجيٽل تصديق جو فيصلو، سرڪاري خريداري ۾ حصو وٺندڙن لاءِ اضافي امداد منظور

ڪڻڪ جي اسٽريٽجڪ ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پاسڪو کان 2 لک 23 هزار 455 ميٽرڪ ٽن ۽ ٽي سي پي ذريعي 3 لک ٽن درآمدي ڪڻڪ خريد ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزنن جي 613 ديهن ۾ 16 لک 10 هزار ايڪڙ ڪچي جي زمين جي جامع سروي ۽ ڊيجيٽل ميپنگ لاءِ 70 ڪروڙ 50 لک رپيا منظور

غير تجارتي اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ ٽيڪس ۽ رجسٽريشن رعايتن ۾ ٻن سالن تائين واڌ، پي پي پي يونٽ کي سرڪاري ڪمپني ۾ تبديل ڪرڻ سميت ٻين اهم قدمن جي به منظوري

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ اڱاري ڏينهن صوبائي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ مقامي حڪومتن جي سڌارن، صوبي اندر اٽڪل 1.61 ملين ايڪڙ ڪچي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ورهاست جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، ستون پيرو به ٺهراءُ آڻينداسين: سعيد غني

ايم ڪيو ايم ميمبرن جون ڳالهيون انتظامي يونٽن تائين محدود آهن سنڌ ورهائڻ وارن قدمن جي اجازت نه ڏينداسين

سنڌ اسيمبلي اڳ ۾ 6 ڀيرا اڳ ۾ پڻ صوبي جي ورهاست خلاف ٺهراءُ منظور ڪري چڪي آهي

لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ڪا وڏي تبديلي نه پئي ٿئي، ڪچي جي زمين جو مڪمل سروي ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي جن به ميمبرن هيل تائين التوا واري رٿ تي ڳالهايو آهي، انهن جي ڳالهين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران هڪ ڦورو مارجي ويو، 3 زخمين سميت 5 گرفتار

گارڊن ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل جي مبينا مقابلي ۾ 35 سالن جو صدام حسين مارجي ويو

سرجاني ٽائون، اقبال مارڪيٽ ۽ نيو ڪراچي ۾ ڪارروائين دوران 3 زخمي ڦورن سميت 5 ڄڻا سرگها

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن ته 3 زخمين سميت 5 ملزمن کي گرفتار ڪيو ويو سرجاني ٽائون پوليس سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات زنجاني ڳوٺ سان مبينا مقابلي ڪان پوءِ زخمين سميت 3 ملزمن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بارساتي پاڻي بيهڻ سبب ايڪسپريس وي تي ٽريفڪ جام نظر اچي رهي آهي

ڪراچي ۾ بنگلي اندر پراسرار فائرنگ، نوجوان گهريلو ملازم مارجي ويو

فيڊرل بي ايريا بنگلي اندر فائرنگ دوران نوجوان شيراز جي مٿي ۾ گولي لڳي

ڪيس اسپتال نيو پئي ويو ته هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، خودڪشي جو شڪ ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي گلبرگ ۾ بنگلي اندر پراسرار فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ گهريلو ملازم فوت ٿي ويو. پوليس شروعاتي طور تي واقعي کي خودڪشي قرار ڏئي رهي آهي. تفصيل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سيڪٽر آءِ اليون ڪانپور ۽ غوري ٽائون فيز ٽو ۾ به تيز برسات رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد ۾ سيڪٽر آءِ اليون ڪانپور غوري ٽائون فيز ٽو ۾ به تيز برسات رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي بم ڦاٽڻ سبب نوجوان ڇوڪرو شهيد

بيروت (اي پي پي) لبنان جي ڏکڻ ضلعي نباطيه جي حبوس علائقي ۾ اسرائيلي بم ڌماڪي ۾ هڪ نوجوان شهيد ۽ ٻيو زخمي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ميهڙ ۾ ٻن گروپن جي جهيڙي جو نوٽيس ورتو، ايس ايس پي دادو کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير داخلا ۽ قانون سنڌ ضياءُ الحسن لنجار ميهڙ ۾ ٻن گروپن وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۽ فائرنگ جي واقعي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز مقصود احمد ميمڻ 6 مهينن جي ڪورس لاءِ روانو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

رياض: (رپورٽر) آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه ليپ 2026 ۾ ٽيڪ ڊيسٽينيشن پاڪستان پويلين جو افتتاح ڪندي

مير رضا جي وارثن، پهرين پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر ۽ ملازم جا بيان قلمبند

جوڊيشل ڪميشن طرفان پهرين ۽ حتمي پوسٽ مارٽم رپورٽن ۾ فرق تي سخت پڇاڻو

مقتول جي والد پاران گيمنٽ هائوس ۾ نوجوانن جي موجودگي ۽ ٽن ڄڻن جي پٽ ٽيپي قرار ڏيڻ جو انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن اڳو مير رضا جي وارثن، پهرين پوسٽ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ، مذهبي جماعت جي ڪارڪن سميت 3 ڄڻا قتل

موٽرسائيڪل سوار جوابدارن جي فائرنگ ۾ اهلسنت والجماعت جو ڪارڪن سلمان مارجي ويو

گلشن اقبال ۾ بزرگ اسٽيٽ ايجنٽ اورنگزيب موٽرسائيڪل سوار جوابدارن جي فائرنگ ۾ قتل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جي واقعن ۾ اهلسنت والجماعت جو ڪارڪن ۽ بزرگ اسٽيٽ ايجنٽ کي قتل ڪيو ويو جڏهن ته اورنگي ٽائون ۾ هڪ شخص کي تيز اوزار

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لياري جون 8 خطرناڪ عمارتون ڊاهڻ جو فيصلو، ٻن عمارتن خلاف ڪارروائي شروع

ڊريا آباد ۽ نئون آباد جي علائقن ۾ خطرناڪ بڻيل عمارتون ڊاهڻ جو عمل شروع ڪيو ويو

بهار ڪالوني، چاڪيواڙو، ڊريا آباد، ڪلري، لياري ۽ نئون آباد ۾ وڌيڪ 6 عمارتون به انتهائي خطرناڪ قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ٽيڪنيڪل ڪميٽي ڊينجرس بلڊنگز پاران انتهائي خطرناڪ قرار ڏنل عمارتن خلاف ڊاهڻ جي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. انساني جانين جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ کي پنهنجي ماءُ سمجهون ٿا، ورهاست برداشت نه ڪنداسين: شام سندر آڏواڻي

آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو جي موجودگيءَ ۾ سنڌ ورهائڻ جي ڪا به سازش ڪامياب نه ٿيندي

عوام ۾ نفرتون پيدا ڪندڙ ۽ سنڌ کي ورهائڻ جون سازشون ڪندڙ سنڌ ۽ پاڪستان سان مخلص ناهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي ۽ وڏي وزير سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملن ڊاڪٽر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

وسيلن جي منصفاڻي ورڇ سان ترقياتي عمل مؤثر بڻائي سگهجي ٿو: محمد ميان سومرو

انتظامي ۽ فيصلا سازي جا اختيار ضلعي ۽ تعلقي سطح تائين منتقل ڪرڻ جي حمايت ڪريون ٿا

فنڊن جي درست ۽ شفاف استعمال لاءِ آزاد نگراني، آڊٽ ۽ سخت احتساب ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي نگران وزيراعظم محمد ميان سومرو انتظامي ۽ فيصلا سازي جا اختيار ضلعي ۽ تعلقي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ ۾ ٽائمز اسڪوائر ويجهو عورت چاقوءَ سان حملو ڪري هڪ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) نيويارڪ سٽي جي ٽائمز اسڪوائر ويجهو عورت چاقوءَ سان حملو ڪري هڪ شخص کي قتل ۽ ٻئي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڀارت: ڦٽاڪن جي فيڪٽري ۾ ڌماڪو، 8 ٻارن سميت 11 ڄڻا فوت

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ ڦٽاڪن جي هڪ فيڪٽري ۾

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ ٻوڏ سبب فوتين جو انگ هڪ هزار کان وڌي ويو، هزارين ماڻهو اڃا تائين لاپتا

کٽمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ 26 آگسٽ تي آيل تباهه ڪندڙ ٻوڏ سبب فوتگيون

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اي پي پي جي اڳوڻي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي کي سينٽرل بورڊ آف فلمز سينسرز جون اهم ذميواريون ڏنيون ويون

بکر (اي پي پي) اي پي پي جي اڳوڻي مئنيجنگ ڊائريڪٽر محمد عاصم کچي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

انصاف اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو صرف ڪتابن ۽ عدالتي فيصلن تائين محدود نه هجي: گورنر

هر شهري کي بنا ڪنهن فرق جي بروقت انصاف فراهم ڪرڻ رياست جي بنيادي ذميواري آهي

مضبوط رياست لاءِ قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي ۽ هر شهري کي انصاف تائين آسان رسائي حاصل هجي

وڪيل برادري آئين جي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي دفاع ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر هارون الرشيد جي اڳواڻي ۾ وفد گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران آئين جي بالادستي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

او جي ڊي سي ۽ آمريڪي انرجي ٽيڪنالاجي ڪمپني بيڪر هيوز وچ ۾ معاهدو

معاهدي جو مقصد پراڻن تيل ۽ گئس جي اثاثن مان پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ آهي: او جي ڊي سي ترجمان

بيڪر هيوز جديد ٽيڪنالاجي ۽ فني مهارت ذريعي او جي ڊي سي جي ميچور اثاثن کي بحال ڪندي

اسلام آباد (پ ر) معاهدي تي صحيحون ڪرڻ واري تقريب او جي ڊي سي جي هيڊڪوارٽرز اسلام آباد ۾ منعقد ٿي جنهن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: او جي ڊي سي ۽ آمريڪي انرجي ٽيڪنالاجي ڪمپني بيڪر هيوز وچ ۾ معاهدو دوران ورتل فوٽو

ڪراچي ۾ پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جو دهشتگرد مارجي ويو، سندس 2 ساٿي فرار

خداداد ڪالوني ۾ هڪ دهشتگرد مطيع سخت زخمي ٿيو ۽ اسپتال منتقل ڪندي فوت ٿي ويو

مارجي ويل دهشتگرد وٽان 9 ايم ايم پستول ۽ گوليون هٿ، سڃاڻپ لاءِ بايوميٽرڪ عمل جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي ۽ حساس ادارن جي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو ۽ ٻه فرار ٿي ويا. ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) آپريشن ۽ وفاقي حساس اداري دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي خداداد ڪالوني ۾ ڇاپو هنيو جتي هڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف حادثن، فائرنگ ۽ جهيڙن دوران 6 ڄڻا مارجي ويا، معصوم ٻار ٻڏي فوت

سچل ۾ نوجوان عرفان علي شيخ فائرنگ ۾ قتل، لياقت آباد ۾ گهر مان نامعلوم شخص جو لاش مليو

اورنگي ٽائون ۾ مشين ۾ اچي مزدور محمد شاهد فوت، مومن آباد ۾ جهيڙي دوران عدنان قتل ٿي ويو

عزيز آباد ۾ حادثي سبب محمد حنين فوت، سرجاڻي ۾ پاڻي واري ٽانڪي ۾ 6 سالن جو حسنين ٻڏي فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا. تفصيل مطابق سچل ٿاڻي جي حد موسميات جي ويجهو بلوچ خان ڳبول ڳوٺ اسڪيم 33 ۾ فائرنگ جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وڏي ڪارروائي، 50 ڪلو کان وڌيڪ آئس سميت 91 ڪلو منشيات هٿ، ڪيترائي جوابدار گرفتار

ٽاسڪ فورس ۽ وفاقي حساس اداري ڪورنگي ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا ماسٽر مائنڊ سميت 8 جوابدار گرفتار ڪيا

قائد آباد جي علائقي مان گرفتار جوابدارن وٽان 10 ڪلو آئس، 41 ڪلو چرس ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا

بلوچستان مان آئس فراهم ڪندڙن ۽ حوالا ذريعي رقم وصول ڪندڙ نيٽ ورڪ بابت به اهم انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽاسڪ فورس ڪراچي ۽ وفاقي سول حساس اداري جي گڏيل ڪارروائي دوران بين الاقوامي منشيات اسمگلنگ نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪندي 50 ڪلوگرام کان وڌيڪ آئس

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي، روڊ رستا تلاءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳا، فوج مقرر، سول انتظاميا بي وس

برسات رات 3 لڳي 20 منٽن تي شروع ٿي، جيڪا صبح 8 وڳي تائين جاري رهي، تيز وسڪاري سبب روڊن ۽ مختلف علائقن ۾ گوڏن تائين پاڻي بيهي ويو

راولپنڊي ۾ 200 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿي چڪي، جيڪا گذريل 3 سالن دوران سڀ کان وڌيڪ برسات ٻڌائي وئي، برسات جو سڀ کان وڏو اثر نالا لئي تي پئجي رهيو آهي

آباديءَ کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ٽيمون هيٺاهين وارن علائقن ڏانهن روانيون ڪيون ويون، پاڪ فوج، ريسڪيو 1122، پي آر اي ۽ سمورا لاڳاپيل متحرڪ ۽ موجود

تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان سڀني وارن علائقن لاءِ ڪيو ويو، عام شاهراهن تي به پاڻي جمع ٿي ويو جنهن سبب ٻارن کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ ڏکيائي پيش اچڻ لڳي، تعليمي ادارا بند

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ طوفاني برسات سبب هيٺاهين وارن علائقن ۾ پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو جڏهن ته انتظاميا طرفان اڄ تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي موسميات کاتي موجب برسات رات 3 لڳي 20 منٽن تي شروع ٿي جيڪا

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: غوري ٽائون ۾ برساتي دوران ماڻهو بيٺل پاڻي مان گذري رهيا آهن ٻي طرف تباهي جا منظر

HIGH COURT OF BALOCHISTAN
FACILITATION CENTRE

ڪوئيٽا: چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ محمد ڪامران خان ملاخيل چيف جسٽس يحيٰي آفريدي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ پبلڪ فيسليٽيشن سينٽر جو افتتاح ڪندي

طارق فضل چوڌري پاران اسلام آباد ۾ شديد برسات ڪانپور متاثر علائقن جو دورو

شهر ۾ پاڻي جي نيڪال جي انتظامن ۽ شهرين جي درپيش مشڪلاتن جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري اسلام آباد ۾ شديد برسات ڪانپور پيدا ٿيل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ بچائڻ لاءِ قلم به کڻنداسين ته تلوار به کڻنداسين پر ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين: اعجاز سواتي

روزگار، وسيلن جي ورڇ، اختيارن ۽ بلدياتي نظام بابت ضرور ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ ايم پي اي اعجاز سواتي چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي تي ڪا ڳالهه نه ٿيندي، جڏهن ته روزگار

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

IRS
Joint Seminar
SCO AT 25: THE SHANGHAI SPIRIT AND A NEW JOURNEY WITH ISLAMABAD

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي واپاري برادري هڙتال جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪيو آهي: جماعت اسلامي

حڪومت پيٽروليم ليوي جي نالي تي عوام کان اربين رپيا وصول ڪري رهي آهي: حافظ نعيم الرحمان

وزيراعظم، پيٽروليم وزير، بيوروڪريٽ يا فوجي آفيسر کي مفت پيٽرول ۽ مفت بجلي نه ملڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي جي واپاري برادري 3

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

صوبن کي انتظامي يونٽ جوڙڻ ائين آهي جيئن ڪالاباغ جو نالو ائين ٻيهر رکڻ: اياز لطيف پليجو

رشوت کي خرچ پاڻي کي منتقلي ۽ لچائپ کي زيادتي سڏڻ جهڙيون سازشون بند ڪيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي سنڌ ۾ نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ واري معاملي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

گهرجي. پاڪستان عالمي امن جي ڪوششن ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، مڪ گڏيل دفاعي معاهدو اتحاد ۽ گڏيل عزم جو واضح پيغام آهي. عالمي برادري کي بيگناهه فلسطيني عوام جي تڪليفن جي خاتمي ۽ انهن جي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق جي تحفظ جي لاءِ فيصلائتا قدم کڻڻا پوندا. پاڻي وسيلن بابت معاهدن جو مڪمل احترام ڪرڻ گهرجي. هن اهڙن خيالن جو اظهار اڱاري ڏينهن هتي شنگهائي تعاون تنظيم جي ايس سي او پلس اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. وزيراعظم چيو ته سنڌس لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ته ڪيس شنگهائي تعاون تنظيم جي ايس سي او پلس جي دوستن ۽ حصيدارن جي ميڙ کي خطاب جو موقعو مليو آهي. شنگهائي تعاون تنظيم ۾ وڌندڙ دلچسپي جو مشاهدو يقيني طور تي حوصلي جوڳو آهي جيڪو ان اهم علائقائي فورم جي وڌندڙ اثر ۽ رسوخ ۽ اهميت جو ثبوت آهي. هن چيو ته دنيا هن وقت بي مثال هنگاماخيزي ۽ تبديلي جي دور مان گذري رهي آهي. 80 سال اڳ گڏيل قومن جو قيام ان عالمگير خواب کي حقيقت بڻائڻ جي لاءِ عمل ۾ آندو ويو هو ته سمورين جنگين ۽ ٽڪراءَن جو خاتمو ٿئي ۽ پائيدار امن قائم ڪري سگهجي. انهن 8 ڏهاڪن دوران پاڪستان گڏيل قومن جي منشور جي لاءِ مڪمل طور تي پرعزم ۽ ڪاربند رهيو آهي. اسان ان کي هڪ اهڙي موقعي جي طور تي ڏسون ٿا جنهن جي ذريعي وڌيڪ برابر جمهوري ۽ منصفاڻو عالمي نظام جوڙي سگهجي ٿو جڏهن ته اڄ گڏيل قومن کي فوري طور تي سڌارن جي ضرورت آهي. ان کي وڌيڪ جوابده ۽ حالتن جي گهرجن موجب موثر بڻجڻو پوندو. وزيراعظم چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي غيرمستقل ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان گذريل ٻن سالن دوران عالمي سطح تي امن قائم ڪرڻ جي ڪوششن ۾ فعال ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. اسان جون امن ڪوششون اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحن سان گڏ پنهنجي اهم مرحلي تي پهتيون اهو نار خطي ۾ جاري ٽڪراءَ جي خاتمي جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ عمل جوڳو ۽ پائيدار رستو آهي ۽ سمورين ڌرين جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي ذريعي امن حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيع طور تي قابل قبول بنياد آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تي صحيحون ڪندڙ آهي جنهن اتحاد ۽ گڏيل عزم جو واضح پيغام ڏئي خطي ۾ امن جي امڪانن کي وڏيڪ مضبوط ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ خطي ۾ ترقي ۽ خوشحالي جي فروغ جي راهه هموار ڪئي آهي. هن چيو ته غزه ۽ اولهندي ڪناري جي صورتحال ساڳئي ريت انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. عالمي برادري کي بيگناهه فلسطيني عوام جي تڪليفن جي خاتمي ۽ انهن جي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق جي تحفظ جي لاءِ فيصلائتا قدم کڻڻا پوندا. اهي ئي حق بين سمورين مظلوم قومن کي به ڏيڻ گهرجن. وزيراعظم چيو ته پاڻي اسان جي خطي جي شهه رڳ آهي جيڪو لکين انسانن جي زندگين جو سهارو آهي اسان جي زمينن کي سيراب ڪري ٿو ۽ اسان جي ايندڙ نسل جي مستقبل کي محفوظ بڻائي ٿو پاڻي کي ڪڏهن هٿيار جي طور تي استعمال نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي ان کي سياسي دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. اسان جي گڏيل پاڻي وسيلن بابت معاهدا لازمي پابندين ۽ واعدن جي حيثيت رکن ٿا جن جو هر صورت ۾ مڪمل احترام ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته دهشتگردي اسان جي ميمبر ملڪن ۽ حقيقت ۾ هتي "ايس سي او پلس" نمائندگي رکندڙ بين ملڪن جي لاءِ پڻ هڪ گڏيل خطرو آهي اسان علائقائي دهشتگردي جي خاتمي جي ڍانچي تحت پنهنجي گڏيل هدفن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ مڪمل طور تي پُرعزم آهيون جن ۾ ٽن برائين "دهشتگردي، عليحدگي پسندي ۽ مذهبي انتهاپسندي" کي منهن ڏيڻ شامل آهي. پاڪستان دهشتگردي جو بهادري ۽ ثابت قدمي سان مقابلو ۽ ان کي شڪست ڏيڻ جو سلسلو جاري رکندي 90 هزار کان وڏيڪ قيمتي جانين جي قرباني ۽ 150 ارب ڊالر جي معاشي نقصان جي باوجود اسان جي قوم دهشتگردي جي خلاف نه رڳو پنهنجي ۾ پوري دنيا جي لاءِ پڻ پُرعزم ۽ ثابت قدم ٿي جدوجهد ڪئي آهي. اسان سمجهون ٿا ته دهشتگردي کي ان جي سمورين قسمن ۽ شڪلين ۽ رياستي دهشتگردي سميت واضح ۽ غيرمبهم لفظن ۾ مذمت جوڳو قرار ڏيڻ گهرجي هن چيو ته علائقائي رابطا ۽ گڏيل رابطا اسان جي لاءِ هڪ گڏيل ترجيح آهي جڏهن ته اهو رڳو انهي صورت ۾ حقيقت جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿو جڏهن افغانستان ۾ امن ۽ استحڪام قائم ٿئي اهي دهشتگرد گروهه جيڪي افغان سرزمين کي پاڪستان ۽ بين پاڙيسري ملڪن تي حملن ۽ بيگناهه ماڻهن جي قتل لاءِ استعمال ڪن ٿا انهن کي موثر انداز ۾ روڪڻ ضروري آهي وزيراعظم چيو ته جيئن ته پاڪستان شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي سربراهي سنڀالي رهيو آهي اسان ان پختي يقين سان پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏينداسين ته ايس سي او کي پنهنجي عوام جي لاءِ ٺوس ۽ عملي فائدا فراهم ڪرڻ گهرجن وزيراعظم چيو ته ايندڙ هڪ سال دوران اسان انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت، توانائي، ترقي ۽ غربت جي خاتمي، آفتن کي منهن ڏيڻ، صحت، ثقافت ۽ رانڌين جي شعبن کي ترجيح ڏينداسين وزيراعظم ايس سي او جي حقيقي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ پاڪستان جي پختي عزم ۽ رجن جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته ايس سي او کي وڏيڪ عظيم بلندين تائين وٺي وڃڻ جي پنهنجي ڪوششن ۾ اسان ان مقصد جي لاءِ ايس سي او جي ميمبر ملڪن ۽ پنهنجي قابل قدر ايس سي او پلس خاندان جي ڀرپور ۽ مخلصاڻي تعاون جا خواهشمند آهيون. وزيراعظم شنگهائي تعاون تنظيم جي اڳواڻن کي 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ ايس سي او پلس اجلاس جي ايندڙ ايڊيشن ۾ شرڪت جي دعوت پڻ ڏني وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ايس سي او ترقي ۽ مضبوطي جي نئين منزل طئي ڪندي رهندي ۽ پنهنجي کي ارب کان وڏيڪ عوام جي زندگين ۾ بامعنيٰ ۽ مثبت بهتري آڻيندي اڱاري ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته کيس ان ڳالهه تي فخر آهي ته پاڪستان پاران 2027ع جي لاءِ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي چيئرمين شپ سنڀالڻ جي موقعي تي کيس بشڪيڪ ۾ ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي اجلاس کي خطاب جو اعزاز حاصل ٿيو هن ڪامياب سربراهه اجلاس جي انعقاد ۽ تنظيم جي منفرد انداز ۾ قيادت ڪرڻ تي ڪرغز جمهوريه کي مبارڪباد ڏني هن چيو ته شنگهائي اسپرٽ جي رهنمائي ۾ ايس سي او گذريل 25 سالن دوران علائقائي تعاون جي هڪ اهم فورم جي طور تي ابري آهي وزيراعظم دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي بي پناهه قربانين جو ذڪر ڪندي ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته دهشتگردي جي هر شڪل ۽ هر صورت ۾ مذمت ڪرڻ گهرجي. وزيراعظم چيو ته هن ايس سي او ملڪن کي اهو به ياد ڏياريو ته پاڻي اسان جي خطي جي شهه رڳ آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

بطرفو تعاون وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف بشڪيڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ملڪي سربراهن جي ڪائونسل جي اجلاس جي موقعي تي جمهوريه بيلاروس جي صدر عالي اليگزينڊر لوڪاشينڪو سان ملاقات ڪئي ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ بيلاروس جي بطرفي لاڳاپن ۾ مثبت اڳيرائي ۽ سياسي واپاري، اقتصادي، دفاعي ۽ ثقافتي شعبن ۾ مضبوط تعاون تي اطمينان جو اظهار ڪيو ٻنهي اڳواڻن نومبر 2024ع ۾ صدر لوڪاشينڪو جي پاڪستان جي تاريخي دوري ۽ ان ڪانپوءِ اپريل 2025ع ۾ وزيراعظم جي بيلاروس جي يادگار دوري جو ذڪر ڪندي واپار، صنعت، زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ فني تربيت کي ترجيحي شعبن جي طور تي بطرفو تعاون وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو وزيراعظم شنگهائي تعاون تنظيم جي ملڪي سربراهن جي ڪائونسل جي ايندڙ چيئرمين جي حيثيت سان بيلاروس جي صدر کي ايندڙ سال پاڪستان جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ بيلاروس جي وچ ۾ پراڻي دوستي لاڳاپن کي نئين بلندين تائين وٺي وڃڻ جي لاءِ پنهنجي گڏيل عزم ۽ پختي ارادي جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 3 روزاني عبرت

سي او) جي ملڪي سربراهن جي اجلاس جي موقعي تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات ڪئي اڱاري ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير عالمي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ گڏيل قومن جي ڪردار کي اڳتي وڌائڻ ۽ موثر گهڻ رخي نظام جي فروغ جي لاءِ سيڪريٽري جنرل جي قيادت کي ساراهيو هن گڏيل قومن جي لاءِ پاڪستان جي مضبوط عزم جو ورجاءُ ڪندي پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ پراڻي ۽ ويجهي حصيداري کي اجاگر ڪيو ٻنهي اڳواڻن علائقائي صورتحال گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي (يو اين جي اي) جي ايندڙ اجلاس جي تيارين ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي سيڪريٽري جنرل گهڻ رخي سفارتڪاري ۾ پاڪستان جي تعميري ۽ اصولي ڪردار کي ساراهيو ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي خدمتن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني جنهن کي هن قبول ڪيو پرڏيهي آفيس گڏيل قومن جي سيڪريٽريٽ سان رابطو ڪري دوري جي تاريخن کي حتمي شڪل ڏيندي

بقايا 4 روزاني عبرت

جي زمين جي 705 ملين رپين جي لاڳت سان جامع سروي ۽ ڊيجيٽل ميپنگ، ڪڻڪ جي ننڍن آبادگارن لاءِ امدادي پيڪيج جي توثيق، اليڪٽرڪ گاڏين (EV)لاءِ ٽيڪس ۽ رجسٽريشن جي مراعتن ۾ 2028ع تائين واڌ، ۽ ڪڻڪ جي ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، ۽ ڊيجيٽل گورننس لاءِ ڪيترن ئي قدمن جي منظوري ڏني وئي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ ڪابينا جي اجلاس ۾ صوبائي وزيرن صلاحڪارن خاص مددگارن چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ لاڳاپيل کاتن جي سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي. مقامي حڪومتن جا سڌارا وڌيڪ جائزي لاءِ موڪلڻ: ڪابينا سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013ع ۾ ترميمن جي هڪ پيڪيج تي بحث ڪيو جنهن جو مقصد ادارتي ڪارڪردگي احتساب، چونڊيل ڪائونسلن جي تسلسل ۽ مونسپل سروسز جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ آهي. تجويز ڪيل ترميمن ۾ ڪائونسل جو مدو ختم ٿيڻ کان 120 ڏينهن اڳ مقامي حڪومتن جي چونڊن جو عمل شروع ڪرڻ جيڪڏهن چونڊون دير جو شڪار ٿين ته باهر ويندڙ ميئر يا چيئرمين کي بطور ايڊمنسٽريٽر ڪم جاري رکڻ جي اجازت ڏيڻ يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي جي چيئرمينن ۽ وائيس چيئرمينن خلاف عدم اعتماد جي ووٽ لاءِ ٻه ٽهائي اڪثريت جي شرط کي متعارف ڪرائڻ ۽ ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين کي ڪنوينر جو ڪردار ڏيڻ شامل آهن. هن پيڪيج ۾ پبلڪ سروس انفراسٽرڪچر جي ميپنگ، ڪراچي جي چيف ايگزيڪيوٽو ۽ مستقبل جي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنز کي ميٽروپوليٽن ڪمشنر طور نامزد ڪرڻ ۽ ڪميونٽي تڪرارن جي خوش اسلوبي سان حل لاءِ يونين ڪائون ۽ مونسپل ڪميٽي جي سطحن تي مصلحتي فورمن جو قيام پڻ شامل آهي. غور ويچار ڪانپوءِ وڏي وزير شرجيل ميمڻ ناصر شاهه سعيد غني ضياءُ الحسن لنجار جام خان شورو صلاحڪار نجمي عالم ۽ خاص معاون سليم بلوچ تي ٻڌل هڪ ذيلي ڪميٽي جوڙي، جيڪا تجويز ڪيل ترميمن جو جائزو وٺي سنڌ اسيمبلي ۾ موڪلڻ کان اڳ پنهنجون سفارشون پيش ڪندي. پي ايف سي ڪنسلٽنٽ مقرر: ڪابينا ايندڙ صوبائي فنانس ڪميشن (PFC)ايوارڊ جي تياري ۾ ٽيڪنيڪل مدد فراهم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر اشرف وسطي کي ڇهن مهينن لاءِ بطور انفرادي ڪنسلٽنٽ مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني. ڪنسلٽنٽ حڪومت ۽ مقامي ڪائونسلن وچ ۾ صوبائي وسيلن جي منصفاڻي ورڇ لاءِ مالي تجزيي، وسيلن جي ورڇ جي ماڊلنگ، گذريل ايوارڊن جي جائزي ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت ۾ مدد ڪندو. ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ سبسڊي پيڪيج: ڪابينا ربيع 2026ع-27ع جي سيزن کان اڳ ڪڻڪ جي آبادگارن جي مدد تي خاص ڌيان ڏنو. هن زراعت کاتي جي ننڍن هارين لاءِ هدايت ٿيل ڊي اي پي (DAP)سبسڊي جي تجويزن تي غور ڪيو جنهن ۾ انهن آبادگارن لاءِ وڌيڪ مدد شامل آهي جن پنهنجي ڪڻڪ سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ کي فراهم ڪئي هئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ڊي اي پي جي اشاريائي پرچون قيمت اٽڪل 17,904 رپيا في ٻوري طئي ڪئي وئي آهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پاران 3,500 رپيا في ٻوري سبسڊي تجويز ڪئي وئي هئي، جيڪا اشاريائي قيمت جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو جي برابر آهي. ڪابينا فيصلو ڪيو ته جن هارين سنڌ فوڊ ڊپارٽمينٽ کي ڪڻڪ وڪرو ڪئي هئي تن کي سرڪاري خريداري ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب طور اضافي سبسڊي ڏني ويندي جڏهن ته بين اهل ننڍن آبادگارن کي پڻ هن امدادي پروگرام جي تحت ڪور ڪيو ويندو. ڪابينا سنڌ هاري مدد پروگرام جي تحت نئين رجسٽريشن کولڻ ۽ اڳ ئي موجود آبادگارن جي بيهر تصديق جي به منظوري ڏني. ان عمل ۾ ڊيجيٽل تصديق ۽ زمين جي ملڪيت جي جانچ شامل هوندي ته جيئن بيٺا، غير اهل ۽ فرضي فائدو وٺندڙن کي ختم ڪري سگهجي. زراعت کاتي ڪابينا کي آگاهه ڪيو ته گذريل امدادي پروگرام جي تحت 333,127 آبادگارن کي 27.336 ارب رپين جي ڊي اي پي سبسڊي ورڇي وئي جڏهن ته 314,317 آبادگارن کي 14.428 ارب رپين جي يوريا سبسڊي فراهم ڪئي وئي. هن پروگرام جي نتيجي ۾ 2025ع-26ع دوران ڪڻڪ جي پوکائي 3.086 ملين مان وڌي 3.880 ملين ايڪڙ ۽ پيداوار 3.543 ملين مان وڌي 4.913 ملين ٽن ٿي وئي. ڪابينا ايندڙ ڪڻڪ جي فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ امدادي/اشاريائي قيمت بابت تجويزن جو به جائزو ورتو ۽ هدايت ڪئي ته ذيلي ڪميٽي جون سفارشون ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ پيش ڪيون وڃن. ڪابينا پاران ڪڻڪ جي ذخيرن کي مضبوط ڪرڻ : ڪابينا پاسڪو (PASSCO)کان 223,455 ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي خريداري سميت ٽرانسپورٽيشن جي انتظامن جي منظوري ڏني. ان مقدار مان 130,000 ٽن ڪراچي منتقل ڪيا ويندا، 30,000 ٽن کان وڌيڪ حيدرآباد/ ڄامشورو منتقل ڪيا ويندا جڏهن ته شهيد بينظير آباد ۽ سانگهڙ ۾ پاسڪو جي گودامن ۾ اڳ ئي موجود اسٽاڪ شهيد بينظير آباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن جي ضرورتن لاءِ اتي ئي برقرار رکيو ويندو. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ڪڻڪ جي خريداري لاءِ 23.136 ارب رپيا ۽ ٽرانسپورٽيشن لاءِ 2 ارب رپيا اڳ ئي جاري ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ ٽي سي پي (TCP)ذريعي 0.3 ملين ٽن درآمد ٿيل ڪڻڪ جي خريداري جي به منظوري ڏني وئي ۽ نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ وزارت، ٽي سي پي ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ هڪ ٽرڌري معاهدو ڪرڻ جي اختيار جي منظوري ڏني وئي. ڪابينا سنڌ بئنڪ سان ڪموڊٽي فنانسنگ انتظامن ذريعي ايڊوانس ادائگين پي پي ٻورين جي خريداري ۽ روزاني 5,000 ٽن جي نظرثاني ٿيل پورٽ لفٽنگ ٽارگيٽ جي منظوري ڏني. فوڊ بابت ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي کي اختيار ڏنو ويو ته اها ڪنهن به اضافي مالي وابستگي کان اڳ درآمد ٿيل ڪڻڪ جي حتمي ليندڙ قيمت جي منظوري ڏئي. وڏي وزير چيو ته انهن قدمن جو مقصد ڪڻڪ جي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ اسٽريٽجڪ ذخيرا برقرار رکڻ ۽ صوبي ۾ غذائي تحفظ جو تحفظ ڪرڻ آهي. ڪچي جي زمين جي سروي لاءِ 705 ملين رپيا منظور: ڪابينا بورڊ آف روينيو جي ان تجويز جي منظوري ڏني ته سروي آف پاڪستان ذريعي سنڌ ۾ ڪچي جي زمين جي جامع سروي گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ بنيادن تي 705 ملين رپين جي لاڳت سان ڪرائي وڃي. هي سروي حيدرآباد، سکر لاڙڪاڻو ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي 613 ديهن تي مشتمل هوندي، جنهن ۾ اٽڪل 1.61 ملين ايڪڙ ڪچي جي زمين شامل هوندي. بورڊ آف روينيو ڪابينا کي آگاهه ڪيو ته هن پراجيڪٽ کي اصولي منظوري 31 مارچ 2026ع تي ملي چڪي هئي. بورڊ آف روينيو ۽ سروي آف پاڪستان جي وچ ۾ معاهدي تي جولاءِ ۾ دستخط ڪيا ويا هئا، پر فنانس ڊپارٽمينٽ جي مشوري ڪانپوءِ هي تجويز بيهر ڪابينا ۾ آندي وئي. چاڪاڻ ته هي 15.5 مهينن جو پراجيڪٽ مالي سال 2026ع-27ع تائين هليو ويندو. سروي ۾ سيٽلائيٽ تصويرون، جي آئي ايس (GIS)ميپنگ، جيوڊيٽڪ ڪنٽرول، ڪيڊسٽرل ۽ پارسل ليول ميپنگ، زمين جي استعمال جي جيوٽيگنگ، حدن جي نشاندهي ۽ ملڪيت ۽ زمين جي استعمال جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ شامل هوندي.

بقايا 5 روزاني عبرت

سان اهو ٿاثر ملي ٿو ته هو سنڌ صوبي جي ڳالهه نه پيا ڪن صاف ۽ واضح آهي ته اهڙو ڪو به ڪم نه ڪندا جنهن سان سنڌ صوبي جي ورهاست ٿئي يا هڪ کان وڏيڪ حڪومتون قائم ٿين سنڌ اسيمبلي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته ڪجهه ميمبرن اهو به چيو آهي ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ اسان سنڌ جي ورهاست ڪيئن چاهينداسين. جڏهن ته انتظامي يونٽن جو نالو وٺي منهنجي خيال ۾ هو رڳو ڊرامو ڪرڻ چاهين ٿا. هن چيو ته سنڌ جي ورهاست بابت سنڌ اسيمبلي اڳ به ڇهه پيرا ٺهراءُ منظور ڪري چڪي آهي. جن ۾ واضح فيصلو ڪيو ويو هو ته سنڌ اسيمبلي صوبي جي ڪنهن به قسم جي ورهاست نٿي چاهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڇهن پيرا پوءِ به تسلي نه ٿي آهي ته ستين پيري به ٺهراءُ آڻينداسين. اٺين پيري به آڻينداسين ۽ ضرورت پئي ته سئو پيرا به ان معاملي تي بحث ڪنداسين سعيد غني چيو ته هڪ اهڙو مسئلو جيڪو ٽي وي چئنلن، روڊن ۽ اخبارن ۾ هر هنڌ بحث هيٺ آهي ان تي اسيمبلي ۾ بحث نه ٿيڻ جي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. اسيمبلي ئي اهو فورم آهي. جنهن کي ان معاملي تي فيصلو ڪرڻو آهي. لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ وڏي تبديلي نه پئي ڪئي وڃي صوبائي وزير چيو ته لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ڪا وڏي تبديلي نه پئي ڪئي وڃي ۽ نه ئي ڪو پراڻو نظام واپس اچي رهيو آهي. ڪجهه ترميمن جي تجويز سنڌ ڪابينا جي سامهون آئي هئي جنهن تي هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي وئي آهي. ڪميٽي ٻن ٽن ڏينهن اندر پنهنجي تفصيلي رپورٽ وڏي وزير سنڌ کي پيش ڪندي، جنهن کان پوءِ ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ ان تي غور ڪيو ويندو هن چيو ته تجويز ڪيل ترميمون ڪا وڏي تبديلي ناهن پر ننڍيون موٽيون ترميمون آهن جن سان موجوده نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو سب رجسٽرارن جي ترقي بابت سعيد غني جو موقف سب رجسٽرارن جي ترقي بابت سوال تي سعيد غني چيو ته ان معاملي تي ڪهڙو فيصلو ٿيو آهي ان جي کيس ڄاڻ ناهي البت سندس راءِ بلڪل واضح آهي ته جيڪي ماڻهو ترقي وٺڻ نٿا چاهين. انهن کي يا ته نوڪري ڇڏڻ گهرجي يا ترقي وٺي پنهنجي نوڪري ڪرڻ گهرجي. پنهنجي مرضي سان نوڪري نه ڪرڻ گهرجي. ڪچي جي زمين جو سروي ضروري آهي ڪچي جي زمين بابت ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته سنڌ ۾ ڪچي جي زمين تمام گهڻي آهي ۽ ان جو سروي ٿيڻ ضروري آهي، چاڪاڻ ته ڪيترن ئي هنڌن تي ان جو باقاعده رڪارڊ موجود ناهي هن چيو ته سروي کان پوءِ معلوم ٿي سگهندو ته ڪهڙي هنڌ ڪيتري زمين موجود آهي، ڪيتري زمين تي قبضو آهي ۽ ڪيتري زمين تي ڳوٺ ۽ وسنديون قائم ٿيل آهن. جنهن کان پوءِ ان حوالي سان ڪو فيصلو ڪري سگهجي ٿو احتجاج سڀني جو حق آهي سنڌ پبلڪ سروس جي احتجاج ڪندڙ ملازمن بابت سعيد غني چيو ته پرامن احتجاج ڪرڻ سڀني جو حق آهي، پر اهو ضروري ناهي ته جنهن مقصد لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي، اهو مقصد به احتجاج ڪندڙن جو حق هجي وليڪا اسپتال جي متاثر ٻارن جي خاندانن لاءِ مالي مدد شروع وليڪا اسپتال ۾ ايڇ آءِ وي کان متاثر ٻارن جي خاندانن بابت سعيد غني چيو ته خاندانن جي مدد لاءِ قائم ڪيل اينڊومينٽ فنڊ مان سندن مالي مدد شروع ڪئي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تحت چيف سيڪريٽري سنڌ جي سربراهي ۾ هڪ جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪا معاملي جي جاچ ڪندي. هي ٽين ڪميٽي آهي، جيڪا ان معاملي جي جاچ ڪري رهي آهي سعيد غني موجب اڳ ۾ ڪرايل جاچ ۾ جن 37 ماڻهن کي ذميوار قرار ڏنو ويو هو انهن خلاف ڪارروائي جاري آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

هٿ ڪري 8 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ضلعي مليرپوليس به الڳ ڪارروائي دوران 41 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو ڪاسڪ فورس ڪراچي ۽ وفاقي حساس اداري گڏيل اطلاع تي ڪورنگي انڊسٽريل ايريا جي ٿاڻي جي حدن ۾ گڏيل ڪارروائي ڪئي جنهن دوران آئس ڪيٽامين مختلف ڪيپن ۾ لڪائي اسمگل ڪندڙ منظم بين الاقوامي نيٽ ورڪ جو انڪشاف ٿيو ڪارروائي دوران نذير سومرو جنهن کي مبينا ماسٽر مائنڊ ۽ منشيات جي ڪيپ روانو ڪندڙ ٻڌايو ويو آهي، سميت 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا گرفتار جوابدارن مان شاهد مستوئي گودام جا انتظام سنڀاليندو هو جڏهن ته شيخ خالد منشيات رکڻ لاءِ جاءِ ۽ مقامي ڏيتي ليتي لاءِ بئنڪ اڪائونٽ فراهم ڪندو هو نور خان ۽ گران خان جيڪي افغان چاول ۽ پاڪستاني شناختي ڪارڊ جا حامل ٻڌايا ويا آهن، بلوچستان مان آئس جي فراهمي يقيني بڻائيندا هئا، جڏهن ته ناصر علي آئس جي منتقلي ۾ سهولتڪاري ڪندو هو وڌيڪ جاچ دوران 10 ڪلو آئس جو نمونو فراهم ڪندڙ وڌيڪ ٻن جوابدارن محمد ڪامران مليرڪراچي پوليس ڪانسٽيبل ۽ عبدالله عرف عارف کي پڻ گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن وٽان ٻه پستول پڻ هٿ ڪيا ويا پوليس موجب بلوچستان مان آئس جي فراهمي ۽ حوالا ذريعي رقم وصول ڪرڻ جو ذميوار ٻڌايل شاهه جي ۽ وقار حسين مفرور جوابدارن ۾ شامل آهن گرفتار جوابدارن خلاف ايس آءِ يو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته مفرور جوابدارن ۽ بين الاقوامي نيٽ ورڪ جي بين سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن هوڏانهن ايس ايس پي مليرجي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون دوران قائدآباد پوليس مهراڻ هاءِ وي، چانورن جي گودام موڙ لانڍي مليرپرسان ڪارروائي ڪندي رڪشا سوار ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدارن فقير سعيد ولد گلزار شاهه وٽان 18 ڪلو چرس، جڏهن ته بخت شاد خان ولد نوشاد خان وٽان 23 ڪلو چرس هٿ ڪئي وئي ٻنهي وٽان مجموعي طور 41 ڪلو چرس هٿ ڪئي وئي آهي ٻنهي ڪاررواين ۾ مجموعي طور 91 ڪلوگرام کان وڏيڪ منشيات هٿ ڪئي وئي آهي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڏيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ برسات سبب متاثر علائقن جو دورو ڪيو دوري دوران مختلف علائقن ۾ برسات بعد ٿيل صورتحال پاڻي جي نيڪال جي انتظامن ۽ شهرين جي درپيش مشڪلاتن جو جائزو ورتو ويو هيٺاهين وارن علائقن ۽ رستن تي گڏ ٿيل پاڻي فوري ڪيڻ جي هدايت ڪئي اڱاري ڏينهن پنهنجي هڪ ايڪس پوسٽ ۾ هن چيو ته شهرين جي اڄ وڃ بحال رکڻ ۽ عوام کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن شديد برسات سبب ڪجهه علائقن ۾ نالا ۽ اوورفلو ٿيڻ سان شهرين کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو سي ڊي اي، ميونسپل ڪارپوريشن اسلام آباد انتظاميه ۽ بين لاڳاپيل ادارا فيلڊ ۾ متحرڪ آهن ضلعي انتظاميه کي هدايت ڪئي وئي ته پاڻي جي نيڪالي جي ڪم ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ۽ جتي به پاڻي گڏ آهي اتي فوري ڪارروائي ڪندي شهرين جي مشڪلاتن جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 8 روزاني عبرت

صبح 8 وڳي تائين جاري رهي تيز وسڪاري سبب روڊن ۽ مختلف علائقن ۾ گوڏن تائين پاڻي بيهي ويو آهي راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن رٽائرڊ نديم ناصر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته راولپنڊي ۾ 200 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ٿي چڪي آهي، جيڪا گذريل 3 سالن دوران سڀ کان وڌيڪ برسات آهي هن چيو ته برسات جو سڀ کان وڌو اثر نالي لئي تي پئجي رهيو آهي، جڏهن ته نالي لئي ۾ ڇوڙ ڪندڙ نالا بيڪ فلو ڪري رهيا آهن جنهن سبب پاڻي ٻاهر اچي رهيو آهي سندس چوڻ هو ته اميد آهي ته هڪ ڪلاڪ اندر صورتحال معمول تي اچڻ شروع ٿي ويندي نالي لئي ۾ پاڻي جي سطح بلند ٿيڻ سبب پرياسي جي نالن جو پاڻي آباديءَ ۾ داخل ٿيو آهي، پاڻي جي سطح گهٽ ٿيندي ئي هيٺاهين وارن علائقن مان پاڻي نڪرڻ شروع ٿي ويندو آباديءَ کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ٽيمون هيٺاهين وارن علائقن ڏانهن روانيون ڪيون ويون آهن ڊپٽي ڪمشنر ٻڌايو ته هن وقت ڪنارين ۾ پاڻي جي سطح پنهنجي بلند ترين مقام تي آهي جنهن جو اثر گوالمنڊي تي پئجي رهيو آهي پاڪ فوج ريسڪيو 1122، پي آر اي ۽ سمورا لاڳاپيل متحرڪ ۽ موجود آهن هن چيو ته هن وقت تائين 2 ايمرجنسي ڪالز موصول ٿيون آهن جڏهن ته جن علائقن ۾ پاڻي جمع ٿيو آهي اتي صورتحال معمول موجب آهي هن وڌيڪ چيو ته ٽرپل ون برگيڊ ضلعي انتظاميا سان رابطي ۾ آهي ۽ نالي لئي گوالمنڊي جي پرياسي وارن علائقن ۾ پاڪ فوج کي مقرر ڪيو ويو آهي سمورا ادارا ضلعي انتظاميا جي مدد ڪري رهيا آهن سندس چوڻ هو ته ڪنهن به قسم جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون جڏهن ته ضلعي انتظاميا سان گڏجي هيٺاهين وارن علائقن مان پاڻي ڪيڻ جو آپريشن جاري آهي هن چيو ته تعليمي ادارن ۾ موڪل جو اعلان سٺي وارن علائقن لاءِ ڪيو ويو آهي عام شاهراهن تي به پاڻي جمع آهي جنهن سبب ٻارن کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي سگهي ٿي

بقايا 9 روزاني عبرت

قانون جي حڪمراني ۽ عوام کي بروقت انصاف جي فراهمي سميت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو ته انصاف اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو صرف ڪتابن ۽ عدالتي فيصلن تائين محدود نه هجي، پر عوام کي عملي طور انصاف ٿيندو نظر اچي هر شهري کي بنا ڪنهن فرق جي بروقت انصاف فراهم ڪرڻ رياست جي بنيادي ذميواري آهي هن چيو ته قانون جي حڪمراني ۽ اثرائتو انصاف جو نظام ئي عوام جو رياستي ادارن تي اعتماد مضبوط بڻائي ٿو عوام کي تيز شفاف ۽ بنا فرق جي انصاف فراهم ڪرڻ سان معاشري ۾ قانون تي اعتماد وڌيڪ مستحڪم ٿيندو گورنر سنڌ چيو ته وڪيل برادري آئين جي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ شهرين جي حقن جي دفاع ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي مضبوط رياست لاءِ ضروري آهي ته قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي ۽ هر شهري کي انصاف تائين آسان رسائي حاصل هجي سيد محمد نهال هاشمي چيو ته انصاف ۾ دير عوام جي اعتماد کي متاثر ڪري ٿي جڏهن ته بروقت انصاف ئي حقيقي معنائن ۾ قانون جي بالادستي يقيني بڻائي ٿو ان موقعي تي سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر هارون الرشيد سنڌ جي گورنر جي آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ انصاف جي فراهمي واري عزم کي ساراهيو هن چيو ته عوام کي اهڙو انصاف جو نظام گهربل آهي، جتي کين بروقت انصاف ملي ۽ انصاف ٿيندو به نظر اچي هارون الرشيد وڪيل برادري جي مسئلن جي حل ۽ شهرين جي بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ سنڌ جي گورنر جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو سيد محمد نهال هاشمي چيو ته آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ آزاد ۽ اثرائتي انصاف جو نظام ئي هڪ مضبوط معاشري جي بنياد آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

سطح تائين منتقل ڪرڻ جي حمايت ڪندي چيو آهي ته عوام جي ويجهو فيصلا ڪرڻ سان بهتر حڪمراني ۽ عوام کي وڌيڪ مؤثر خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي هڪ بيان ۾ محمد ميان سومرو چيو ته فيصلا عوام جي ويجهو ڪيا وڃن ته مقامي مسئلن ۽ ضرورتن کي بهتر نموني سمجهي سگهجي ٿو جنهن سان حڪمراني جو نظام وڌيڪ مؤثر ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿي هن وسيلن جي شفاف ۽ منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ لاءِ صوبائي، ضلعي ۽ تعلقي سطح تي فنانس ايوارڊز کي لازمي قرار ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو اڳوڻي نگران وزيراعظم چيو ته وسيلن جي منصفاڻي ورڇ سان ضلعي ۽ تعلقي سطح تي ترقياتي عمل کي وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي ٿو ۽ عوام کي سندن علائقن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي محمد ميان سومرو سرڪاري فنڊن جي درست ۽ شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ آزاد نگراني مسلسل آڊٽ ۽ سخت احتساب جو مطالبو پڻ ڪيو هن چيو ته سرڪاري فنڊن جي استعمال ۾ شفافيت ضروري آهي جڏهن ته نگراني ۽ احتساب جو مؤثر نظام موجود هجڻ سان وسيلن جي غلط استعمال کي روڪي سگهجي ٿو محمد ميان سومرو وڌيڪ چيو ته مضبوط مقامي فيصلا سازي، اختيارن جي منتقلي ۽ مالي احتساب حڪمراني جي معيار ۾ نمايان بهتري آڻي سگهجي ٿي ۽ عوام کي سرڪاري خدمتون وڌيڪ تيزي ۽ مؤثر انداز ۾ فراهم ڪري سگهجن ٿيون

بقايا 11 روزاني عبرت

شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته سنڌ کي پنهنجي ماءُ سمجهون ٿا، سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين اقليتي برادري سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي موجودگيءَ ۾ سنڌ کي ورهائڻ جي ڪا به سازش ڪامياب نه ٿيندي سنڌ جا عوام متحد آهن ۽ ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا هن چيو ته اقليتي برادري جو هر ٻار سنڌ جي ڌرتيءَ سان محبت ڪري ٿو اسان شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي هن ڌرتيءَ تي ڪنهن به قسم جي آنچ اچڻ نه ڏينداسين ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ جا حلالي پٽ پنهنجي ماءُ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا. سنڌ امن پائيچاري، پيار ۽ محبت رواداري واري ڌرتي آهي ۽ هتي رهندڙ سڀني قومون ۽ برادريون سنڌ جي وحدت سان گڏ بيٺل آهن هن چيو ته عوام ۾ نفرتون پيدا ڪندڙ ۽ سنڌ کي ورهائڻ جون سازشون ڪندڙ ماڻهو سنڌ ۽ پاڪستان سان مخلص ناهن سنڌ جي عوام کي ورهائڻ بدران محبت، رواداري ۽ پائيچاري کي هٿي ڏيڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا عوام متحد آهن ۽ سنڌ جي وحدت، امن ۽ سلامتي خلاف ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ صديون کان مختلف مذهبن قومن ۽ برادرين جي ماڻهن کي محبت ۽ پائيچاري سان گڏ کڻي هلندي آئي آهي سنڌ جي سڃاڻپ ئي امن رواداري ۽ محبت آهي ان سڃاڻپ کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان پهچائڻ نه ڏنو ويندو

بقايا 12 روزاني عبرت

مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر اسامه ۽ نرسري ملازم جا بيان قلمبند ڪيا ويا ٻڌڻي دوران ڪميشن پاران پهرين پوسٽ مارٽم رپورٽ، قبر ڪشائي کان پوءِ تيار ڪيل حتمي رپورٽ ۽ واقعي جي مختلف پاسن بابت اهم سوال ڪيا ويا. مير رضا جو پهريون پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر اسامه ڪميشن آڏو پيش ٿيو ۽ بيان رڪارڊ ڪرايو ڊاڪٽر اسامه چيو ته مير رضا جي جسم تي ساڙڻ جا نشان موجود نه هئا، جسم جو رنگ تبديل ٿيل هو جڏهن ته معائني دوران ڪو واضح فريڪچر به نظر نه آيو جوڊيشل ڪميشن ڊاڪٽر اسامه کان پڇاڻو ڪيو ته هن ايم بي بي ايس ڪڏهن مڪمل ڪئي ۽ ميڊيڪو ليگل جي حوالي سان ڪهڙي تربيت حاصل ڪئي؟ ڪميشن اهو به پڇيو ته ايم بي بي ايس دوران ميڊيڪو ليگل تربيت ڏني ويندي آهي يا ڊگري مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪا الڳ تربيت حاصل ڪئي ويندي آهي؟ ڊاڪٽر اسامه ٻڌايو ته هن 2016ع ۾ ايم بي بي ايس مڪمل ڪئي، 2019ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي سروس جوائن ڪئي ۽ 2021ع ۾ پوليس سرجن آفيس جوائن ڪيو ان کان پوءِ پوليس سرجن آفيس طرفان کيس جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ ميڊيڪو ليگل آفيسر مقرر ڪيو ويو. پوسٽ مارٽم جي تجربي بابت سوال تي ڊاڪٽر اسامه چيو ته هو حتمي تعداد نٿو ٻڌائي سگهي، پر هن 100 کان وڌيڪ پوسٽ مارٽم ڪيا هوندا. ڪميشن چيو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته ڊپلوما مڪمل ڪرڻ کان اڳ به توهان پوسٽ مارٽم ڪندا رهيا. ڊاڪٽر اسامه جواب ڏنو ته ڊپلوما مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن تقريبن 30 کان 50 پوسٽ مارٽم ڪيا هوندا.

بقايا 13 روزاني عبرت

کي جهنم حوالي ڪري ڇڏيو 31 آگسٽ تي فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن پشاوري لاءِ غير قانوني چوڪي قائم ڪري اين 40- ڪوئيٽا — تفتان هاءِ وي تي مسافرن جي پرامن آمدرفت ۾ رنڊڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي سيڪيورٽي فورسز فوري رد عمل ظاهر ڪيو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ 11 دهشتگردن کي موقعي تي ئي ماري ڇڏيو دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار گولابارود ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ ڪيو ويو 31 آگسٽ ۽ پهرين سيپٽمبر جي وچ واري رات، فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ دهشتگردن ڪسٽمز هائوس ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ۾ هڪ جامع حملو ڪيو سيڪيورٽي فورسز موثر جوابي ڪارروائي ڪئي ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ 10 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو فرار ٿي ويل دهشتگردن جو به سيڪيورٽي فورسز پيڇو ڪيو

بقايا 14 روزاني عبرت

اڱاري ڏينهن بشڪيڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ملڪي سربراهن واري ڪائونسل جي اجلاس جي موقعي تي آذربائيجان جي پرڏيهي وزير جيحون بايراموف سان ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس موجب ٻنهي طرفن کان پاڪستان ۽ آذربائيجان جي وچ ۾ دوستي ۽ ڀائپي جي مضبوط لاڳاپن جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 15 روزاني عبرت

جي سفير جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو هن تعزيتي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثر پڻ لکيا. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران اڱاري ڏينهن جاري بيان موجب سفارتخاني جي اعليٰ عملدارن وقتي صدر جو استقبال ڪيو. سيد يوسف رضا گيلاني پنهنجي تاثرات ۾ شاهه هيرالڊ پنج جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 16 روزاني عبرت

امداد. ماڻهن جي منتقلي پاڻي جي نيڪال ۽ شهرين جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڏکي گهڙي ۾ عوام سان گڏ بيهڻ ۽ کين بروقت امداد فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ذميواري هجڻ گهرجي. ڪنهن به شهري کي موسمي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيندي بي يار و مددگار نه ڇڏيو وڃي هن چيو ته اسلام آباد جي پرياسي ۽ راولپنڊي جي پسگردائي وارن گهوٽائن علائقن جا رهواسي پڻ حڪومتي توجهه ۽ امداد جا منتظر آهن شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ هر سياسي مصلحت کان مٿانهون هجڻ گهرجي پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته برسات ۽ ٻوڏ صوبن يا سياسي وابستگين ۾ فرق نٿا ڪن. تنهن ڪري هر متاثر شهري کي بنا ڪنهن فرق جي امداد فراهم ڪرڻ ضروري آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته موسمياتي بحران جي وڌندڙ شدت ۽ تسلسل هڪ قومي چئلينج بڻجي چڪو آهي هن چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ۽ نمائشي قدمن بدران پائيدار انتظام ڪرڻا پوندا. هن چيو ته موسمياتي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ مؤثر اڳواٽ تياري، مضبوط انفراسٽرڪچر پاڻي جي نيڪال جو مؤثر نظام ۽ مربوط ڊزاسٽر مينيجمينٽ ناگزير آهن

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ڪسٽمز هائوس تي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائڻ ۽ ڪوئيٽا — تفتان هاءِ وي تي دهشتگردن پاران غيرقانوني چيڪ پوسٽ قائم ڪري مسافرن جي چرپر متاثر ڪرڻ جون ڪوششون ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

آپريشنز ۾ فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي 21 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم ڪسٽمز هائوس تي دهشتگرد حملي ۾ ڪسٽمز جي 2 آفيسرن ۽ هڪ اهلڪار سميت 6 بهادر جوانن جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 19 روزاني عبرت

۽ پيٽروليم واري وزارت جي اسپيشل سيڪريٽري مرزا ناصرالدين مشعود احمد ۽ آمريڪي ناظم الامور نيٽلي اي بيڪر خاص مهمان طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ او جي ڊي سي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد حيات لک سميت او جي ڊي سي ۽ بيڪر هيوز جي اعليٰ قيادت پڻ موجود هئي ميجور ايسنس سوليوشنز اهڙن قائم ٿيل تيل ۽ گئس جي فيلڊز مان وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون، جتي قدرتي طور پيداوار ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي معاهدي تحت بيڪر هيوز پنهنجي فني مهارت، جديد ٽيڪنالاجي ۽ گڏيل صلاحيتن کي استعمال ڪندي او جي ڊي سي کي پراڻن اثاثن مان پيداوار وڌائڻ جا موقعا ڳولڻ ۽ درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد فراهم ڪندي

بقايا 20 روزاني عبرت

کي گرفتار ڪيو زخمي ملزمن کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب زخمي ملزمن جي سڃاڻپ عرفان پٽ اسلم جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته گرفتار ملزمن جي سڃاڻپ اشرف پٽ جوهر ۽ سلمان پٽ ناٿيڪ حسين جي نالي سان ٿي آهي گرفتار ٿيل ملزمن کان گولين سان گڏ ٻه پستول موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي اقبال مارڪيٽ پوليس سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات اورنگي ٽائون جي سيڪٽر 11:30 تي واقع اقبال مارڪيٽ مان مبينا مقابلي کان پوءِ هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو زخمي ڦورو کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب زخمي ٿيل ڦورو جي سڃاڻپ محمد امتياز پٽ محمد مرتضيٰ جي نالي سان ٿي آهي، جڏهن ته گرفتار ٿيل ڦورو وٽان گولين سان گڏ هڪ پستول هڪ موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي آهي نيو ڪراچي پوليس سيڪٽر 11/ I ڊگري ڪاليج جي ويجهو هڪ مبينا مقابلي کانپوءِ هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

بقايا 21 روزاني عبرت

ضلعي انتظاميه جي ترجمان مطابق متاثر علائقن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو عمل يقيني بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر جي نگراني هيٺ سينيٽيشن اسٽاف به پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ سرگرم آهي هن ٻڌايو ته ڪجهه علائقن ۾ پاڻي جو وهڪرو جاري آهي جنهن کي نظر ۾ رکندي شهرين کي احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي ضلعي انتظاميه شهرين کي غير ضروري چُرپُرمحدود رکڻ جي درخواست ڪندي چيو آهي ته ڪنهن به هنگامي صورتحال جي صورت ۾ انتظاميه کي آگاهه ڪيو وڃي

بقايا 22 روزاني عبرت

ٿي پيو پرڏيهي ميڊيا لبنان جي سرڪاري خابرو اداري جي حوالي سان ٻڌايو ته گذريل ڏينهن ڏکڻ لبنان ۾ نباطيه جي حبوس علائقي ۾ اسرائيلي بمر ڦاٽڻ سان هڪ نوجوان چوڪرو محمد علي ابراهيم جنهن جو والد پڻ اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿي چڪو آهي شهيد ٿي ويو آهي واقعو اٽلي جي گادي واري هنڌ روم ۾ لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ ڳالهين جي ستين دور جي بحالي ڪانپوءِ پيش آيو

بقايا 23 روزاني عبرت

جو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايس پي دادو کان واقعي جي تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي وزير داخلا سنڌ ضياء الحسن لنجار هدايت ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪنهن به صورت ۾ قانون هٿ ۾ کڻندڙن کي ڇوٽ نه ڏني وڃي هن چيو ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ پوليس پاران اثرائتا قدم کنيا وڃن.

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪراچي مقصود احمد ميمڻ 6 مهينن جي ڪورس لاءِ روانو ٿي ويو آهي مقصود احمد ميمڻ جي 6 مهينن جي ڪورس تي روانگي ڪانپوءِ سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن ڪراچي جو اضافي چارج ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان علي بلوچ حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

موجب گلبرگ ۾ فيڊرل بي ايريا جي بلاڪ 13 ۾ واقع هڪ بنگلي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ نوجوان فوت ٿي ويو پوليس کي اطلاع ملندي ئي اهي موقعي تي پهتا ۽ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ثبوت گڏ ڪيا ۽ لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو ايس ايڇ او گلبرگ فرزاد شيخ چيو ته متوفي جي سڃاڻپ 20 سالن جي شيراز جي نالي سان ٿي آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

تحفظ لاءِ لياري ٽائون جي مختلف علائقن ۾ موجود خسته حال عمارتن کي فوري طور ڊاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ايس بي سي اي SBCAموجب مجموعي طور 8 خطرناڪ هنڌن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن مان هن وقت ٻن هنڌن تي ڊاهڻ جي باقاعده ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. پلاٽ نمبر 3940، گهڙي نمبر 6، دريا آباد، لياري (G+4)تي ڊاهڻ جو ڪم روزانو صبح 9:30 وڳي کان شام 5:10 وڳي تائين جاري رهندو

بقايا 27 روزاني عبرت

سان قتل ڪيو ويو اهلسنت والجماعت جي ترجمان ڪارڪن جي ٽارگيٽ ڪلنگ جي سخت مذمت ڪئي آهي ۽ جوابدار جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي تفصيل موجب نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا جي سيڪٽر اليون ايف ۾ موٽرسائيڪل سوار جوابدارن جي فائرنگ ۾ 35 سالن جو سلمان سخت زخمي ٿي پيو کيس نازڪ حالت ۾ آغا خان اسپتال نيو ويو جتي هو علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ فوري طور تي ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪري واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪيا، جڏهن ته علائقي جا رهواسي وڏي تعداد ۾ واقعي واري هنڌ تي گڏ ٿي ويا.

بقايا 28 روزاني عبرت

کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب پوليس ٻڌايو ته جوابدار عورت ذهني طور تي پريشان نظر اچي رهي هئي پوليس ڏوهاري عورت کي فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو چاڪاڻ ته هن چاقو زمين تي رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو اتي موجود ماڻهن پوليس کي ٻڌايو ته عورت وٽ ٻه وڏا چاقو هٿن ۾ هئا، ماڻهن کي ڌمڪايو ۽ پوءِ انهن تي حملو ڪيو

بقايا 29 روزاني عبرت

زوردار ڌماڪي سبب 8 ٻارن سميت 11 ڄڻا فوت ٿي ويا ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڀارتي رياست اتر پرديش جي ضلعي ڪوشامبي ۾ ڦٽاڪن جي هڪ غيرقانوني فيڪٽري ۾ زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 8 ٻارن سميت 11 ماڻهو ٿڏي تي فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا

بقايا 30 روزاني عبرت

هڪ هزار کان به وڌيڪ ويون ۽ هزارين ماڻهو اجا تائين لاپتا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق نيپال جي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اداري جي اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو ته 3900 کان وڌيڪ ڄڻا اجا تائين گم آهن جن ۾ 600 کان وڌيڪ اهڙا ڪارڪن به شامل آهن جن جي باري ۾ خيال آهي ته هو ترشولي درياهه جي ڪناري هائيڊرو پاور پراجيڪٽس جي ٻوڏ سبب مٽي سان ڀرجي وڃڻ وارين سرنگن جي وسيع نيٽ ورڪ ۾ ڦاٿل آهن انجينئرز انهن سرنگن ۾ هوا پهچائڻ لاءِ پمپ استعمال ڪري رهيا آهن هڪ امدادي ٽيم هڪ سرنگ ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

بقايا 31 روزاني عبرت

کي سينٽرل بورڊ آف فلمز سينسرز جون اهم ذميواريون ڏنيون ويون آهن اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت پاڪستان حڪومت انفارميشن گروپ جي 20 گريڊ جي سينيئر آفيسر محمد عاصم کهچي کي سينٽرل بورڊ آف فلمز سينسرز اسلام آباد بابت اهم ذميواريون ڏنيون ويون آهن محمد عاصم کهچي هڪ تجربيڪار ۽ باصلاحيت آفيسر آهي ۽ سندس نئين ذميواري کي اهم انتظامي اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

دهشتگرد ٻه طرفا فائرنگ ۾ مارجي ويو ۽ 2 دهشتگرد فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مارجي ويل دهشتگرد پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان جو ڪارڪن آهي تفصيل موجب سي ٽي ڊي سول لائن آپريشن ۽ وفاقي حساس اداري جي اهلڪارن آچر ۽ سومر جي وچ واري رات خداداد ڪالوني فٽبال گرائونڊ ويجهو دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڇاپو هنيو جڏهن دهشتگردن انڌاڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني سي ٽي ڊي جي آفيسرن ۽ اهلڪارن به مورچا بند ٿي ڪري ۽ ملزمن تي جوابي فائرنگ ڪئي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ دهشتگرد سخت زخمي ٿي پيو

بقايا 33 روزاني عبرت

نتيجي ۾ نوجوان عرفان علي شيخ ولد عاشق علي قتل ٿي ويو آهي مقتول نوجوان سبحان الله ريسٽورينٽ جي مالڪ جو پٽ آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو گهر ۾ پيش آيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي پوليس موجب ابتدائي رپورٽ مطابق واقعو ذاتي نوعيت جو معلوم ٿئي ٿو لياقت آباد ٿاڻي جي حد لياقت آباد نمبر 5 ۾ منصوري مسجد جي ويجهو گهر جي ڇت جي ڳرل سان ٽنگيل 32 کان 35 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو اورنگي ٽائون جي علائقي مومن آباد بجلي نگر جي ويجهو ڪم جي دوران مشين ۾ اچي مزدور محمد شاهد ولد اورنگزيب خان فوت ٿي ويو مومن آباد ٿاڻي جي حد ملڪ چوڪ جي پرسان جهيڙي جي دوران ڏنڊن جي وار سان عدنان ولد گل سعيد قتل ٿي ويو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

حڪمراني ۽ ناانصافين جو سلسلو ختم ٿيڻ گهرجي اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪري مڪاني ادارن کي مضبوط بڻائڻ ضروري آهي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو صوبائي وزير مڪاني حڪومت سيد ناصر حسين شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نثار کهڙي آئيني طريقيڪار تحت رستو اختيار ڪيو آهي اچو ته اتحاد ساڻ پيغام ڏيون ته سنڌ ورهائجي نه سگهندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ جي ورهاڱي ۽ سنڌو ديش خلاف قرارداد گڏجي منظور ڪئي وڃي ۽ سنڌو ديش جي ڳالهه ڪندڙن خلاف به ايوان متحد ٿي پيغام ڏئي

بقايا 35 روزاني عبرت

سيپٽمبر تي ٿيندڙ هڙتال جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ڪراچي بند ٿيندو ته سڄو پاڪستان بند ٿيندو هن چيو ته حڪومت پيٽروليم ليوي جي نالي تي عوام کان اربين رپيا وصول ڪري رهي آهي جڏهن ته پيٽرول جي قيمتن ۾ ٿيندڙ اضافو الڳ معاملو آهي گورنر هائوس ٻاهران جماعت اسلامي جي ڌرڻي جي 17هين ڏينهن واپاري اڳواڻن سان گڏ تاجر ڪنوينشن کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪمران چونڊن کان اڳ چون ٿا ته آءِ ايم ايف جا غلام نه ٿينداسين پر اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ آءِ ايم ايف جي پروگرام ۾ شامل ٿي وڃن ٿا ملڪ ۾ آءِ ايم ايف جو 24هون پروگرام هلي رهيو آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

کي به اعتراض نه هجڻ گهرجي نثار احمد کهڙي حڪومت تي ڪنهن به قسم جي دٻاءُ جي ترديد ڪندي چيو ته ون يونٽ پاڪستان جي تباهي جو سبب بڻيو هو چيو ته چار صوبن کي گڏ ڪري ون يونٽ ڊاهڻ ۽ اوير پاڪستان سان برابري قائم ڪرڻ سبب محرومي جو احساس وڌيو جنهن جو نتيجو نيٺ اڌ پاڪستان وڃائڻ جي صورت ۾ نڪتو

بقايا 37 روزاني عبرت

اڪيلائي ۾ رکڻ خلاف درخواستون ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري ورتيون آهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اهي درخواستون نصرت پٽو ۽ بيگم شميم آفريدي ڪيسن جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ ٻڌڻي لاءِ منظور ڪيون درخواستن بابت فيصلو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس خادم حسين سومرو ٻڌايو عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان ۽ بشريٰ بي بي بابت مبشره خاور مانيڪا عدالت سان رابطو ڪيو هو عدالت اڊيالا جيل اختيارين کي بشريٰ بي بي سان عمران خان جي ملاقات ڪرائڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته عمران خان کي جيل قانونن موجب پنهنجي گهرڀاتين سان ملاقات ڪرائڻ جو به حڪم ڏنو ويو عدالت چيو ته عمران خان کي سندس ٻچن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي سهولت پڻ ڏني وڃي فيصلي موجب جيڪڏهن عمران خان جي آڊيو رڪارڊ ڪري ان جو غلط استعمال ڪيو ويو ته اها سهولت واپس وٺي سگهجي ٿي عدالت وڌيڪ حڪم ڏنو ته اڳوڻي وزيراعظم کي روزاني بنياد تي اخبارون ۽ ڪتاب فراهم ڪيا وڃن جڏهن ته جيل رولز موجب طبي سهولتون پڻ مهيا ڪيون وڃن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي ته بشريٰ بي بي کي پڻ اڪيلائي ۾ نه رکيو وڃي عدالت جيل اختيارين کان 15 ڏينهن اندر حڪمن تي عملدرآمد بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

وسيلن جي ورڇ، اختيارن ۽ بلدياتي نظام بابت ضرور ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي اعجاز سواتي چيو ته سنڌ جي ڌرتي تي رهندڙ هر ماڻهو چاهي پختون هجي پنجابي، ڪشميري، سنڌي، بلوچ يا اردو ڳالهائيندڙ سڀ سنڌي آهن هن چيو ته جيڪڏهن لاهور ۾ ويٺل ڪو ماڻهو سنڌ جي ورهاڱي جو راڳ الاپيندو ۽ هتي ويٺل ڪجهه ماڻهو ان تي ناچ ڪندا ته سنڌ جا پٽ خاموش نه ويهي تماشو نه ڏسندا. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جي سازش ڪندڙن کي نسيم حجازي جي ناولن مان نڪري اچڻ گهرجي. سنڌ جا پٽ پنهنجي ڌرتي جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا. اسان قلم به کڻنداسين ۽ تلوار به کڻنداسين پر سنڌ جو ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين اعجاز سواتي چيو ته سنڌ ڌرتي ورهائي نٿي سگهجي. سنڌ جا پٽ پنهنجي ڌرتي جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وسيلن جي ورڇ، اختيارن جي منتقلي روزگار ۽ بلدياتي نظام بابت ڳالهائڻ گهرجي. پر سنڌ جي ورهاست تي ڪا ڳالهه نه ٿيندي اعجاز سواتي چيو ته هو پاڻ سوات سان واسطو رکندڙ يوسفزئي پختون آهي. پر ڪراچي ۾ پيدا ٿيو ۽ سنڌ جي مٽيءَ جو قرضدار آهي. ان ڪري پاڻ کي سنڌي سڏي ٿو

بقايا 39 روزاني عبرت

تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته صوبن کي انتظامي يونٽ چوڻ آئين آهي. جيئن ڪالاباغ جو نالو انڊس ڊيم رکڻ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف پليجي چيو ته رشوت کي خرچ پاڻي کي منٿلي ۽ لجالت کي زيادتي سڏڻ جهڙيون سازشون بند ڪيون سنڌين کي جاهل نه سمجهو اوهان کي سڃاڻون ٿا

اطلاع عام

پاران منقولهعمران احمد خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم افتخار احمد خان شناختي ڪارڊ نمبر 4220163927241 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عمران احمد خان (پٽ) 2. طوبيٰ خان (ڌيءَ) 3. حنا اقبال (ڌيءَ) 4. ازبان احمد خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسلميٰ نظام /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نظام الدين خان شناختي ڪارڊ نمبر 4250115454731 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلميٰ نظام (زوج) 2. سبين احمد (ڌيءَ) 3. افشين غفران (ڌيءَ) 4. بشريٰ نادر (ڌيءَ) 5. فائزه ڪامران (ڌيءَ) 6. محمد سلمان خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعبرين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم اظهر علي شناختي ڪارڊ نمبر 4330174262183 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. منير احمد جونيجو (پيءُ) 2. ياسمين (ماءُ) 3. عبرين (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
SHIKARPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمعشوق علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مولابخش شناختي ڪارڊ نمبر 4420582810891 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ظهور حسين (پٽ) 2. قادر بخش (پٽ) 3. تاج بي بي (زوج) 4. نثار احمد (پٽ) 5. شهزادي (ڌيءَ) 6. معشوق علي (پٽ) 7. گلزار احمد (پٽ) 8. ڪاشف (پٽ) 9. شڪيلا (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
SANGHAR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمداد اقبال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زيتون بانو ميمن شناختي ڪارڊ نمبر 4200003712158 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمداد اقبال (پٽ) 2. محمد اقبال ميمن (زوج) 3. محمد فهد اقبال (پٽ) 4. محمدسعد اقبال (پٽ) 5. حنا عارف (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسيد فهيم احمد بخاري /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيد بلال احمدبخاري شناختي ڪارڊ نمبر 4220182730013 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد نديم احمد بخاري (پٽ) 2. سيدعاصم احمد بخاري (پٽ) 3. سيد وسيم احمد بخاري (پٽ) 4. سيد فهيم احمد بخاري (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهميرفرقان علي ٽالپور /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مير غلام الله ٽالپر شناختي ڪارڊ نمبر 4230199717271 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نصرت ٽالپور (زوج) 2. ميرفرقان علي ٽالپور (پٽ) 3. مير رميز ٽالپر (پٽ) 4. زبيه بتول (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
NRC EPO KARACHI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعبدالغني /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد ياسين شناختي ڪارڊ نمبر 4200003976867 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عبدالغني (پٽ) 2. عائشه ياسين (ڌيءَ) 3. جميله (زوج) 4. حنا حفيظ (ڌيءَ) 5. صباء ياسين (ڌيءَ) 6. عمير ياسين (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمرچنٽ شهناز /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سليم رضا شناختي ڪارڊ نمبر 4200003937873 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مرچنٽ شهناز (زوج) 2. محمد رضا (پٽ) 3. حسنين رضا (پٽ) 4. مهدي عباس (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA , NORTH NAZIMABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد صبيح /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مبينه بانو شناختي ڪارڊ نمبر 4230122263540 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد صبيح (پٽ) 2. رخسار نذير (ڌيءَ) 3. رمشاء (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفيصل ستار ممباني ميمن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالستار ممباني شناختي ڪارڊ نمبر 4140962556449 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نورجهان بيگم (زوج) 2. اربيلا رحمان (ڌيءَ) 3. فيصل ستار ممباني ميمن (پٽ) 4. امبرين ستار (ڌيءَ) 5. فياض ستار ممباني ميمن (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
THATTA ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنويد الزمان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم وقار الزمان شناختي ڪارڊ نمبر 4200004415267 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ارم ڪامران (ڌيءَ) 2. صائمه تسنيم عارف (ڌيءَ) 3. نويد الزمان (پٽ) 4. نيلم طاهر (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهرياض احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نياز احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4220145364685 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. رياض احمد (ڀاءُ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشهزاد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمدعلي شناختي ڪارڊ نمبر 4410109992683 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شهزاد علي (پٽ) 2. بما (ڌيءَ) 3. عافيه تبسم (ڌيءَ) 4. آصفه (ڌيءَ) 5. آسيه تبسم (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
DIGRI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشاهده عارف /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد عارف شناختي ڪارڊ نمبر 4210164736765 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نگهت سلطانه (ڀيڻ) 2. محمد آصف (ڀاءُ) 3. محمد واصف (ڀاءُ) 4. شاهده عارف (زوج) 5. ماريه عارف (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعاطف لطيف /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبداللطيف شناختي ڪارڊ نمبر 4200005469763 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نصرت لطيف (زوج) 2. عاطف لطيف (پٽ) 3. محمد عمر لطيف (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشوڪت علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نظام الدين شناختي ڪارڊ نمبر 4310526888879 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. پيروزان خاتون (زوج) 2. مبارڪان (ڌيءَ) 3. شوڪت علي (پٽ) 4. برڪت علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
SHIKARPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهبشريٰ اقبال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اقبال شناختي ڪارڊ نمبر 4410341004691 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حسنين (پٽ) 2. بابيل احمد (پٽ) 3. مهرين (ڌيءَ) 4. عشاء (ڌيءَ) 5. بشريٰ اقبال (زوج) 6. مقدس بي بي (ڌيءَ) 7. بلال احمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهوقاص ويائي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالرزاق ويائي شناختي ڪارڊ نمبر 4220152724569 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ناياب بشير (ڌيءَ) 2. وقاص ويائي (پٽ) 3. خديجه آصف صالح (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنُرو ڪمار /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم پيتو مل شناختي ڪارڊ نمبر 4130339181651 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ميران ٻائي (زوج) 2. نُرو ڪمار (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING ONEAPP

URAAN PAKISTAN
تو شاہیں ہے پرواز ہے کام تیرا
PID(I)2072/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
پاٽيءَ کي سياست جو هٿيار نہ بڻايو وڃي!
صفحو 4

واحد پارس هيسباڻي
نون صوبن وارو مامرو ۽ سنڌ جو شديد ردعمل!
صفحو 4

اسلام آباد جا چوڏهن ٻار ۽ سنڌ
محمد خان ابڙو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 02 سيپٽمبر
صفحو 4

حيدرآباد ۾ واسا ملازمن جي احتجاج کي ٻہ مهينا مڪمل اختيارين کي ڪن تي جوءِ بہ نہ سُري

واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 60 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ملازم 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن، نوٽيس وٺي حق ڏياريو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 60 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر اللہ محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو،ان موقعي تي هنن چيو تہ حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو تہ 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو تہ ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو تہ اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ وزير بلديات کي اپيل ڪئي تہ مامري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ملڪ جي پنج ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي سنکيو مليل زهريلو پاڻي واپرائڻ تي مجبور

سوئس فيڊرل انسٽيٽيوٽ آف ايڪواٽڪ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي تحقيقي رپورٽ ۾ انڪشاف

پاڪستان جي سٺ کان ستر فيصد آبادي جو زير زمين پاڻي تي گذارو آهي، جنهن ۾ سنکئي جو تعداد وڌيڪ آهي: تحقيقي رپورٽ

عالمي اداري صحت ڊبليو ايڇ او هڪ ليٽر پاڻيءَ ۾ سنکيو جي ڏهہ مائيڪرو گرام کان وڌيڪ مقدار کي خطرناڪ قرار ڏنو آهي

سپوڏيرو(رپورٽ: فقير محمد عباسي) پاڪستان جي پنج ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي زهريلي ڪيميائي عنصر سنکئي تي مشتمل زير زمين پاڻيءَ استعمال ڪرڻ جي ڪري خطري ۾ مبتلا ٿي وئي آهي آمريڪي خبر رسان اداري ايسوسي ايٽڊ پريس اي پي جي هڪ رپورٽ مطابق ايواگ جي نالي سان مشهور سوئس اداري سوئس فيڊرل انسٽيٽيوٽ آف ايڪواٽڪ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي تحقيق ۾ اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ پاڪستان ۾ تقريبن اٺ ڪروڙ اسي لک ماڻهو اهڙن علائقن ۾ رهن ٿا جتي زير زمين پاڻيءَ ۾ سنکيو شامل آهي، محققن ملڪ جي تقريبن ٻارنهن سو کان وڌيڪ جڳهن تان زير زمين پاڻي جا نمونا حاصل ڪيا ۽ تحقيق ڪري ٻڌايو تہ پاڪستان جي سٺ کان ستر فيصد آبادي جو زير زمين پاڻي تي گذارو آهي جڏهن تہ ملڪ جي پنج ڪروڙ يا هڪ اندازي مطابق ڇهہ ڪروڙ ماڻهو ممڪن طور تي سنکيو جا متاثر آهن ايواگ جي تحقيق ڪار جوئيل پوڊ گورسڪي جو چوڻ آهي تہ فوري طور تي درياهہ سنڌ سان لاڳاپيل علائقن ۾ تمام کوهن جي پاڻيءَ جي جاچ جي ضرورت آهي واضح رهي تہ اهڙي طرح جي سنکيو جا نمونا ڀارت جي درياءَ گنگا ۽ بنگلاديش جي درياءَ برهما پترا جي طرفن مان زير زمين پاڻيءَ مان حاصل ڪيا ويا آهن تحقيق ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي تہ سنکيو عمومي طور تي زير زمين ٿيندو آهي ۽ گذريل ڪجهہ سالن جي دوران پاڪستان سميت جنوبي ايشيائي ملڪن جي هڪ گهڻي آبادي زير زمين پاڻيءَ جو استعمال وڌائي ڇڏيو آهي، عالمي اداري صحت ڊبليو ايڇ او هڪ ليٽر پاڻيءَ ۾ سنکيو جي ڏهہ مائيڪرو گرام کان وڌيڪ مقدار کي خطرناڪ قرار ڏنو آهي جڏهن تہ پاڪستان مان حاصل ڪيل پاڻيءَ جي نمونن ۾ ان جي مقدار ڪافي ڀيرا وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي سنکيو جي استعمال سان انساني خليات ختم ٿي وڃن ٿا، جنهن ڪري چمڙي، دل ۽ ٻين عضون کي بيمارين سميت ڪينسر جو مرض بہ لڳي سگهي ٿو جڏهن تہ سنکيو جي زهر جو اڃان تائين علاج ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي قائد اعظم يونيورسٽي جي شعبي ماحولياتي سائنس جي اسسٽنٽ پروفيسر جو چوڻ آهي تہ انهيءَ نئين تحقيق ۾ ورتل نمونن جو تعداد گهٽ ٿي سگهي ٿو جنهن جي ڪري نتيجا واضح ناهن اڻ اعتراف ڪيو تہ انهي تحقيق ملڪ ۾ اڀرندڙ سنکيو جي اهم مسئلي طرف ڌيان ڇڪايو آهي ليڪن ٻارنهن سو پاڻي جا نمونا نتيجو حاصل ڪرڻ جي لاءِ تمام گهٽ آهن ريسرچ ان واٽر ريسورسز جي سربراهہ جو چوڻ آهي تہ پاڪستان جي لاءِ هنگامي مسئلو آهي جنهن تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ ان محڪمي اقوام متحده جي ٻارڙن فنڊ جي تعاون سان انتهائي متاثر علائقن ۾ آينٽي سنکيو فلٽر پلانٽ لڳائي رهيا آهن تعلقي سپوڏيرو جي مختلف شهرن جهڙوڪ راڻي پور دراڙا شريف، سڳيون، سمي نواڙو سميت ٻين شهر ۽ ڳوٺن ۾ پاڻيءَ جي جاچ ٿيڻ گهرجي جنهن مان معلوم ٿيندو تہ هتي سنکيو جو تعداد ڪيترو آهي هتي بہ فلٽر پلانٽ لڳائڻ جي ضرورت پڻ آهي.

ميهڙ جي شهباز ڪالوني ۾ پٽ ڪرڻ سبب معصوم ٻارڙو ملبي هيٺان دٻجي فوت

ٻارڙو گهر پرسان موجود هو تہ اوچتو پٽ ڪرڻ سبب هو ملبي هيٺان دٻجي ويو، وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

پٽ ڪرڻ جو آواز ٻڌي علائقي جا ماڻهو واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ ملبي کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي

علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ فوتي ٻارڙي جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪندا رهيا

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي شهباز ڪالوني ۾ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي اوچتو پٽ ڪرڻ سبب معصوم ٻارڙو عزيز سولنگي پٽ جي ملبي هيٺان اچي فوت ٿي ويو اوچتو پيش آيل حادثي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن تہ فوتي ٻارڙي جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ذريعن موجب ٻارڙو گهر پرسان موجود هو تہ اوچتو پٽ ڪرڻ سبب هو ملبي هيٺان دٻجي ويو پٽ ڪرڻ جو آواز ٻڌي علائقي جا ماڻهو واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ ملبي کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ٻارڙي کي ملبي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هو فوت ٿي چڪو هو معصوم ٻارڙي جي اوچتي فوت ٿيڻ جي خبر گهر پهچڻ شرط وارثن تي قيامت صغريٰ برپا ٿي وئي ۽ گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ فوتي ٻارڙي جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪندا رهيا.

مورو جي سنڌ ڪالوني ۾ ٻہ هفتہ اڳ گهر تي مبينا حملي خلاف بک هڙتال

هڪ نوجوان کي زخمي ۽ انصاف نہ ملڻ واري عمل خلاف علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

پيرل سيال جي گهر تي بنا جواز چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي وئي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو شهر جي سنڌ ڪالوني ۾ ٻہ هفتہ اڳ گهر تي مبينا حملو ڪري فائرنگ ڪرڻ، هڪ نوجوان کي زخمي ۽ انصاف نہ ملڻ واري عمل خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن جي اڳواڻي پيرل سيال، محمد حسين سيال، علي حسن سيال، سڄڻ سيال، بشير سولنگي، قومپرست اڳواڻ خادم چانڊيو، عباس کوکر، ياسين سومرو، ڪامريڊ فريد ڪلهوڙو، عابد ڪلهوڙو، وقار سيال ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. اڳواڻن جو چوڻ هو تہ پيرل سيال هڪ غريب پورهيت آهي جنهن جي گهر تي بنا جواز چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي وئي جنهن سندس پوٽي علي رضا سيال کي زخمي ٿيو جنهن واقعي کي ٻہ هفتا گذري چڪا آهن پر ڪو تدارڪ ناهي. محمد حسين سيال چيو تہ مان واپاري آهيان پوليس اهلڪار گلبهار کوسو ڏي منهنجا ڪاروباري جا پئسا آهن جيڪي گهر ڪيا تہ ان ڏينهن بجاءِ گهر تي پوليس اهلڪار ذيشان جيسر ۽ ٻين سان فائٽر گاڏين تي اچي حملو ڪرايو آهي اسان پوليس جي بالا آفيسرن کي نالا ڏنا آهن پر هن وقت تائين ڪيس داخل ناهي ڪيو ويو. قومپرست اڳواڻن چيو تہ هي ڪهڙو قانون آهي تہ جيڪو محافظ ڪاتي ساڻ جڙيل هجي اهو اهڙي ريت ورتاءُ ڪن ۽ بي پهچ ماڻهن جي گهرن تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي وڃي ۽ خوف ڦهلايو وڃي ۽ انهن خلاف ڪو بہ ادارو قدم نہ کڻي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ عوام غير محفوظ بڻجي چڪي آهي. اسان ظالم خلاف ڀرپور آواز اٿاري ظلم ڪندڙن خلاف هر محاذ تي بيهنداسين. هنن وس وارن ادارن کان مطالبو ڪيو تہ مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن پوليس اهلڪارن کي هٽائي ڪيس داخل ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

مورو پيرل سيال جي گهر تي بنا جواز چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڏگهڙي ميرپور خاص روٽ تي هلندڙ مسافر گاڏين جون من مستيون

وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ خلاف آواز اٿارڻ تي مسافر ۽ سندس معذور نياڻي سان بدتميزي

مذڪوره ڪوسٽر جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: لجپت راءِ

ڏگهڙي وڌيڪ ڀاڙو وٺڻ ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر پاران بدتميزي ڪرڻ خلاف لجپت راءِ مهيشوري ڏگهڙي پريس ڪلب ۾ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيو آهي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ميرپور خاص روٽ تي هلندڙ مسافر ڪوسٽر ۾ مبينا طور تي وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ ۽ احتجاج ڪندڙ مسافر ۽ سندس معذور نياڻي سان بدتميزي ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي ڏگهڙي واسي لجپت راءِ مهيشوري ڏگهڙي پريس ڪلب پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي الزام هنيو آهي تہ هو اڳاري ڏينهن پنهنجي آءِ ٽي انجنيئر اسپيشل نياڻي سان گڏ ميرپورخاص کان ڏگهڙي اچي رهيو هو تہ ڪوسٽر جي ڪنڊيڪٽر مقرر ڪيل 200 رپين جي بدران في مسافر 250 رپيا ڀاڙو وصول ڪيو هن چيو تہ وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪرڻ تي جڏهن هن احتجاج ڪيو ۽ باقي رقم واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو تہ ڪوسٽر جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر مبينا طور تي ساڻس بدتميزي ڪئي ۽ سندس اسپيشل نياڻي جو بہ لحاظ نہ ڪيو لجپت راءِ مهيشوري موجب، احتجاج ڪرڻ تي ڪيس مبينا طور تي ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون ۽ چيو ويو تہ جيڪڏهن باقي رقم جو ٻيهر مطالبو ڪيو ويو تہ کيس ڪوسٽر مان لاهي گاڏي مٿان چڙهائي ويندي هن لاڳاپيل اختيارين ضلعي انتظاميا ۽ ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي (آر ٽي اي) کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو فوري نوٽيس وٺي مذڪوره ڪوسٽر جي ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جڏهن تہ ڏگهڙي ميرپورخاص روٽ تي مبينا طور وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف پڻ ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي تہ جيئن مسافرن کي اهڙي قسم جي زيادتي ۽ بدسلوڪي کان بچائي سگهجي

مورو ويجهو ڳوٺ فقير علي بخش ڪوسو جي رهواسين جو مظاهرو

13 مهينا اڳ جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي وڏو ظلم ڪيو ويو: مختيار ڪوسو

منهنجي پيرسن پيءُ محمد علي ڪوسو کي قتل ڪري مون کي زخمي ڪيو ويو

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ فقير علي بخش ڪوسو جي رهواسين مختيار علي ڪوسو محبوب ڪوسو خالد اختر ڪوسو انور علي ڪوسو ارباب علي ڪوسو اعجاز علي ڪوسو دين محمد ڪوسو غلام سرور ڪوسو ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪري مورو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي جتي مختيار ڪوسو چيو تہ 13 مهينا اڳ جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي وڏو ظلم ڪيو ويو مختيار علي ڪوسو چيو تہ منهنجي گهر ۾ جوابدارن گهڙي منهنجي پيرسن پيءُ محمد علي ڪوسو کي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري مون کي شديد زخمي ڪيو ويو منهنجي غير موجودگي ۾ غلط ڪيس داخل ڪرايو ويو ۽ منهنجي طبيعت ٺيڪ ٿيڻ بعد مون ڪورٽ سڳوري ۾ والد جي قاتلن تي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي آهي ڪجهہ جوابدارن ضمانت ڪرائي آهي باقي روپوش آهن جن مان اسان کي جاني خطرو آهي هن الزام هڻندي چيو تہ جيڪي منهنجي سؤٽن ۽ مون کي مسلسل ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ظلم بہ مون سان انهن ڪيو آهي جنهن سبب دربدر مان آهيان هنن چيو تہ جيڪا ڪالهہ استاد حاڪم قرآن پاڪ کڻي ڳالهہ ڪئي آهي اهو سراسر غلط ڪوڙ آهي هو اسان کي انصاف ڏيارڻ بجاءِ ناانصافي ظلم ڪري رهيا آهن مسلسل انصاف لاءِ آواز اٿاري رهيا آهيون پر ڪير ٻڌڻ وارو ناهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان ڪوسو کي اپيل تہ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي گرفتار ڪري مون مظلوم سان انصاف ڪيو وڃي.

مانجهند ۾ سڪرنڊ مان چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مانجهند(ن ع)مانجهند ۾ سڪرنڊ جي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينيئر ڪارڪن ممتاز ڪيريو جي موٽرسائيڪل مختيارڪار سڪرنڊ جي آفيس مان چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس نہ ٿيڻ خلاف ڪارڪنن محرم علي خاصخيلي سهيل احمد پٽي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ سڪرنڊ جي پارٽي ڪارڪن اي سي سڪرنڊ ۽ مختيارڪار سڪرنڊ يقين پڻ آهي پر موٽر سائيڪل واپس ناهي ٿي سگهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ ڪن مهينن کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ باوجود، مسلسل پنڌ ڪرڻ ۽ بار بار ياد ڏيارڻ باوجود موٽرسائيڪل رڪور نہ ٿي سگهي.اسان ڊي آءِ جي کان مطالبو ڪيون ٿا تہ انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ 10 سيپٽمبر تي سڪرنڊ ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

مسڻ وڏي جي گهڻ رخي شخصيت ڊاڪٽر عبدالرحمان لغاري لاڏاڻو ڪري ويو

مسڻ وڏي (ن ع) مسڻ وڏي جي گهڻ رخي شخصيت ڊاڪٽر عبدالرحمان لغاري ڪجهہ بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم معذور ۽ بيمارن جي اين جي اوز ڪريمي فائونڊيشن جو جنرل سيڪريٽري هو پاڻ مسڻ ۾ بلوچ آرٽ سرڪل جو بنياد وجهي مسڻ ۾ اسٽيج ڊراما ڪري انهي جي آمدني مان مين سنڌي پرائمري اسڪول جي عمارت ٺهرائي ۽ ڪيترائي ثقافتي پروگرام ڪيا مرحوم مسڻ ۾ تعليم لاءِ وڏو ڪم ڪيو پاڻ مسڻ ۾ ڪي جي اسڪول کوليو ڪريمي فائونڊيشن پاران مختلف وقتن تي ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون مرحوم وڏو سياح هو گهمڻ ڦرڻ جو شوقين هو پورو پاڪستان کان علاوه انڊيا سميت ڪيترائي ملڪ گهميا مرحوم جي پوئينرن ۾ سندس پٽن ۾ ڊاڪٽر الطاف لغاري شهزاد پيو لغاري ۽ امتياز شامل آهن سندس اڪيلي نياڻي ڊاڪٽر افشان لغاري شامل آهي سندس لاڏاڻي جو ٻڌي عمرڪوٽ، ميرپورخاص، جهول ٽنڊوالهيار ،دولت لغاري ۽ چمبڙ جي رهواسين پرياسي جا سوين ڳوڻاڻا پهچي ويا جنازي نماز ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سميت لغاري برادري ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪيس مسڻ وڏي جي عبداللہ فقير قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻي طرف ڊاڪٽر الطاف لغاري ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو شروع ٿي ويو

ڪارلوس الڪاراز جي 4 مهينن کانپوءِ شاندار واپسي، يو ايس اوپن مينز سنگلز ۾ فاتحانہ شروعات ڪندي ٻي رائونڊ ۾ داخل

نيو يارڪ (اي پي پي) اسپين جي مشهور ٽينس اسٽار ۽ دفاعي چيمپئن ڪارلوس الڪاراز يو ايس اوپن ٽينس ٽورنامينٽ ذريعي هٿ جي زخم مان صحتياب ٿي 4 مهينن کانپوءِ يو ايس اوپن ٽينس ٽورنامينٽ ذريعي شاندار واپسي ڪئي آهي 23 سالن جي هسپانوي ٽينس اسٽار ڪارلوس الڪاراز مردن جي سنگلز مقابلن جي شروعاتي رائونڊ ميچ ۾ پنهنجي روسي مخالف رانديگر رومن سيفيولن کي شڪست ڏئي نہ صرف ميگا ايونٽ ۾ فاتحانہ شروعات ڪئي پر ٻئي رائونڊ لاءِ بہ ڪواليفائي ڪري ورتو پرڏيهي ميڊيا موجب هلندڙ سال جي چوٿين ۽ آخري گرينڊ سلام يو ايس اوپن ٽينس ٽورنامينٽ جا دلچسپ مقابلا نيويارڪ ۾ جاري آهن آرٿر ايش اسٽيڊيم ۾ کيڏيل مردن جي سنگلز مقابلن جي شروعاتي ميچ ۾ اسپين جي ڪارلوس الڪاراز شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي روسي مخالف رومن سيفيولن کي اسٽريٽ سيٽس ۾ 6-4، 6-4 ۽ 6-4 سان شڪست ڏئي ٻئي رائونڊ ۾ جاءِ ٺاهي ورتي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ ڪريم داد لاشاري واسين جو احتجاج

آرا مشين تي ويٺا هئاسين تہ روڊ جي مزدورن اچي ڌمڪيون ڏنيون: ولي محمد

اسان کي ۽ آرا مشين مستري وزير سومرو کي ڌمڪيون ڏنيون ويون تہ رات اسان توهان جا مهمان آهيون

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ ڪريم داد لاشاري واسي پيءُ پٽ زوار ولي محمد ۽ شاهنواز لاشاري پريس ڪلب ۾ اچي دانهيندي ٻڌايو تہ اسان صبح پنهنجي آرا مشين تي ويٺا هئاسين تہ تعمير ٿيندڙ روڊ جا مزدور احسان علي انڙ نصيب انڙ حسنين انڙ ۽ ثناءُ اللہ انڙ ۽ ٻين اچي چيو تہ توهان اسانجي همراهن کان ڪاٺ ڇو ورتو آهي توهان ڪنهن کان اجازت ورتي. جنهن تي اسان هنن کي چيو تہ اسان پيسا ڏيئي ڪاٺ ورتو آهي توهان ان باري ۾ اسان کان پڇا ڇو ٿا ڪيو توهان وڃي انهن کان پڇا ڪيو جن ڪاٺ اسان کي کپائي ڏنو آهي جنهن تان همراهہ آپي مان نڪري مچرجي پيا ۽ اسان کي مارڪٽ ڪري ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. ۽ ويندي ويندي اسان کي ۽ آرا مشين مستري وزير سومرو کي ڌمڪيون ڏئي ويا تہ رات اسان توهان جا مهمان آهيون. هنن وڌيڪ چيو تہ مذڪوره ماڻهون روڊ جو ڪاٺ ۽ پلين جو لوهہ چوري ڪري کپائيندا رهندا آهن. پاڻ ۾ حصي پتي تان وڙهي پيا آهن. هي جهيڙا خور ۽ ڏاڏائي قسم جا ماڻهون آهن اسان کي هنن مان خطرو آهي رات جو ڪنهن وقت ب حملو ڪري نقصان پهچائي سگهن ٿا. هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي مورو جي اختيارين کي اپيل ڪئي تہ روڊ جو ڪاٺ ۽ لوهہ جي چورن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

ڪوٽڙي ڪبير ڳوٺ ڪريم داد لاشاري واسين احتجاجي مظاهرو ڪندي

دولت پور صفڻ ۾ نصرت ملاح جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

مقتولا جي مڙس شمن ملاح کي جاچ بهاني گم ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

عورت بہ اسان جي قتل ٿي آهي ماڻهون بہ اسان جا گرفتار ڪيا پيا وڃن: مظاهرين

دولت پور صفڻ (ن ع) هڪ مهينو اڳ دولت پور پرسان ڳوٺ صفڻ ملاح ۾ جهيڙي دوران قتل ٿيل عورت 4 ٻارن جي ماءُ مسمات نصرت زال شمن ملاح جا قاتل گرفتار نہ ڪرڻ ۽ قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ مقتولا جي مڙس شمن ملاح کي جاچ بهاني دولت پور پوليس گم ڪرڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب دولت پور آڏو جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻ ڪامريڊ نظير احمد ڏاهري ۽ ملاح برادري جي ماڻهن مختيار علي ملاح اصغر ملاح ماجد ملاح راجا ملاح ۽ ٻين دولت پور پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو تہ دولت پور پوليس رنگاري بڻجي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو تہ عورت بہ اسان جي قتل ڪئي وئي آهي ۽ ان جي قتل ۾ ملوث جوابدارن صاحب ملاح علي گل ملاح شهزور ملاح کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ شمن ملاح کي پوليس گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي آخر ۾ هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي عورت بہ اسان جي قتل ٿي آهي ماڻهون بہ اسان جا گرفتار ڪيا پيا وڃن هنن وڌيڪ چيو تہ معاملي جي صحيح طريقي سان جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ شمن ملاح کي آزاد ڪيو وڃي

دولت پور صفڻ نصرت ملاح جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

استاد بخاري گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج دادو ۾ جشنِ ميلاد النبي صہ جي تقريب

حضور اڪرم صہ جي مبارڪ زندگي اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهي: پروفيسر رشيد احمد

حضور پاڪ صہ جي ولادتِ باسعادت جي ذڪر سان دلين ۾ محبت، عقيدت ۽ روحاني خوشي پيدا ٿئي ٿي

دادو(ن ع) استاد بخاري گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج دادو ۾ جشنِ ميلاد النبي صہ جي پروقار تقريب، استاد بخاري گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج دادو ۾ حضور اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي ولادت باسعادت جي خوشيءَ ۾ جشنِ ميلاد النبي صہ جي هڪ پروقار ۽ روحاني تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مقصد حضور پاڪ صہ جي بارگاهہ ۾ درود ۽ سلام پيش ڪرڻ، سيرتِ طيبہ کي اجاگر ڪرڻ ۽ شاگردن ۾ عشقِ رسول صہ اخلاقي قدرن ۽ ديني شعور کي فروغ ڏيڻ هو. تقريب ۾ ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت حافظ سمير احمد حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ذيشان علي نعت رسول صہ ۽ شايان علي حمدِ باري تعاليٰ پيش ڪري محفل کي روحاني رنگ بخشيو.جڏهن تہ شاگردن محمد مصطفيٰ علي حيدر سعيد عامر پنهنجي تقريرن ذريعي حضور اڪرم صہ جي سيرتِ پاڪ، اخلاقِ حسنہ، تعليمات ۽ امت لاءِ ڏنل پيغام تي روشني وڌي.ان موقعي تي پروفيسر رشيد احمد خطاب ڪندي چيو تہ حضور اڪرم صہ جي مبارڪ زندگي اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهي. جيڪڏهن اسان پاڪ ڪريم صہ جي تعليمات ۽ سيرت طيبہ تي عمل ڪريون تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. هن چيو تہ موجوده دور ۾ انسان مختلف سماجي ۽ اخلاقي مسئلن ۾ گهيريل آهي تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجي زندگيءَ کي قرآن پاڪ ۽ سيرتِ رسول صہ جي تعليمات مطابق بڻايون هن شاگردن کي تلقين ڪئي تہ هو پنهنجي والدين ۽ استادن جو احترام ڪن نماز جي پابندي ڪن ۽ قرآن ڪريم جي تعليم حاصل ڪن.ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ حضور اڪرم صہ جي ولادت باسعادت سڄي انسانيت لاءِ رحمت ۽ هدايت جو عظيم پيغام کڻي آئي جشنِ ميلاد النبي صہ جو مقصد صرف خوشيءَ جو اظهار نہ پر پاڪ ڪريم صہ جي سيرت، اخلاق، محبت، رواداري انصاف ۽ انسانيت لاءِ ڏنل عظيم تعليمات کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ پڻ آهي. پروفيسر غلام فاروق لنڊ چيو تہ حضور پاڪ صہ جي ولادتِ باسعادت جي ذڪر سان دلين ۾ محبت، عقيدت ۽ روحاني خوشي پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان لاءِ اصل ڪاميابي اها آهي تہ پنهنجي عملي زندگيءَ کي سيرتِ طيبہ جي روشنيءَ سان سنواريون.

دادو استاد بخاري گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج دادو ۾ جشنِ ميلاد النبي صہ جي تقريب جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

شهر مختلف علائقن مان 11 جوابدار گرفتار، ڪچو شراب ۽ هٿيار برآمد

جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو ويو

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ٽنڊو محمد خان پوليس ايس ايس پي جاويد سومار ميمڻ جي حڪمن تي شهر مان منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري رکندي مختلف شهر مختلف علائقن مان 11 جوابدار گرفتار ڪري انهن 30 ليٽر ڪچو شراب وڏي مقدار ۾ مين پڙي هڪ موٽر سائيڪل سميت 30 بور جي پسٽول ۽ ٽي عدد گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي ۽ ٻي طرف شهر جي آس پاس جي علائقن مان ارشد علي ملاح آزاد علي ملاح باري مينگهواڙ،شاهہ زيب خاصخيلي نواز حاجاڻي،چنو ڪولهي،غلام مصطفيٰ ملاح ڪيل جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري کين جيل موڪليو ويو آهي.

سڪرنڊ ۾ ٻہ ڪلو ميٽر جي نئين روڊ مڪمل ٿيڻ تي افتتاحي تقريب

پيپلز پارٽي هميشہ عوامي ڀلائي وارن ڪمن کي اهميت ڏني آهي: غلام علي چانڊيو

پ پ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو عمل ڪري تعلقہ سڪرنڊ ۾ رستن جو جار وڇايو آهي

سڪرنڊ (ن ع) ايم پي اي غلام قادر چانڊيو پاران سنڌ سرڪار جي مليل اسڪيم تحت ڪلفٽن هوٽل کان قومي شاهراهہ ڏانهن لڳ ڀڳ ٻہ ڪلو ميٽر جي نئين روڊ مڪمل ٿيڻ تي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ رئيس غلام علي چانڊيو انور علي خاصخيلي محسن لاکو حاجي مراد علي ملاح نياز لاشاري، تاج محمد مگسي ۽ غلام نبي ملاح سميت ڪئي شخصيتون موجود هيون روڊ جو افتتاح دعا سان ڪيو ويو دعا سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جن ڪرائي ان موقعي تي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جي ڀاءُ غلام علي چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پيپلز پارٽي هميشہ عوامي ڀلائي وارن ڪمن کي اهميت ڏني آهي هيءَ اسڪيم پڻ ان جو حصو آهي هن وڌيڪ چيو تہ روڊ ۽ رستا ترقيءَ جو ضامن هوندا آهن جنهن تي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو عمل ڪري تعلقہ سڪرنڊ ۾ رستن جو جار وڇايو آهي افتتاحي تقريب ۾ رضا محمد سيال عبداللطيف ملاح بشير لاشاري، احسن رضا پٽي ۽ محمد اسحاق ملڪ ۽ ذيشان ملڪ شريڪ هئا ان کان اڳ

سڪرنڊ ۾ انصاري ۽ پرهياڙ برادري ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو

اسين امن پسند شهري آهيون انصاري برادري بہ قابل عزت ۽ شريف شهري آهن: غلام محمد پرهياڙ

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر ۾ انصاري ۽ پرهياڙ برادريءَ جي نوجوانن وچ ۾ هلندڙ جهيڙي واري تڪرار جي نبيري بعد فيصلي جي امين حاجي علي نواز چانڊيو جي ڏنل فتويٰ بعد فيصلي تي عمل ڪرڻ جي پهرين مرحلي ۾ انصاري برادري ڪائونسلر اصغر انصاري جي اڳواڻيءَ ۾ شهر جي معزز شخصيت سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي کي پاڻ سان گڏ وٺي پرهياڙن جي تڏي تي پهتي جتي پرهياڙ برادري پاران وفد کي مان ڏنو ويو ان موقعي تي غلام محمد پرهياڙ ڳالهائيندي چيو تہ اسين امن پسند شهري آهيون انصاري برادري بہ قابل عزت ۽ شريف شهري آهن پر ڪن نوجوانن تي نظر رکڻ گهرجي ۽ کين تعليم ۽ ڪاروبار ۾ مصروف رکڻ گهرجي تہ جيئن هو ڪنهن بہ غير اخلاقي سرگرمين کان پاسيرو رهن هن وڌيڪ چيو تہ اسان بہ ان امڪان کان پنهنجن نوجوانن کي ٻين شهرن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو آهي جنهن تي قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي موجوده حالتون ۽ نوجوانن جا جذبات ماڻهن کي ڪنهن بہ وڏي پريشاني ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا ان ڪري انصاري برادري هجي يا پرهياڙ برادري، سولنگي برادري هجي يا ڪا ٻي برادري سڀ قابل عزت آهن آخر ۾ غلام محمد پرهياڙ اهو پڻ چيو تہ حاجي علي نواز چانڊيو پاران ڏنل فتويٰ تي قائم آهيون ان جي فيصلي تي مڪمل عمل ٿيڻ گهرجي وفد ۾ صلاح الدين انصاري، انجنيئر احمد انصاري ۽ علي رضا انصاري سميت ٻيا پڻ شامل هئا.

شاهہ مراد شگر ملز پاران ڪمند جي آبادگارن جي رهنمائي ۽ في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ بابت آگاهي سيمينار

ڪمند جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگارن کي جديد طريقن سان گڏ ٽيڪنالاجي اختيار ڪرڻي پوندي: زرعي ماهر

مناسب وقت تي پوکائي، پاڻي جي بهتر انتظام ۽ ڀاڻن جي متوازن استعمال سان ڪمند جي پيداوار ۾ نمايان اضافو آڻي سگهجي ٿو

ڪمند جي فصل جي بهتر سنڀال ڪئي وڃي تہ في ايڪڙ 25 سئو مڻ تائين پيداوار حاصل ڪرڻ جو هدف ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

ملاڪاتيار (رپورٽ: عطا مگريو) شاهہ مراد شگر ملز پاران ڪمند جي آبادگارن جي رهنمائي ۽ ڪمند جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ جي حوالي سان مختلف زميندارن وٽ شاندار زرعي سيمينار منعقد ڪيا ويا، جنهن ۾ زرعي ماهرن، شگر ملز انتظاميا ۽ مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ سابق ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ۽ زرعي ماهر ڊاڪٽر رسول بخش جوڻيجو جنرل مئنيجر ڪين محمد يوسف اعوان، اسسٽنٽ جنرل مئنيجر ڪين ۽ ڊولپمينٽ محمد اقبال اسسٽنٽ جنرل مينيجر ڪين اعجاز علي زرداري، اسسٽنٽ جنرل مينيجر ڪين محمد سومار راهو محمد عثمان مهيري، ڪين مينيجر عبدالرزاق شورو، ڪين مينيجر ڊولپمينٽ ممتاز علي لغاري، ڪين مينيجر عبدالرسول مگسي، غلام قادر پچو جميل ميتلو سميت ٻلڙي شاهہ ڪريم جا آبادگار حاجي محمد ابراهيم ڪاتيار حاجي آمون ڪاتيار حاجي گل محمد ڪاتيار سيد جواد علي شاهہ حاجي عبدالسلام ڪاتيار غلام مرتضيٰ ڪاتيار حاجي گل محمد لاشاري، حاجي نظير احمد لاشاري، گلشير جماري، وڏيرو ساڄن سومرو ڏاڏو يوسف جهرڪو، محمد قاسم ڪوڪر، محمد جمن خاصخيلي ۽ ٻيا موجود هئا. ان موقعي تي زرعي ماهر ڊاڪٽر رسول بخش جوڻيجو آبادگارن کي خطاب ڪندي چيو تہ ڪمند جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگارن کي جديد طريقن سان گڏ جديد زرعي طريقا ۽ سائنسي ٽيڪنالاجي اختيار ڪرڻي پوندي، زمين جي بهتر تياري، معياري ٻج جي چونڊ، مناسب وقت تي پوکائي، پاڻي جي بهتر انتظام ۽ ڀاڻن جي متوازن استعمال سان ڪمند جي پيداوار ۾ نمايان اضافو آڻي سگهجي ٿو ڊاڪٽر رسول بخش جوڻيجو چيو تہ جديد زرعي اصولن تي عمل ڪندي ڪمند جي فصل جي بهتر سنڀال ڪئي وڃي تہ في ايڪڙ 25 سئو مڻ تائين پيداوار حاصل ڪرڻ جو هدف ممڪن بڻائي سگهجي ٿو هن آبادگارن تي زور ڏنو تہ فصل جي بيمارين ۽ نقصانڪار جيتن کان بچاءَ لاءِ وقت سر قدم کڻن ۽ زرعي ماهرن جي مشورن تي عمل ڪن سيمينار دوران آبادگارن کي ڪمند جي فصل جي بهتر پيداوار زمين جي زرخيزي برقرار رکڻ، پاڻي جي مناسب استعمال، آبپاشي جي جديد طريقن، معياري ٻج جي چونڊ ۽ فصل جي بيمارين کان بچاءَ بابت تفصيلي آگاهي پڻ ڏني وئي. شاهہ مراد شگر ملز جنرل مئنيجر ڪين محمد يوسف اعوان چيو تہ اهڙن سيمينارن جو مقصد آبادگارن کي جديد زرعي ڄاڻ ۽ فني رهنمائي فراهم ڪرڻ آهي جيئن ڪمند جي پيداوار ۽ معيار ۾ بهتري آڻي آبادگارن کي وڌيڪ معاشي فائدو پهچائي سگهجي شاهہ مراد شگر مل جي مالڪن جي ڪوشش رهي آهي تہ آبادگار ڀائرن کي بنا وياج تي ڪمند جي پوکائي لاءِ ٻج، ڀاڻ ۽ ٻيون سهولتون ڏئي سگهون شاهہ مراد جي پاليسين تي علائقي جا آبادگار خوش ۽ مطمئن آهن اسان جي مالڪن جي ڪوشش آهي تہ ڪمند جي نئين جنسون آنديون وڃن جنهن سان آبادگارن کي پاڻي جي کوٽ سان گڏوگڏ ٻوڙ ۾ ڪمند بيهڻ جي سگهہ رکي سگهي. سيمينار ۾ شريڪ آبادگارن شاهہ مراد شگر ملز پاران اهڙي معلوماتي ۽ رهنمائي واري پروگرام کي ساراهيندي چيو تہ زرعي ماهرن پاران ڏنل عملي مشورا ڪمند جي فصل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ انتهائي فائديمند آهن معزز مهمانن جي شاندار مهمان نوازي سيمينار جي پڄاڻي تي حاجي محمد ابراهيم ڪاتيار ۽ حاجي گل محمد ڪاتيار پاران آيل سڀني معزز مهمانن ۽ آبادگارن جي مان ۽ مهمان نوازي طور کين روايتي سنڌي لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا، جڏهن تہ شرڪت ڪندڙن لاءِ پرتڪلف لنچ جو پڻ بندوبست ڪيو ويو ان موقعي تي مهمانن حاجي محمد ابراهيم ڪاتيار ۽ حاجي گل محمد ڪاتيار پاران ڪيل خلوص محبت ۽ شاندار مهمان نوازي کي ساراهيندي سندن ٿورا مڃيا جڏهن تہ شاهہ مراد شگر مل انتظاميا پاران تعلقي ٻلڙي شاهہ ڪريم جي نالي وارن زميندارن ڏناواهہ اسٽاپ سيد وقاص شيرازي تي پروگرام ڪيا ويا ۽ زميندار ڀائرن کي آگاهي فراهم ڪئي وئي

ملاڪاتيار شاهہ مراد شوگر ملز طرفان سيمينار منعقد ڪيو ويو

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن اڄ جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 20 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 20 هزار ڪيوسڪ رهيو ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 24 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 24 هزار 500 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 13 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 13 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 20 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 8 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهہ ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 66 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 42 هزار 800 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو.گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد هڪ لک 89 هزار 800 ڪيوسڪ ڇوڙ هڪ لک 57 هزار 800 ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد هڪ لک 69 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 16 هزار 100 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد هڪ لک 77 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ هڪ لک 34 هزار 900 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1550 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.580 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1220.00 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.582 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمہ بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 648.50 فوٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.285 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو

ڏگهڙي پريس ڪلب پاران لالا مرزا خان کان ڦر جي مذمت

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب پاران حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس (دستور) جي صدر لالا مرزا خان سان هٿيارٻندن پاران هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ليپ ٽاپ، روڪ رقم اهم دستاويز ۽ ٻيو سامان ڦر ڪرڻ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي آهي ڏگهڙي پريس ڪلب جي صدر آغا روز امان مرغزاني سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي، چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي اشفاق احمد اشفي سينيئر نائب صدر زوار سيد بشير شاهہ نقوي جنرل سيڪريٽري توفيق سردار راجپوت، جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف قائمخاني نائب صدر يونس راجپوت، فنانس سيڪريٽري وڏيرو فيض محمد رمداڻ، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار قائمخاني، پريس سيڪريٽري وسيم قريشي، آفيس سيڪريٽري جاويد خاصخيلي ۽ ٻين صحافين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ان کي صحافتي برادري لاءِ انتهائي ڳڻتي جوڳو قرار ڏنو آهي ڏگهڙي پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ صحافين ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي متاثر صحافي کي انصاف فراهم ڪيو وڃي هنن چيو تہ جيڪڏهن واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار نہ ڪيو ويو تہ صحافي برادري احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ تي مجبور ٿيندي

نواب ولي محمد مان کنيل شاگرد 30 ڪلاڪن بعد آزاد

دولت پور صفڻ (ن ع) دولتپور لڳ نواب ولي محمد مان پوليس هٿان کڻي گم ڪيل يارهين ڪلاس جو شاگرد 30 ڪلاڪن بعد آزاد، وارثن ۾ خوشي جي لهر نواب ولي محمد شهر مان پوليس اهلڪارن پاران مبينا طور خانگي ڪپڙن ۾ ملبوس ٿي يارهين ڪلاس جي شاگرد خالد حسين ولد قربان ڳبول کي کڻي ويا هئا جنهن بعد شاگرد بابت وارثن کي ڪابہ ڄاڻ نہ ڏني وئي شاگرد جي گمشدگيءَ کي 30 ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود سندس آزادي نہ ٿيڻ تي وارثن ۽ ڳبول برادريءَ ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي ان سلسلي ۾ ڳبول برادريءَ جي معزز شخصيت پ پ اڳواڻ واحد بخش ڳبول جن واقعي بابت اڳوڻي صوبائي وزير سردار خان محمد ڏاهري ۽ پ پ تعلقہ قاضي احمد صدر حاجي خالدحسين آرائين جن کي اطلاع ڏنوجن فوري طور واقعي جو نوٽيس ورتو.واحدبخش ڳبول جن ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو تہ پ پ تعلقہ قاضي احمد صدر مسلسل رابطي ۾ رهيو ۽ ان سان گڏوگڏ اڳوڻي صوبائي وزير سردار خان محمد ڏاهري پاران نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ نوابشاهہ پوليس يارهين ڪلاس جي شاگرد خالد ولد قربان ڳبول کي آزاد ڪري ڇڏيو.شاگرد جي آزاديءَ بعد وارثن مطالبو ڪيو آهي تہ شاگرد کي کڻي وڃڻ واري واقعي جي صاف شفاف جاچ ڪري ذميوار اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙا واقعا ٻيهر پيش نہ اچن

ڪڪڙ ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل ڪڪڙ طرفان عيد ميلاد النبي صہ جي محفل

حضور اڪرم صہ جي حياتِ طيبہ اسان لاءِ بهترين نمونو آهي: علامہ عمران نجفي

نعت خوانن ۽ شاگردن بارگاهہ رسالت مآب صہ جي عقيدت ۽ محبت جا گل نڇاور ڪيا

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر جي ٻهر پاڙي ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل ڪڪڙ طرفان جشنِ عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ فقير فياض حسين جوڻيجو جي ميزباني هيٺ محفل ميلاد منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شيعا اڳواڻ علامہ عمران علي نجفي خصوصي خطاب ڪيو. محفل ۾ انجمن قلندري شيعا ڪائونسل جي مرڪزي صدر سيد عنايت علي شاهہ زوار امتياز علي ڪنڀر نجم الدين جوڻيجو سجاد منگي ،گل حسن نوداڻي، عبدالحميد نوداڻي، زوار جوڻيجو شمن برهماڻي ۽ اسڪول جي شاگردن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. محفل دوران سڪندر علي سمون سميت ٻين نعت خوانن ۽ شاگردن بارگاهہ رسالت مآب صہ جي عقيدت ۽ محبت جا گل نڇاور ڪندي خوبصورت نعتون ۽ درود ۽ سلام پيش ڪيو ان موقعي تي علامہ عمران نجفي خطاب ڪندي چيو تہ حضور اڪرم صہ جي حياتِ طيبہ اسان لاءِ بهترين نمونو آهي. اسان کي گهرجي تہ اسان نبي ڪريم صہ جي تعليمات تي عمل ڪندي پنهنجي زندگين کي سنواريون ۽ شاگردن توڙي شاگرديائين ۾ پڻ محبت رسول صہ اخلاق، نظم ۽ ضبط ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو اجاگر ڪيون. هن چيو تہ اهڙيون بابرڪت محفلن جي انعقاد جو مقصد نئين نسل کي سيرتِ طيبہ صہ ۽ اسلامي تعليمات کان روشناس ڪرائڻ آهي تہ جيئن ٻار حضور اڪرم صہ جي تعليمات کي پنهنجي عملي زندگي جو حصو بڻائن. محفل جي اختتام تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، ترقي، خوشحالي ۽ امتِ مسلمہ لاءِ خاص دعا گهري وئي.

سنڌ هڪ آهي ۽ رهندي، پ پ جو موقف چٽو آهي: نويد قمر

نون صوبن بابت قومي اسيمبلي، سينيٽ جي اندر ڪو بہ اشو پيدا نہ ڪيو ويو آهي

ٻيهر سنڌ اسيمبلي ورهاڱي واري مطالبي کي رد ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پيش ڪري سگهي ٿي



ٽنڊو محمد خان پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٽنڊو محمد خان(ن ع) ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ ايم اين اي سيد نويد قمر صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن بابت بحث مباحثي جي پيش ڪيل رٿ جو قرارداد سان پيش ڪري ٿي سگهجي سنڌ هڪ آهي ۽ رهندي، پ پ جو موقف عوام جي آڏو ظاهر ٿيل آهي جنهن ۾ ڪا بہ رد وبدل نہ ڪئي وئي آهي هن چيو تہ نون صوبن بابت قومي اسيمبلي سينيٽ جي اندر ڪو بہ اشو پيدا نہ ڪيو ويو آهي صرف ايوانن کان ٻاهر ان تي بحث مباحثو ڪيو پيو وڃي جنهن لاءِ پيپلز پارٽي جي قيادت جي گڏيل مشوري تحت سنڌ اسيمبلي جي ايوان جي اندر ان تي بحث جو موقعو فراهم ڪرڻ سان سنڌ جي ورهاڱي واري غلط مطالبي کي ڪو بہ فائدو ٿي نہ سگهندو جنهن جي ڪري ان سوچ کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جي رٿ صرف اصل حقيقتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي وئي آهي تہ جيئن ان جي مخالفت ۽ حمايت ۾ ڪير اڳيان اچي ٿو ۽ ڪير رهجي وڃي ٿو سنڌ اسيمبلي اڳ بہ سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪيو آهي ٻيهر سنڌ اسيمبلي ورهاڱي واري مطالبي کي رد ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پيش ڪري سگهي ٿي، وفاقي حڪومت سان اتحاد قائم آهي پر اتحاد ۾ شامل هجڻ سان گڏ پيپلزپارٽي عوامي مفادن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ پنهنجو موقف هميشہ چٽو رکيو آهي جنهن ۾ اختلاف راءِ رکڻ جمهوريت جو حصو آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جمهوريت جي بالا دستي لاءِ عملي طور قومي سياست کي هميشہ ترجيح ڏني آهي جنهن جي ڪري اختلافن کي تضاد ۾ تبديل ڪرڻ جي هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو انهي موقعي تي ٽنڊو محمد خان جي مختلف سرڪاري اسڪولن، صحت جي مرڪزن جي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو ويو.

مقصودورند ۾ بابو چن شاخ جي پڇڙي جي آبادگارن جو احتجاج

آرڊي 52 واٽر ڪورس کي بند ڪري نئون واٽر ڪورس 56 آرڊي کي کوٽرايو پيو وڃي: آبادگار

شاخ جي پڇڙي ۾ اڳي ئي پاڻي ناهي وري ايريگيشن پاران نئون واٽر ڪورس کوٽرايو پيو وڃي

مقصودورند بابو چن شاخ جي پڇڙي جو آبادگار احتجاج ڪندي

مقصودورند(ن ع) بابو چن شاخ جي پڇڙي جي آبادگارن محمد حسن لاکو ذوالفقار علي رند ۽ ٻين شاخ مان غير قانوني واٽر ڪورس کوٽرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ايريگيشن عملي منڍ جي بااثر زميندارن سان ملي ڀڳت ڪري ڳري رشوت عيوض بابو چن شاخ جي آرڊي 52 واٽر ڪورس کي بند ڪري هاڻي نئون واٽر ڪورس 56 آرڊي کي کوٽرايو پيو وڃي جيڪو اسان پڇڙي جي آبادگارن سان وڏو ظلم آهي شاخ جي پڇڙي ۾ اڳي ئي پاڻي ناهي وري ايريگيشن پاران نئون واٽر ڪورس کوٽرايو پيو وڃي جيڪو اسان پڇڙي وارن سان وڏي ناانصافي آهي هنن وڌيڪ چيو تہ اسان جي اپيل آهي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان حڪومت ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي تہ نااهل ايريگيشن عملي خلاف سخت

سڪرنڊ ۾ چانڊوڪي رات ۾ ڪونج ريسٽورينٽ تي ڪچهريءَ جو اهتمام

"چار گهڙيون چنڊ ٻارن سان" واري ڪچهريءَ ۾ ڪافي ڪجهہ معلومات حاصل ٿي: نعمت آرائين

چاهيون ٿا شهر جا ذڪر ڪيل مسئلا حل ٿيڻ گهرجن پر ان ۾ شهرين کي پنهنجو ڪردار ڪرڻو پوندو

سڪرنڊ (ن ع) انجنيئر احمد علي انصاري ۽ عبدالقادر ڳبول پاران "چار گهڙيون چنڊ ٻارن سان" جي عنوان تحت چانڊوڪي رات ۾ ڪونج ريسٽورينٽ تي ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ڊاڪٽر نعمت آرائين مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن تہ شهري اتحاد سڪرنڊ جو جاکوڙي ڪردار همت علي خاصخيلي ۽ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي پڻ ڪچهريءَ جي رونق هئا ڪچهريءَ ۾ شهر جي مسئلن امن و امان، منشيات جي وڪري ۽ واهپي، صفائي سٿرائي سميت تعليم ۽ صحت جي ادارن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ غور ويچار ڪيو ويو چانڊوڪي رات ۽ پرسڪون ماحول ۾ ٿيل ڪچهريءَ ۾ شهر جي بهتري لاءِ ڪوڙ سارا پاسا پڻ سامهون آيا جنهن ۾ شهرين جي ذميواري تي پڻ ڳالهايو ويو ڪچهري دوران مهمان خاص ڊاڪٽر نعمت آرائين ڳالهائيندي چيو تہ "چار گهڙيون چنڊ ٻارن سان" واري ڪچهريءَ ۾ ڪافي ڪجهہ معلومات حاصل ٿي اسان پڻ اهو چاهيون ٿا شهر جا مٿي ذڪر ڪيل مسئلا حل ٿيڻ گهرجن پر ان ۾ شهرين کي پنهنجو ڪردار ڪرڻو پوندو ۽ اهڙيون ڪچهريون ٿيڻ گهرجن ان سان نہ صرف مسئلن ۽ معلومات جي خبر پوي ٿي بلڪ هڪٻئي کي بهتر مشورا بہ ڏئي سگهجن ٿا اسان شهر ۽ شهرين خاطر هر وقت تيار آهيون هن اهو پڻ چيو تہ قاضي جاويد سنائي جهڙا سنجيده بي خوف ۽ بنا لالچ ڪم ڪندڙ بہ اسان سان گڏ هوندا تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو ان موقعي تي ميزبانن پاران مهمانن جي شاندار مهمان نوازي ڪري "چار گهڙيون چنڊ ٻارن سان " واري ڪچهري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 02 سيپٽمبر 2026ع

پاڻيءَ کي سياست جو هٿيار نه بڻايو وڃي!

پاڻيءَ کي سياسي دٻاءَ يا علائقائي اختلافن ۾ هڪ هٿيار طور استعمال ڪرڻ نه رڳو انساني قدرن جي ابتڙ آهي پر خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ پڻ انتهائي خطرناڪ عمل آهي. وزيراعظم شهباز شريف شنگهائي تعاون تنظيم جي سربراهي اجلاس کي خطاب ڪندي بلڪل صحيح چيو آهي ته پاڻي ايندڙ نسلن جي مستقبل جي ضمانت آهي ۽ انهيءَ کي سياسي دٻاءَ لاءِ هٿيار بڻائڻ هرگز قبول نٿو ڪري سگهجي. سندس اها ڳالهه رڳو پاڪستان جي موجوده حالتن جي حوالي سان اهم ناهي پر سڄي خطي لاءِ اهميت رکي ٿي، جتي درياهن جو پاڻي ڪيترن ئي ملڪن جي معاشي ۽ زرعي زندگيءَ سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي. پاڻيءَ بابت عالمي معاهدن ۽ بين الاقوامي اصولن جي پاسداري وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جهڙي بنيادي انساني ضرورت کي سياسي اختلافن ۽ طاقت جي مظاهري لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ته ان جا نتيجا صرف هڪ علائقي تائين محدود نه رهندا پر انهيءَ باهه ۾ اهي سڀ سڙندا. پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بي يقيني زرعي پيداوار کي متاثر ڪري سگهي ٿي، خوراڪ جي کوٽ پيدا ڪري سگهي ٿي، لکين ماڻهن جي روزگار کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي ۽ ٻن ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌائي سگهي ٿي. تنهنڪري پاڻيءَ جي مسئلي کي طاقت بدران ڳالهين، قانون ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي حل ڪرڻ گهرجي. پاڪستان پڻ پاڻيءَ جي کوٽ، موسمياتي تبديلي، برساتن جي غير يقيني ۽ ٻوڏن جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي.

شنگهائي تعاون تنظيم جو پليٽ فارم اهڙن مسئلن تي گڏيل سوچ ۽ عملي سهڪار لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هن تنظيم جا 25 سال مڪمل ٿيڻ هڪ اهم سنگ ميل آهي. پاڪستان هڪ ذميوار ۽ فعال ميمبر جي حيثيت سان هميشه تڪرارن جي پُرامن حل ۽ عالمي قانونن جي احترام تي زور ڏنو آهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تنظيم جا ميمبر ملڪ پاڻي، ماحوليات، موسمياتي تبديلي، خوراڪ ۽ توانائيءَ جي تحفظ جهڙن معاملن تي گڏيل منصوبابندي ڪن وزيراعظم غزه ۽ اولهه ڪناري ۾ جاري انساني الميي تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي عالمي برادريءَ تي زور ڏنو آهي ته فلسطيني عوام جي خودارادیت جي حق جو احترام ڪيو وڃي دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ انساني جانين جو ضايع ٿيڻ ۽ بيگناهه ماڻهن جي تڪليف انسانيت لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب هجڻ گهرجي عالمي امن جا دعويدار ادارا جيڪڏهن فلسطين جهڙن مسئلن تي اصولن ۽ عالمي قانونن کي هڪجهڙي انداز ۾ لاڳو نه ڪندا ته عالمي نظام تي ماڻهن جو اعتماد وڌيڪ ڪمزور ٿيندو. پاڪستان جي شنگهائي تعاون تنظيم جي چيئرمين شپ دوران سي پيڪ کي علائقائي معيشتن کي عربي سمنڊ سان ڳنڍڻ وارو اهم منصوبو قرار ڏنو ويو آهي توانائي، آءِ ٽي، صحت، ثقافت ۽ رابطن سان گڏ مصنوعي ذهانت جي بنيادي ڍانچي ۽ حڪمرانيءَ لاءِ فريم ورڪ تي ڌيان ڏيڻ پڻ وقت جي ضرورت آهي پر انهن سڀني شعبن جي ترقي لاءِ امن استحڪام ۽ پاڻيءَ جي محفوظ فراهمي بنيادي شرط آهن

حقيقت اها آهي ته ايندڙ نسلن کي اسان کان وڌيڪ پاڻيءَ، خوراڪ ۽ ماحولياتي تحفظ جي ضرورت پوندي. جيڪڏهن اڄ اسان پاڻيءَ کي سياسي هٿيار بڻائڻ جي روايت کي هٿي ڏني ته سڀ کان وڏو نقصان ايندڙ نسلن کي ٿيندو. تنهنڪري درياهن جو پاڻي تڪرار نه پر تعاون جو ذريعو بڻجڻ گهرجي. پاڪستان سميت خطي جي سڀني ملڪن کي گهرجي ته عالمي معاهدن جي پاسداري، گڏيل ڳالهين ۽ انصاف تي ٻڌل پاڻيءَ جي ورڇ کي يقيني بڻائين. پاڻيءَ تي سياست بدران پاڻيءَ لاءِ گڏيل حڪمت عملي ئي مستقبل جي امن خوشحالي ۽ انساني بقا جي ضمانت بڻجي سگهي ٿي.

لطيفي لات ـــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڳُلِ ڳَاناَ ياقُوتَ جا، مَوتِيَنِ ڳُتِيَسِ مَهَارَ،
ڄَانگا چَنڊَنَ چَارِيئِين، اَئِـي پَهَرَ اَپَارَ،
سَنڌَي پِيءُ پَچَارَ، جَي مُون رَاتِ رَسَائِيين.

اڄ لطيف سائينءَ جو اُٺ واهه جو سينگاريل آهي. جو اُن جي ڳچي يا ڪنڌ ياقوت جهڙي تمام مهانگي ۽ خوبصورت ڳاڙهي پٿر جي ڳانن يا ڳائين سان سنواريل سينگاريل آهي. موتين سان ڳنڊيل جنهن منجهه ٻي ڪنهن شئي ٽاڪڻ جي جاءِ ئي ناهي صرف چمڪندڙ موتين ئي موتين سان پرپور مُهار وڌل اٿس. خوراڪ ۾ رات ڏينهن يعني اٺئي پهر بلڪ حد کان وڌيڪ رڳو چندن ئي چندن کائيندو. جو ته رات وچ ۾ هي (اُٺ) مون کي اتي توڙ رسائيندو، جتي پرين جون محفلون متل آهن جتي رڳو محبوبن جون ئي پچارون پيون پون، هر طرف انهن جي سونهن جي هاڪ ۽ هيڪارون پيون اچن. انهن جي رهائين ۾ منهنجي روح کي راحت ملندي ته پوءِ ڇو نه ان ڪارڻي (اُٺ) کي سينگاريان، سنواريان ۽ چندن جهڙي مهانگي خوراڪ کارايان

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

نيپال ۾ ايندڙ ٻوڏ مان سبق سکڻ گهرجي!

محمد اسلم سميجو

نيپال ۽ تبت جي سرحدي علائقي مان ايندڙ تباهيءَ واري ٻوڏ دنيا کي هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ته موسمياتي تبديلي ۽ تيزيءَ سان گرم ٿيندڙ جبلن واري دنيا مستقبل ۾ اسان لاءِ ڪهڙا خطرا کڻي اچي رهي آهي؟ 26 آگسٽ تي نيپال-چين سرحد ويجهو هڪ وڏي گليشيئر جي ٽٽڻ ۽ ان سان لاڳاپيل برف، پٿرن ۽ مٽيءَ جي وڏي وهڪري درياهه ۾ اوچتو انتهائي تيز ريلو پيدا ڪيو، جنهن ڪيترن ئي آبادين ۽ انفراسٽرڪچر جي تباهيءَ سان گڏ سوين ماڻهو به پنهنجي زندگي وڃائي ويٺا. اهو واقعو رڳو نيپال جو مسئلو ناهي اهو سڄي هندوڪش هماليائي خطي لاءِ هڪ وڏي وارننگ آهي ۽ پاڪستان انهيءَ خطي جو اهم حصو هجڻ ڪري ان خطري کان ٻاهر نٿو رهي سگهي. پاڪستان جي اترين علائقن، خاص طور تي گلگت بلتستان، چترال، سوات، ڪوهستان، دير ۽ آزاد ڪشمير ۾ هزارين گليشيئر ۽ برفاني ڍنڍ موجود آهن انهن مان ڪجهه ڍنڍون قدرتي برف يا پٿرن جي بندن پويان ٺهيل آهن جيڪڏهن اهڙو قدرتي بند ڪمزور ٿي وڃي، گليشيئر جو وڏو حصو ٽٽي پوي يا اوچتو برسات ۽ برف پگهرڻ جو عمل تيز ٿي وڃي ته برفاني ڍنڍ مان ڦاٽندڙ وهڪرو (GLOF) يا انتهائي تيز اوچتي ٻوڏ پيدا ٿي سگهي ٿو. اصل خطرو اهو آهي ته اهڙي ٻوڏ عام درياهه جي ٻوڏ وانگر آهستي آهستي اڳتي نٿي وڌي، اها پاڻيءَ سان گڏ پٿر، مٽي، برف، وڻ ۽ ٻيو ملبو کڻي انتهائي تيز رفتاريءَ سان هيٺائين وادين ڏانهن وڌي سگهي ٿي ماهرن مطابق نيپال واري واقعي ۾ به برف ۽ پٿرن جي وڏي برفاني تودو (avalanche) درياهه ۾ ڪِري پيو ٿو ۽ اوچتو خطرناڪ وهڪرو پيدا ڪيو آهي

گليشيئر ڪوليپس جا ڪجهه بنيادي سبب: گرمي پد ۾ واڌارو، برف جو تيزيءَ سان پگهرڻ، گليشيئر ڍنڍن ۾ پاڻيءَ جو وڌڻ، برفاني ڍانچي ۾ ايندڙ ڦاٽوڙون (Cracks)، برسات ۽ تيز گرمي، زلزلا ۽ زميني حرڪتون، برف جي هيٺيان پاڻيءَ جو دٻاءُ وغيره وغيره

موسمياتي تبديلي خطرو ڇو وڌائي رهي آهي؟ جبلن تي وڌندڙ گرمي پد صرف برف کي ختم نٿو ڪري پر اهو جبلن جي ساخت کي به غير مستحڪم ڪري سگهي ٿو. گليشيئر پوئتي هٽڻ، برف جي تيزيءَ سان پگهرڻ، دائمي منجمد زمين (permafrost) جي ڪمزور ٿيڻ ۽ گليشيئر ڍنڍن جي وڌڻ سان جبلن ۾ قدرتي بند ۽ برفاني ڍانچا وڌيڪ حساس ٿي سگهن ٿا. نيپال جي تازي تباهيءَ بابت ماهرن جو خيال آهي ته غيرمعمولي گرمي ۽ جبلن جي عدمِ استحڪام اهڙي واقعي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي پاڪستان لاءِ اها ڳالهه خاص اهميت رکي ٿي ڇاڪاڻ ته جابلو علائقا (هندو ڪش قراقرم ۽ هماليه) خطو اڳ ئي تيزيءَ سان بدلجندڙ موسمياتي حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڇا اهو ريلو سنڌ تائين پهچي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن گلگت بلتستان يا اپر ڪي پي ۾ ڪو وڏو GLOF يا ملبي جو وهڪرو ٿئي ٿو ته ان جو سڀ کان شديد اثر مقامي وادين ۽ ويجهن درياهن تي ٿيندو اهو نيپال واري ريلي وانگر سڌو سنئون سنڌ تائين ساڳي شدت سان پهچڻ ممڪن ناهي پر جيڪڏهن اترين علائقن ۾ مسلسل شديد برسات، گليشيئر پگهرڻ ۽ مختلف معاون درياهن جي وهڪرن سبب سنڌو ندي جي درياهي نظام ۾ مجموعي وهڪرو تمام گهڻو وڌي وڃي ته ان جو اثر سنڌ جي هيٺاهين تائين پهچي سگهي ٿو

موجوده صورتحال ڇا چوي ٿي؟ 30 آگسٽ جي ٻوڏ جي اڳڪٿيءَ وارو شعبي جي صورتحال موجب ملڪ جي وڏن درياهن جي (upper catchments) ۾ مُون سُون جي سرگرمي جاري رهڻ ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ برسات سبب درياهن ۽ انهن سان لاڳاپيل نالن جي وهڪرن ۾ وچولي درجي جو اضافو متوقع آهي پر ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته پاڪستان ۾ نيپال جهڙي تباهي اچڻ واري آهي موسمياتي اڳڪٿيءَ ۾ امڪان ۽ يقيني تباهيءَ ۾ فرق رکڻ تمام ضروري آهي هن وقت اهڙي وڏي GLOF يا Glacier Collapse جي ڪا مخصوص اڳڪٿي موجود هجڻ ڪانسواءِ عوام ۾ خوف پيدا ڪرڻ مناسب نه ٿيندو

اڳواٽ خبردار ڪرڻ: نيپال جي واقعي مان پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته صرف ٻوڏ اچڻ کانپوءِ امدادي ڪارروائي ڪافي ناهي اسان کي گلگت بلتستان ۽ ٻين گليشيئر وارن علائقن ۾: سيٽلائيٽ مانيٽرنگ، ڊرون سرويليئنس، پاڻيءَ جي سطح ماپيندڙ خودڪار سينسر، گليشيئر ڍنڍن جي مانيٽرنگ ۽ ڪميونٽيءَ جي بنياد تي اڳواٽ خبردار رکڻ جا نظام وڌيڪ مضبوط ڪرڻا پوندا

يونيسڪو(UNESCO): يونيسڪو پڻ پاڪستان ۾ سيلاب جي اڳواٽ خبردار ڪرڻ جي نظام کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. خاص طور تي اوچتو ايندڙ ٻوڏ، ملبي جو وهڪرو ۽ GLOF جهڙن تيزيءَ سان اچڻ وارن خطرن لاءِ بهرحال نيپال جو واقعو اسان لاءِ خوف جي خبر کان وڌيڪ جاڳڻ جي گهنٽي آهي پاڪستان وٽ دنيا جي بلند ترين جبلن ۽ وڏن گليشيئرن مان هڪ وڏو حصو موجود آهي اهي گليشيئر اسان لاءِ صرف برف جا ذخيرا ناهن اهي سنڌ، پنجاب ۽ سڄي پاڪستان جي درياهن جي پاڻيءَ جو اهم ذريعو آهن پر جيڪڏهن موسمياتي تبديلي جبلن جي هن قدرتي نظام کي غير مستحڪم ڪري رهي آهي جيڪڏهن اهڙو واقعو پاڪستان جي جبلن ۾ ٿيو ته اسان وٽ اڳواٽ خبردار ڪرڻ، ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ ۽ نقصان گهٽائڻ جو ڪيترو بندوبست موجود آهي؟ ڇو ته قدرتي آفت کي شايد روڪي نٿو سگهجي پر بروقت خبردار ڪرڻ سان ان جي تباهي ضرور گهٽائي سگهجي ٿي

نون صوبن وارو مامرو ۽ سنڌ جو شديد ردعمل!

واحد پارس هيسباڻي

نون صوبن واري اشو تي جتي سنڌ جو شديد ردعمل سامهون آيو آهي اتي باقي صوبن جا مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ پڙهيا لکيا ماڻهو، پوءِ اهي سياستدان هجن، صحافي هجن، ليکڪ هجن، اينڪر هجن، وڪيل هجن، سماجي اڳواڻ هجن يا ڪنهن ٻئي شعبي سان واسطو رکندڙ هجن اهي به واضح نموني هن منصوبي جي مخالفت ڪندي نظر اچي رهيا آهن سيني جي موقف جو نچوڙ اهو ئي آهي ته موجوده حالتن ۾ ملڪ اندر نون صوبن جي ڪابه ضرورت ناهي ان ڪري حڪومت زوري زبردستي اهو تجربو ڪرڻ بدران موجود صوبن جو سسٽم بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪري. سندن اهو به چوڻ آهي ته هن قسم جا اجايا اشو پيدا ڪرڻ سان عوام اندر غير يقينيءَ ۾ اضافو ٿيندو ۽ گڏيل اعتماد وارو ماحول متاثر ٿيندو. سنڌ ۾ اڪيلي ايم ڪيو ايم ان منصوبي جي کليل نموني حمايت ڪري رهي آهي (جيڪا سندس پراڻي خواهش پڻ آهي ۽ ماضيءَ ۾ هو اهو اشو ڇيڙيندي به رهي آهي). باقي سڀ جون سڀ سياسي پارٽيون ان منصوبي جي مخالفت ڪري رهيون آهن ايم ڪيو ايم جيڪا پاڻ کي اردو زبان ڳالهائيندڙن جي نمائنده جماعت طور پيش ڪندي آهي هن معاملي تي اردو ٻولي ڳالهائيندڙن جي هڪ وڏي اڪثريت پڻ مخالفت ڪندي نظر اچي رهي آهي. خصوصي طور تي پڙهيل لکيل طبقو جن ۾ اردو ڳالهائيندڙ مختلف پارٽين ۾ شامل سياستدان، اديب، شاعر، دانشور، صحافي، وڪيل وغيره شامل آهن. اهي هن منصوبي خلاف سنڌ جي آواز سان آواز ملائي بيٺل آهن هن معاملي جو اهم پهلو اهو آهي ته سنڌ ۾ موجود حڪمران جماعت مسلم ليگ (ن) جا حامي به هن منصوبي خلاف احتجاج ڪندڙن سان گڏ گڏ نظر اچي رهيا آهن جنهن مان اهو واضح پيغام ملي رهيو آهي ته سنڌ توڙي ٻين صوبن جو اڪثريتي عوام نون صوبن جي حق ۾ ناهي ۽ ان منصوبي کي رد ڪري رهيو آهي

سنڌ جيڪا پنهنجي ڌرتيءَ جي بقا تي ٿيندڙ هر وار خلاف هميشه اهڙي ئي شديد ردعمل سان ميدان تي بيٺل نظر آئي آهي پوءِ اهو ون يونٽ وارو وار هجي، ڪالاباغ ڊيم وارو وار هجي، ٻٽي مڪاني نظام وارو وار هجي، سامونڊي ٻيٽن وارو وار هجي، سنڌو درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ وارو وار هجي يا هاڻوڪو نون صوبن وارو وار هجي، سنڌ جو ردعمل هميشه اهڙي ئي شديد نظر آيو آهي پوءِ اها آمريتي حڪومت هجي يا جمهوريت جو چولو پاتل نيم آمريتي حڪومت هجي، سنڌ جي هن شديد ردعمل نيٺ سيني کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو آهي

نون صوبن واري اشوءَ تي سنڌ سميت ملڪ جي سمورن صوبن ۾ نظر ايندڙ مخالفت ڀري ردعمل کان پوءِ موجوده حڪمران ڇا سوچي رهيا آهن ۽ سندن مستقبل جا ارادا ڪهڙا آهن ان جي خبر ته ڪين ئي هوندي پر اها حقيقت آهي ته عوام تي زوري زبردستي فيصلا مڙهڻ ۽ سندن مخالفت جي پرواهه نه ڪرڻ جا ڪي چڱا نتيجا نه نڪتا آهن ان سان هميشه بيچينيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ بي اعتمادي واري ماحول کي هٿي ملي آهي. ان ڪري دانشمنديءَ وارو فيصلو اهو آهي ته اهڙي ڪنهن به منصوبي کي زوري مڙهڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي جنهن سان سڪون وارو ماحول متاثر ٿئي ۽ ماڻهو روڊن رستن تي نڪرڻ تي مجبور ٿين

نون صوبن واري منصوبي خلاف سنڌ اندر جتي احتجاجي مظاهرن جو سلسلو نظر اچي رهيو آهي روڊن رستن تي ڌرڻا لڳي رهيا آهن اتي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي ڪانفرنسون پڻ ٿي رهيون آهن جن ۾ دليلن ذريعي نون صوبن کي غيرضروري قرار ڏئي رد ڪيو پيو وڃي تازو حيدرآباد پريس ڪلب ۾ قلمڪار، آرٽسٽن ۽ صحافين جي ٿيل ڪانفرنس ۾ سنڌ جي نامياري قلمڪارن، اديبن، شاعرن، صحافين، وڪيلن، تعليمدانن ۽ سماجي اڳواڻن جي هڪ وڏي تعداد شرڪت ڪئي ان ۾ گڏيل اتفاق راءِ سان پيش ڪيل قرارداد ذريعي نون صوبن واري ان منصوبي ۽ سنڌ جي ورهاڱي وارن ارادن کي مڪمل طور تي رد ڪندي حڪومت تي زور ڀريو ويو ته اها عوام جي احساسن سان کيڏڻ بند ڪري ۽ نون صوبن وارو منصوبو واپس وٺي ان ڪانفرنس ۾ جتي مختلف سوال اٿاريا ويا، اتي اهو سوال پڻ اٿاريو ويو ته هن وقت جڏهن بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي حوالي سان معاملا ٺيڪ ناهن ته بجاءِ اتي صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي هي اشو ڇيڙڻ جي نيٺ ڪهڙي ضرورت آهي جنهن سان انهن صوبن جو ماحول به خراب ٿئي جتي معاملا صحيح ۽ سڪون سان هلي رهيا آهن ان ڪانفرنس ۾ مقررن اهو به چيو ته جيڪڏهن عوام جي مرضيءَ کي نظرانداز ڪري هن قسم جا منصوبا زوري مڙهيا ويا ته ان جي نتيجي ۾ وڌيڪ شديد عوامي ردعمل سامهون اچي سگهي ٿو هنن اهو به چيو ته هن قسم جا منصوبا ملڪي عوامي مفادن وٽان ناهن ان ڪري انهن کي ختم ڪيو وڃي

نون صوبن واري منصوبي تي جيڪڏهن اقتداري ايوانن تي نظر وجهجي ٿي ته وفاقي حڪمران جماعت مسلم ليگ (ن) هن معاملي تي ٻٽي پاليسي اختيار ڪيل نظر اچي رهي آهي سندس هڪڙا وزير هن منصوبي جي تعريف ڪري رهيا آهن ٻيا ان جي ڍڪيل لفظن ۾ مخالفت ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ٽيان وري بلڪل ئي خاموش نظر اچي رهيا آهن شايد عوامي سطح تي هن منصوبي جي شديد مخالفت ۽ شديد ردعمل کي ڏسندي اهي في الحال خاموش رهڻ ۾ ئي پنهنجي بهتري سمجهي رهيا آهن "ڳل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن ڪو ها ٿو ڪري ڪو نه ٿو ڪري" واري شعر وانگر هن منظرنامي کي ڏسندي اهو ڪليئر نه ٿو ٿئي ته نواز ليگ هن منصوبي بابت نيٺ ڇا ٿي چاهي جڏهن ته حڪومت جي اهم اتحادي جماعت پاڪستان پيپلز پارٽي، جنهن جي بيساکيءَ تي ئي حڪومت جا سمورا بار برقرار آهن ان جي مرڪزي قيادت ته جيتوڻيڪ صفا واضح موقف اختيار نه پئي ڪري ۽ في الحال چونڪ چنانچه واري ٻوليءَ مان ڪم هلائي رهي آهي پر ان جي سنڌ ۾ قائم حڪومت هن منصوبي جي کليل لفظن ۾ مخالفت ڪري رهي آهي سنڌ جو وزير اعليٰ هجي يا سندس مختلف کاتن جا وزير هجن اهي پنهنجي بيانن توڙي تقريرن ۾ نون صوبن واري منصوبي جي مخالفت ڪري رهيا آهن انهيءَ مامري تي گذريل ٽن ڏينهن کان سنڌ اسيمبليءَ ۾ بحث هلي رهيو آهي جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جا ميمبر اهڙي ڪنهن به منصوبي جي کلي ڪري مخالفت ڪري رهيا آهن جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير انهيءَ مامري تي سخت موقف اختيار ڪندي عوام کي پنهنجي وڏن جي ياد ڏياري ڇڏي آهي هڪ پاسي اها صورتحال آهي ته ٻئي پاسي سندن پوليس ان منصوبي خلاف اٿندڙ آواز کي روڪڻ جي ڪوشش به ڪري رهي آهي هن صورتحال ۾ تازو حيدرآباد ۾ ٿيل قلمڪار ڪانفرنس ۾ مقررن جتي پيپلز پارٽي جي مکيه قيادت کي هن معاملي تي پنهنجو ڪليئر موقف رکڻ جي صلاح ڏني ۽ حڪومت تي سياسي پريشر ذريعي هن منصوبي تان هٿ کڻڻ جو مطالبو ڪيو، اتي سنڌ حڪومت جي احتجاج ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ، سندن رستا روڪ ڪرڻ ۽ کين گرفتار ڪرڻ واري عمل تي به تنقيد ڪئي وئي ۽ اهو سوال اٿاريو ويو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت واقعي به نون صوبن جي منصوبي جي مخالف آهي ته پوءِ پُرامن احتجاج ڪندڙن خلاف هي ڪارروايون نيٺ ڇا ثابت ڪن ٿيون

بقول هڪ سياسي مبصر جي ته نون صوبن وارو اشو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ لاءِ به هڪ وڏي آزمائش رکي ٿو سندس بقول ته حڪومت جي اهم اتحادي جماعت هجڻ ۽ اقتدار جا اهم عهدا رکڻ جي ڪري يقينن مٿن پريشر به وڏا هوندا ۽ هن منصوبي کي سامهون آڻيندڙن جي پوري پوري ڪوشش هوندي ته ڪنهن به طريقي سان پيپلز پارٽيءَ کي راضي ڪري ڪانئس حمايت وٺجي پر جيڪڏهن پيپلز پارٽي ائين ڪري ٿي ته پنجاب بابت ته ڪجهه به نه ٿو چئي سگهجي باقي سيني صوبن ۾ سندس سياسي گراف تمام گهڻو متاثر ٿيندو خاص ڪري سنڌ ۾، جنهن کي هي پنهنجي سياسي طاقت جو مکيه مرڪز سمجهي ٿي هن منصوبي جي حمايت ڪرڻ سان اتي سندس سياست تي ڪهڙا ناڪاري اثر پوندا، اها ڳالهه پارٽيءَ جي قيادت به چڱي طرح سمجهي ٿي سنڌ جا ماڻهو جيڪي پنهنجي ڌرتي جي مفادن ۽ بقا واري معاملي تي تمام گهڻا حساس به آهن ته تمام گهڻا جذباتي به آهن ۽ جڏهن به ڪو آزمائش وارو وقت ايندو آهي ته هي سياسي وابستگيون حمايتون ۽ مخالفتون کي وساري گڏجي ميدان تي لهي پوندا آهن ماضيءَ ۾ ان جا ڪيترائي مثال موجود آهن. هن منصوبي خلاف سنڌ ۾ جيڪو شديد عوامي ردعمل آهي بقول ان سياسي مبصر جي ته پيپلز پارٽي ان کي قطعي به نظرانداز نه ٿي ڪري سگهي ڇو ته هو اها ڳالهه چڱي طرح سمجهي ٿي ته سندس اها حمايت سندس ووٽ بئنڪ واري سالن جي محنت تي هڪ جهٽڪي سان پاڻي ڦيري سگهي ٿي ان سياسي مبصر جواٽي ته جيتوڻيڪ في الحال ته پارٽيءَ جي مرڪزي قيادت چونڪ چنانچه واري موقف سان معاملي کي ٽاري رهي آهي پر جيڪڏهن هي معاملو واقعي به سنجيدگي اختيار ڪري ٿو ۽ ڪو هڪڙو فيصلو وٺڻ جي نوبت اچي ٿي ته پيپلز پارٽي قيادت کي شايد اقتدار بجاءِ عوامي ردعمل کي ترجيح ڏيڻي پوي، ڇو ته هو اهو بخوبي ڄاڻي ٿي ته هڪ مقرر وقت کان پوءِ اقتداري مئو پورو ٿي ويندو ۽ نيٺ ڪيس وري به ان عوام وٽ وٺڻو پوندو جيڪو هن منصوبي جو شديد مخالف آهي

بهرحال اهڙي نوبت اچڻ کان اڳ پيپلز پارٽي جيڪڏهن پنهنجي اتحادي حڪومت کي هن معاملي تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ زبردستي فيصلو مڙهڻ جي نتيجي ۾ عوامي اعتماد جو ماحول متاثر ٿيڻ سان گڏ سياسي نقصانن بابت ٻڌائي ته شايد معاملو اتي ئي ختم ٿي سگهي ٿو . هونئن به جمهوريت جي به اها ئي خوبصورتي آهي ته عوامي راءِ جو احترام ڪيو وڃي ۽ عوام جنهن منصوبي کي پسند نه ٿو ڪري ۽ ان جي مخالفت ڪندي ان خلاف پنهنجو شديد ردعمل ظاهر ڪري ٿو ان منصوبي جو باب اتي ئي بند ڪيو وڃي

wahidparas@yahoo.com

اسلام آباد جا چوڏهن ٻار ۽ سنڌ

محمد خان ابڙو

اسلام آباد کي رڳو نقشي تي ڏسڻ ۽ ان کي حقيقت ۾ ڄاڻڻ ۾ وڏو فرق آهي. جيڪو شخص هن شهر ۾ رهيو هجي، اهو ڄاڻي ٿو ته هيءُ رڳو پاڪستان جو گاديءَ وارو شهر ناهي پر رياستي اختيار جو مرڪز پڻ آهي. هتي پارليامينٽ، سپريم ڪورٽ، ايوانِ صدر، وزيراعظم هائوس، وفاقي وزارتون ۽ اهي ادارا موجود آهن، جيڪي سڄي پاڪستان لاءِ پاليسيون ٺاهين ٿا ۽ صوبن کي هدايتون ڏين ٿا. ان ئي اسلام آباد ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز)، ملڪ جي وڏن وفاقي سرڪاري اسپتالن ۾ شمار ٿئي ٿو پر 26 آگسٽ 2026ع تي صبح جو ساڍي ٽي جي نرسريءَ ۾ باهه لڳي وئي ۽ چوڏهن نون ڄاول ٻارن جون زندگيءَ جو پهريون ساهه وٺڻ کانپوءِ هو هميشه لاءِ خاموش ٿي ويا. اهي ٻار نه سنڌي هئا، نه مهاجر نه پنجابي، نه پختون ۽ نه بلوچ هئا، بلڪ اهي سڀ کان پهرين پاڪستان جا ٻار هئا. انهن کي سياست، صوبن يا انتظامي نقشن سان ڪو به واسطو نه هو، انهن کي رڳو محفوظ انڪيوبيٽر، آڪسيجن، تربيت يافته عملو ۽ اهڙو اسپتال گهرجي هو، جتي سندن مائرون کين زندگيءَ جي اميد سان ڇڏي سگهن. ابتدائي اطلاعن ۾ باهه جو سبب بجليءَ جي خرابي، ايئرڪنڊيشننگ يونٽ يا ان مان پيدا ٿيندڙ چڻنگ ۽ آڪسيجن سان ڀرپور ماحول ۾ باهه جي تيزيءَ سان پکڙجڻ کي قرار ڏنو ويو. حتمي ذميواري ۽ شفاف جاچ وسيلي طئي ٿيڻ گهرجي پر بنيادي سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته هڪ وڏي وفاقي اسپتال جي نرسريءَ ۾ باهه وسائڻ ۽ نون ڄاول ٻارن کي ٻاهر ڪڍڻ جو نظام اهڙو ڇو نه هو جو چند لمحن جي باهه 14 زندگيون ڳڙڪائي وئي؟ اهو سوال ان ڪري به اهم آهي جو صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال اڪثر پاڪستان جي انتظامي نظام جي خرابين تي ڳالهائيندو آهي. هو سنڌ جي انتظامي ڍانچي تي تنقيد ڪندو رهيو آهي ۽ سنڌ جي ستن ڊويزنن کي ست بااختيار انتظامي يونٽن ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز پڻ ڏئي چڪو آهي. هُن موجب اهو سسٽم سنڌ کي ورهائڻ نه پر انتظامي سڌارو آهي

هڪ پاڪستانيءَ جي حيثيت سان اسان کي به سوال ڪرڻ جو حق آهي ته معزز وزير صاحب، جنهن وفاقي صحت جي نظام جي ذميواري اوهان جي عهدي سان وابسته آهي، پهريان ان کي اهڙو ته ٻڌايو جو پاڪستان جي گاديءَ واري شهر جي وڏي سرڪاري اسپتال ۾ نون ڄاول ٻارن جي حفاظت يقيني بڻجي سگهي. پمز نه ٿرپارڪر جي ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ ۾ آهي، نه ڪاڇي، ڪشمور يا بدين جي ڪنهن ڏورانهين علائقي ۾ موجود آهي. پر هيءُ ته ملڪ جي گاديءَ واري شهر ۾ آهي، جتي پارليامينٽ، وفاقي سيڪريٽريٽ ۽ صحت واري وزارت ڪجهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع آهي. جيڪڏهن رياست جي اهڙي مرڪز ۾ هڪ وڏي وفاقي اسپتال ۾ 14 نون ڄاول ٻارن جي حفاظت نٿي ٿي سگهي ته هر مسئلي جو سبب رڳو 'صوبائي مرڪزيت' قرار ڏيڻ شايد هڪ آسان سياسي سچائپ ناهي. پمز ۾ سڙندڙ ٻار منهنجي لاءِ ايترا ئي پنهنجا هئا، جيترا ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻي، ڪوئيٽا، لاهور يا پشاور جي ڪنهن اسپتال جو ٻار. مان سنڌ حڪومت جي ڪنهن اسپتال ۾ غفلت هجي ته ان جو دفاع نه ڪندس. ٿر ۾ ٻار مري، ڪراچيءَ ۾ مريض علاج کان محروم ٿئي، لاڙڪاڻي ۾ طبعي غفلت سامهون اچي يا حيدرآباد ۾ ڪنهن اداري جي نااهليءَ جي ڪري ڪنهن جي جان هلي وڃي سوال ضرور ٿيڻ گهرجي.

سنڌ هجي، پنجاب، خيبر پختونخوا، بلوچستان يا وفاق، انسان بابت احتساب جو معيار هڪجهڙو هجڻ گهرجي. احتساب جو پيمانو ڪراچي ۾ وڏو ۽ اسلام آباد ۾ ننڍو نه هئڻ گهرجي. صحت واري وزير پاڻ ٻڌايو ته جيڪڏهن ذميواريءَ جي شروعات انهن کان ٿئي ٿي ته احتساب به انهن کان شروع ٿيڻ گهرجي. وزيراعظم صحت واري وفاقي سيڪريٽريءَ کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو آهي ۽ جاچ جو حڪم پڻ ڏنو آهي. پر پاڪستان ۾ وڏن سانحن کان پوءِ ڪميٽي، آفيسرن جي تبديلي ۽ رپورٽ جي روايت پراڻي آهي. وقت گذرڻ کانپوءِ نئون سانحو پهرين واقعي کي وساري ڇڏيندو آهي. سنڌ منهنجي لاءِ رڳو انتظامي نقشو ناهي پر هزارين سالن جي تاريخي، تهذيبي، لساني ۽ جاگرافيائي وحدت آهي. موهن جو دڙو ڪنهن سرڪاري نوٽيفڪيشن سان وجود ۾ ناهي آيو ۽ سنڌو درياهه هن ڌرتيءَ کي ان وقت سڃاڻپ ڏني، جڏهن اڄ جون انتظامي اصطلاحون به موجود نه هيون.

پمز جو سانحو اسان کي ٻڌائي ٿو ته مسئلو هميشه نقشي جو نه پر انتظام جو هوندو آهي. صوبي کي ستن، ڏهن يا ويهن يونٽن ۾ ورهائڻ سان، جيڪڏهن فائر سيفٽيءَ جو نظام فعال نه هجي، حفاظتي آڊٽ اٿائڻو نه هجي ۽ ذميوار آفيسر جوابده نه هجي ته نيون ليڪون ڪنهن ٻار جي جان نٿيون بچائي سگهن. پاڪستان جو بنيادي مسئلو رڳو جاگرافي ناهي پر گورننس، احتساب ۽ ادارتي ذميواريءَ جي کوٽ پڻ آهي. ڪراچيءَ جي پاڻي، ٽرانسپورٽ، پاڻيءَ جو نيڪال وارو سسٽم، ڪچري کڻڻ جو سسٽم ۽ بلدياتي مسئلا حقيقي آهن پر انهن جو حل سنڌ جي تاريخي وحدت کي تڪراري بڻائڻ ناهي، بلڪ حقيقي بلدياتي خودمختياري، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ، ميرٽ، شفافيت ۽ جوابده حڪومت آهي. ساڳي طرح سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ مسئلن جو حل ڪراچيءَ کي ڪمزور ڪرڻ به ناهي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري حصي جو ٻار صاف پاڻيءَ کان محروم آهي ته ڪراچيءَ جو ٻار ڪليل مين هول کان خوفزده آهي. ٻنهي جو مسئلو هڪ ئي ڪان نه پر خراب حڪمرانيءَ ڪان آهي. چوڏهن ٻارن جا خاموش لاش اسان کان پڇي رهيا آهن ته رياست جي ترجيح ڇا آهي؟ نوان انتظامي نقشا يا موجوده ادارن کي محفوظ بڻائڻ؟ سياسي تقريرون يا فائر الارم؟ نوان يونٽ يا فعال ايمرجنسي ايگزٽ؟ الزام لڳائڻ جو سلسلو يا ذميواري قبول ڪرڻ جي همت؟ مان سنڌ جي وحدت جو حامي آهيان پر ملڪي وحدت کي به عزيز سمجهان ٿو. اسان کي صوبن کي ٽوڙڻ کان وڌيڪ دلين کي جوڙڻ جي ضرورت آهي. سنڌ کي نئين نقشي جي نه پر بهتر حڪمرانيءَ جي ضرورت آهي.

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 02 سيپٽمبر

مختيار اثر

شير محمد شيرل

هن بزرگ شاعر ۽ صحافيءَ جو جنم 02 سيپٽمبر 1908ع تي نوابشاهه ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي جوانيءَ واري زماني ۾ نوابشاهه ڇڏي مستقل طور بدين جا وڻ وڃي وسايائين جتي اسٽامپ وينڊر طور ڪم ڪيائين پر ڪجهه عرصي کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي ڏنائين هن مختلف اخبارن جي رپورٽر طور پڻ ڪم ڪيو. هو پنهنجي دور جو سٺو شاعر هو، خاص طور تي ڪافي عمدا غزل لکيائين هن 1958ع ڌاري وفات ڪئي

تاري گرسهاڻي

تاري گرسهاڻي پنهنجي دور جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ فريڊم فائيٽر هو. هو 02 سيپٽمبر 1927ع تي نوابشاهه ۾ هرداسمل گرسهاڻيءَ جي گهر ۾ خوشيون ڪٺي آيو اسڪول ۾ پڙهڻ واري زماني ۾ ئي انگريزن خلاف هلندڙ جدوجهد ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين 14 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ هندستان ڇڏيو هلچل ۾ حصو وٺڻ سبب هن کي قيد ڪري جيل موڪليو ويو. هن پونا جي لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي هندستان جي ورهاڱي کانپوءِ پهريائين احمدآباد ۽ پوءِ ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين 1949ع ۾ ممبئيءَ ۾ سنڌ پنچائت فيڊريشن قائم ڪيائين پاڻ انهيءَ فيڊريشن جو پهريائين آفيس سيڪريٽري ۽ پوءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو انهيءَ فيڊريشن سنڌ مان لڏي آيل سنڌين جي هندستان ۾ آبادڪاريءَ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ ۾ سارهه جوڳو ڪردار ادا ڪيو انهيءَ فيڊريشن کي اڳتي هلي انٽرنيشنل سنڌ پنچائت فيڊريشن جو نالو ڏنو ويو ۽ پاڻ انهيءَ جو پهريون صدر چونڊيو ويو. هو هڪ وڪيل هجڻ جي ناتي هن سنڌين کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه قانوني مدد فراهم ڪئي هو بار ڪائونسل جو صدر، سنڌ نيشنل ڪليجئيٽ بورڊ جو صلاحڪار ۽ هندوجا ايجوڪيشنل ٽرسٽ جو سرواڻ پڻ ٿي رهيو. سندس سماجي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو. تاري گرسهاڻيءَ 21 آگسٽ 2005ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو.

جسٽس مختيار احمد جوڻيجو

هن نامور قانوندان 2 سيپٽمبر 1940ع تي دادو ضلعي جي مشهور شهر پاٽ شريف ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. قانون جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۽ لاهور ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان ٿورڙي ئي عرصي ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪيائين ايوب خان جي دور ۾ ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول جج جو عهدو حاصل ڪيائين هن مختلف شهرن ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج طور ڪم ڪيو ۽ اڳتي هلي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو 19 آڪٽوبر 1994ع کان 19 فيبروري 1998ع تائين سپريم ڪورٽ جي جج طور ڪم ڪندو رهيو. هن قائم مقام چيف اليڪشن ڪمشنر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ انهيءَ عهدي تي رهندي هن محمد رفيق تارڙ جا صدارتي عهدي لاءِ نامينيشن پيپر رد ڪري ڇڏيا هئا، جنهن سبب ان وقت جو وزيراعظم نواز شريف مٿس گهڻو ناراض ٿيو هو. هن 13 جون 2017ع تي وفات ڪئي



ساڌنا شوداساڻي

ساڌنا باليوڊ جي مشهور اداڪاره هئي هن جو جنم 2 سيپٽمبر 9411ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. هوءَ مشهور اداڪار هري شوداساڻيءَ جي ڀائٽي هئي ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان پهريائين اترپرديش ۽ پوءِ ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي ساڌنا 1957ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ وڌيڪ تعليم جئه هند ڪاليج مان حاصل ڪيائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو. هن سنڌي فلم اباڻا ۾ هيروئن شيلا راماڻيءَ جي ڀيڻ جو ڪردار ادا ڪري پنهنجي اداڪاريءَ جي سفر جي شروعات ڪئي. ان بعد هندي فلم "لو ان سملا" ۾ هيروئن جو ڪردار ادا ڪيائين انهيءَ فلم جي ڪاميابيءَ هن کي مقبوليت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. ان بعد هن ڪيترين ئي ٻين فلمن ۾ هيروئن جو ڪردار ادا ڪيو. سندس ڪامياب ترين فلمن ۾ پريم پتر (1962ع)، راجڪمار (1964ع)، وه ڪون ٿي (1966ع)، وقت (1965ع)، ميرا سايا (1966ع)، آرزو (1966ع)، عشق پر زور نهين (1970ع)، دل، دولت ۽ دنيا (1972ع) ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. هن 25 ڊسمبر 2015ع تي هي جهان ڇڏيو

علي محمد پرويز

لاڙ جي هن نامور ليکڪ جو جنم 2 سيپٽمبر 1945ع ۾ ڳوٺ لاڪا، تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي سجاول ۾ ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ڇهين کان اٺين ڪلاس تائين ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ مڊل اسڪول دڙي ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. هن سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻوڪي سنڌ زرعي يونيورسٽي) ٽنڊو ڄام مان بي ايس سي ايگريڪلچر جي سند حاصل ڪئي. هن ڪجهه ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيون ۽ آخر ۾ ڄاتيءَ ۾ ميڊيڪل اسٽور کوليائين. هن شروع ۾ اردوءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو پر پوءِ ڊاڪٽر رجب ميمڻ جي اتساهڻ تي سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيائين. هن هڪ ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ سنڌيڪار طور سنڌي ادبي ميدان ۾ سڃاڻپ پيدا ڪئي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "سٽي تنهنجو سڏ" (ڪهاڻيون)، "نئون ڳوٺ پراڻو ڳوٺ" (چيني ڪهاڻين جو ترجمو)، "فلسطين جي جدوجهد آزادي" (شاعري، مضمون وغيره)، "پنڌ اڙانگا پب جا" (انٽرويو ـ ترجمو)، "شاهراهِ دهلي" (ترجمو)، "پيءُ جا ڌيءُ ڏي خط" (ترجمو)، "رت جا ڦڙا" (ڪهاڻيون)، "ڪونگر منجهه ڊيٿو" (ناول ـ ترجمو) ۽ "اسپارٽيڪس" (ناول ـ ترجمو) شامل آهن. سندس شاعريءَ جا ڪجهه نمونا يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب "پسي تنهنجي تجلي" ۾ پڙهي سگهجن ٿا.

انجنيئر اويايو خشڪ

اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ، انجنيئر ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ اويايو خشڪ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن انمول شخصيت جو جنم 2 سيپٽمبر 1949ع تي تعلقي گهوڙاٻاري ضلعي ٺٽي جي ڳوٺ درويش ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو محمد عرس خشڪ هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ترتيبوار گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽي ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان پاس ڪيائين. ان بعد سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) ڄامشوري مان 1971ع ۾ سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات آبپاشي کاتي ۾ سب انجنيئر طور 1972ع ڪيائين ۽ ساڳئي کاتي مان پراجيڪٽ ڊائريڪٽر طور 2009ع ۾ رٽائر ٿيو. اويايو خشڪ انجنيئرنگ جي تعليم سان گڏ سياسي، سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ به هميشه اڳڀرو رهيو. شاگرديءَ واري زماني ۾ سنڌ اسٽوڊنٽ ڪلچرل جو پهريائين سينئر وائيس چيئرمين ۽ پوءِ چيئرمين رهيو. هو هڪ نامور ليکڪ پڻ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "ڇيتاري چيام"، "سنڌ پنجاب پاڻي مامرو"، "ڳوٺڙ گس پرينءَ جا"، "سنڌوءَ جو رستو ته روڪيو"، "جيڪي پڙهيم"، "ڀاشا ڊيم ـ سنڌ لاءِ ترياق يا زهر"، "Hydro Politics in Pakistan" ۽ "سنڌ ۾ عرب" شامل آهن. هن 5 جون 2026ع تي وفات ڪئي.



ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

جڏهن به سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي مضمون ۽ ڪتاب لکندڙ مصنفن جو ذڪر ايندو ته انهن ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجي جو نالو مٿاهين ماڳ تي نظر ايندو. ڊاڪٽر ڌاريجو 2 سيپٽمبر 1950ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. بي ايس سي تائين لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو. هن زوالاجيءَ ۾ ماسٽر آف سائنس ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. ان کان علاوه اديب فاضل ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيائين. هو 1974ع کان 2010ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي زوالاجي شعبي سان لاڳاپيل رهيو ۽ انهيءَ شعبي جي چيئرمين ۽ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. ڊاڪٽر ڌاريجو سنڌ يونيورسٽيءَ جي بيورو آف ٽرانسليشن ۽ پبليڪيشن جو ڊائريڪٽر، ساڳي يونيورسٽيءَ جي امتحانن جو ڪنٽرولر، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو سيڪريٽري ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشمار سائنسي مضمون ۽ ويهارو کن ڪتاب لکيا، جيڪو سندس ساراهه جوڳو ڪارنامو آهي. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان شايع ٿيندڙ سائنس رسالي جو ايڊيٽر رهيو. ڳوڳوٺ ٽماهي ماحول ۽ ٻين رسالن جي ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيائين. هن 20 مئي 2026ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

علي دوست عاجز

هن نامور ليکڪ 2 سيپٽمبر 1964ع تي فريدآباد تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس والد جو نالو محمد خان گاڏهي آهي. هن اٺين ڪلاس تائين تعليم فريدآباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان پيارو ڳوٺ جي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. ٻارهون ڪلاس استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪيائين ۽ ايم اي رياضيءَ جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. اڳتي هلي ڪيترن ئي اهم انتظامي عهدن تي رهي ڪم ڪيائين، جن ۾ سيلز ٽيڪس کاتي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ لينڊ ريونيو کاتي ۾ ڪاسٽ اڪائونٽنٽ جهڙا عهدا شامل آهن. سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ سرموڙ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ ترائيل، نظم، ٽي سٽا، ڊيڍ سٽا، اوپيرا ۽ ٻيون صنفون شامل آهن. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "خوشبوخوشبو خواب"، "جهڙا تارا جرڪٽا"، "اڃڻ پٿونئر پنهوليا"، "سوني باگو"، "آديسي استاد"، "رنگ رتو آڪاس"، "سائر جو سوداءُ"، "رتا روهيڙا"، "ڪونجان" ۽ "تاندڙا تاندڙا رات" شامل آهن.



آصف بالادي

اڄ مشهور قومپرست اڳواڻ آصف بالاديءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. هن جو اصل نالو الهڏنو بالادي ولد ارباب علي بالادي آهي ۽ سندس جنم ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ خان بالاديءَ ۾ ٿيو. هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ڪنڊياري مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ٽنڊو ڄام مان گريجوئيشن ڪئي. هن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ادبي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1981ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شموليت اختيار ڪري قوم پرستن جي سات جو ساٿاري بڻجي ويو. 1985ع کان 1988ع تائين جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهيو. 1990ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان بعد به مختلف سياسي عهدن تي رهي ڪم ڪندو رهيو آهي. اڄڪلهه جيئي سنڌ قومي محاذ بشير خان قريشي گروپ جي سينئر وائيس چيئرمين طور ڪم ڪري رهيو آهي.

بختاور پليجو

بختاور پليجو جو جنم 2 سيپٽمبر 1976ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هوءَ مشهور سماجي شخصيت غلام قادر پليجي جي نياڻي آهي ۽ مشهور سياستدان سسئي پليجو سندس ڀيڻ آهي. هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ماس ڪميونيڪيشن واري شعبي ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي ۽ ان بعد لنڊن يونيورسٽيءَ مان پراڊڪشن ۽ ڊائريڪشن واري شعبي ۾ پڻ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. ادبي دنيا ۾ هوءَ هڪ شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي هوءَ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره پڻ آهي ۽ ڪيترن ئي ٽي وي ڊرامن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪري چڪي آهي. شوبز جي دنيا ۾ کيس بختاور مظهر جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

عثمان علي انصاري

اڄ مشهور عالم، اديب ۽ تعليمي ماهر عثمان علي انصاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هيءُ ناليوارو انسان 21 آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. مئٽرڪ جو امتحان شڪارپور مان ۽ انٽر جو امتحان علي ڳڙهه مان پاس ڪيائين. هن بي اي جي سند بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هن صحافت ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو. اڳتي هلي ايم اي جي سند به حاصل ڪيائين. هن خلافت تحريڪ ۽ هجرت تحريڪ ۾ به حصو ورتو. هن هاءِ اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ مختلف اسڪولن ۾ هيڊماسٽر ۽ پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1940ع کان 1947ع تائين ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور ڪم ڪيائين. 1950ع ۾ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جهڙو اهم عهدو ماڻيائين ۽ انهيءَ ئي عهدي تان 1947ع ۾ رٽائر ٿيو. 1940ع ۾ سائين جي ايم سيد سنڌ جو تعليم وارو وزير هو. جنهن عثمان علي انصاريءَ کي سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو. سنڌي لغت جي تياريءَ واري ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو. گڏوگڏ ٻين به ڪيترين ئي تعليمي ڪميٽين جو ميمبر ٿي ڪم ڪيائين. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري پڻ رهيو. هن حضرت سچل سرمست رحه جو ڪلام گڏ ڪري سچل جو رسالو ترتيب ڏنو. جنهن کي سندس وڏي ادبي ڪارنامي طور ياد ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين. هن 2 سيپٽمبر 1962ع تي وفات ڪئي

غلام حسين رنگريز

اڄ مشهور اديب غلام حسين رنگريز جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 18 اپريل 1945ع تي سجاول ضلعي جي شهر ميرپور بٺوري ۾ شفيع محمد رنگريز جي گهر ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڄم واري شهر مان حاصل ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايم ايڊ جون سندون ۽ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ پرائمري استاد طور 1963ع ۾ ڪيائين. 1977ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو ۽ 1984ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ميرپور بٺوري ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1995ع ۾ پڙهائڻ ڇڏي وڪالت شروع ڪيائين. لکڻ جي شروعات ننڍي هوندي کان ئي ڪيائين ۽ بٺوري جي بزم ادب ۽ تحريڪ تعمير ادب جي گڏجاڻين ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو. هن 2 سيپٽمبر 2021ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. کيس ميرپور بٺوري ۾ دفنايو ويو.



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد
سوٽ نمبر سال 2025

سافڪو سپورٽ مائيڪرو فنانس ڪمپني حيدرآباد. پلينٽف بخلاف. (1) مسمات پروين زال عقيل احمد رهندڙ گهر نمبر B-70 سيڪٽر A-7 بلال ڪالوني نارٿ ڪراچي (2) محمد فرقان ولد محمد شفيق رهندڙ گهر نمبر 745 اسٽريٽ نمبر 2 ڪچي آبادي نزد اوڊين سينما حيدرآباد. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد
سوٽ نمبر سال 2025

سافڪو سپورٽ مائيڪرو فنانس ڪمپني حيدرآباد. پلينٽف بخلاف. (1) مسمات شاهانه زال محمد اقبال رهندڙ پلاٽ نمبر 39 گهر نمبر A-25/27 محله قائد آباد لياقت ڪالوني حيدرآباد (2) محمد اقبال ولد رحيم الدين رهندڙ گهر نمبر گهر نمبر A-25/27 محله قائد آباد لياقت ڪالوني حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد
سوٽ نمبر سال 2025

سافڪو سپورٽ مائيڪرو فنانس ڪمپني حيدرآباد. پلينٽف بخلاف. (1) مسمات رقيه زال عدنان فاروق طاهر رهندڙ گهر نمبر A-51 رحمان ڪالوني محمود آباد نمبر 05 ڪراچي (2) عدنان فاروق طاهر ولد فاروق رهندڙ گهر نمبر A-51 رحمان ڪالوني محمود آباد نمبر 05 ڪراچي .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد
سوٽ نمبر سال 2025

سافڪو سپورٽ مائيڪرو فنانس ڪمپني حيدرآباد. پلينٽف بخلاف. (1) مسمات شبانه محمد علي زال محمد علي رهندر گهر نمبر 207 اسٽريٽ نمبر 02 پنجابي گلي نزد اوڊينس سينما حيدرآباد (2) محمد دانش ولد عبدالوحيد رهندڙ گهر نمبر 2108 اسٽريٽ نمبر 02 محله قائدآباد بلاڪ G حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته16-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي اير X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي اير II دوڙ
گارڊين درخواست نمبر 20 سال 2025

(1) محمد پرويز ولد تاج دين (2) مسمات انسا زال محمد پرويز ٻئي مسلم بالغ رهندڙ نوابشاه روڊ فليٽ نمبر 07 گلشن لطيف دوڙ تعلقو. ايپليڪينٽ بخلاف. (1) نياز سبحاني ولد تاج دين (2) مسمات خالده پروين زال نياز سبحاني (3) مزمل سبحاني ولد نياز حسين (4) بيبي خديجه ڌيءِ نياز سبحاني (ماءُ) (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج رهندڙ نوابشاه روڊ فليٽ نمبر 07 گلشن لطيف دوڙ تعلقو .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي ماٽر مدثر سبحاني ولد نياز سبحاني جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي اير II دوڙ

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات گل پري بيواهه محمد نواز علي جهيجو ويٺل ڳوٺ ڀهريون اڏيرولعل وليج تعلقومٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري محمد نواز علي جهيجو ولد گل محمد جيڪو روينيو کاتي ۾ حاضر سينئر ڪلارڪ هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 13-02-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (نوٽ) مرحوم جا والدين هڪ ڀاءُ ۽ مرحوم جي هڪ ڀيڻ فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿيل هئا.(1) مسمات گل پري زال محمد نواز جهيجو (بيواهه) (2) رفعت ڌيءِ محمد علي جهيجو (ڌي) (3) ورشا بنت محمد نواز علي جهيجو (4) اميد علي ولد گل محمد جهيجو (ڀاءُ) (5) محمد ابراهيم ولد گل محمد جهيجو (ڀاءُ) (6) فيض محمد ولد گل محمد جهيجو (ڀاءُ) (7) شبير احمد ولد گل محمد جهيجو (ڀاءُ) (8) محمد اسلم ولد گل محمد جهيجو (ڀاءُ) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هرهڪ نالي (1) عرفان علي جهيجو ولد امير بخش (2) وزيرعلي ولد واحدڏنو گهنگهلو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض اچي روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي آصف ولد محمد عمر راهمون درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي محمد عمر ولد فقير محمد راهمون جيڪو فوت ٿي ويل آهن فوتي کي ديهه بدين تپو بدين تعلقي بدين ۾ ايراضي حصي موجب هڪ دڪان A/102 ايراضي 400 سڪوئر فوٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي اهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي محمد عمر ولد فقير محمد راهمون جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 آصف پٽ فوتي جو 2 عرفان پٽ فوتي جو 3 انصار احمد پٽ فوتي جو 4 نور احمد پٽ فوتي جو 5 مسمات مهر النساءَ ڌيءِ فوتي جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرخاص وعام ماڻهن کي اطلاع ڏنو ڪجي ٿو ته اسان وٽ نالي آصف علي ولد غلام حسين درخواست ڏني آهي ته سندس نالي غلام حسين ولد نبي بخش جيڪوتاريخ 01-04-2023 تي فوت ٿي ويو آهي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ نالي (1) جواد واحد ولد عبدالواحد بلوچ (2) فريداحمد ولد خان محمد بيان ڏنو آهي ته فوتي جي نالي سٽي سروي نمبر 212/159 ايراضي 1620اسڪوائر فوٽ آهي فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺيان جائز وارث ڇڏيا آهن جائز وارثن جوتفصيل (1) آصف علي ولد غلام حسين (2) محمد راشد ولد غلام حسين (3) نوري ڌيءِ غلام حسين (4) آسيه ڌي غلام حسين (5) زينت ڌيءِ غلام حسين (6) بانڪو زال غلام حسين (7) ٻاڃي زال غلام حسين مٿي ڊيڪيرل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه جائز وارث هجي ته هن اشاعت جي ڇپجڻ جي ستن 07 ڏينهن اندر پاڻ يا وڪيل جي معرفت پنهنجي ثبوتن سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض پيش ڪندا ٻي صورت ۾ قانون موجب جائز وارثن ۾ فوتي جو کاتو بدلايو ويندو ۽ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪابه حجت يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

سٽي سروي آفيسر تعلقو ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 628 سال 2025

مسمات ناياب عظيم..پلينٽف بخلاف. قمر الدين سومرو ولد شمس الدين سومرو رهندڙ سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪالوني ٽنڊو ڄام ضلعو حيدرآباد ڊفينڊنٽس (1) فضا فاطمه عمر 09 سال ... مائنر

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 93 سال 2026

مسمات ياسمين زال محمد مرتضيٰ ڌيءِ حبيب شيدي مسلم بالغ ذات قمبراڻي رهندڙ ڳوٺ احمد خان ڪولاچي ضلعو ٽنڊو الهيار.پلينٽف بخلاف. محمد مرتضيٰ ولد عبدالخالد ذات قمبراڻي رهندڙ لال مسجد ضلعو ميرپورخاص ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 120 سال 2026

مسمات سلطانه ڌيءِ اسلم سيال رهندڙ ڳوٺ حاجي ڪيريو تعلقو سڪرنڊ.پلينٽف بخلاف. رشيد احمد ولد محمد طفيل سيال رهندڙ ڳوٺ حاجي ڪيريو تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات نغمه ڌيءِ ساجن رهندڙ ڳوٺ مولڏنو ميربحر پي او شاهپور رضوي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف بخلاف. احمد ولد علي محمد رهندڙ ڳوٺ مولڏنو ميربحر پي او شاهپور رضوي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
گارجين سوٽ نمبر 23 سال 2026

اظهار حسين ولد مرحوم خليل احمد ٻرڙو ويٺل ڳوٺ پيچاهو گوزو تعلقو ڪي اين شاهه ..ايپليڪينٽ بخلاف. هر عام و خاص ڌاڻهن / مهناز....اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ ننڍڙي الڪا ڌيءِ مرحوم خليل احمد ٻرڙو جي سرپرا مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

تاج محمد ولد شمس الدين رهندڙ ڳوٺ شمس الدين پنهور ديهه 120 تعلقو ضلعو ميرپورخاص ايپليڪينٽ بخلاف. جنرل پبلڪ.....ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي ميرل ولد شمس الدين جنهن ۾ يو بي ايل ميرپورخاص برانچ جي اڪائونٽ ۾ ڇڏيل رقم جي وصولي لاءِ جيڪي وارثن ۾ ورهاست ڪئي ويندي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج II/MCAC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
گارجين سوٽ نمبر 134 سال 2026

مير هزار خان ولد مختيار علي پنگوار رهندڙ ڳوٺ فيض محمد پنگوار نوابشاهه ..ايپليڪينٽ بخلاف. مسمات قرت العين ڌيءِ امام علي رهندڙ دولت ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زيرقلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن (1) نورالعين (2) ماهين مير جي گارڊين جي مقرري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکي)
فيملي سوٽ نمبر 272 سال 2026

(1) مسمات وشا ايمان ڌيءِ محمد رفيق (2) بيبي زينب ڌيءِ صابر علي عمر 02 سال رهندڙ منوآباد نوابشاهه..پلينٽف بخلاف. صابر علي ولد علي نواز پٽي رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه. 03013222215 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته03-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 5th سينئر سول جج حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات اسماء شاهنواز ڌيءِ شمس الدين رهندڙ گهر نمبر A/24 نقاش ولاز فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف بخلاف. (1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد (2) مختيارڪار روينيو تعلقو قاسم آباد (3) سب رجسٽرار قاسم آباد (4) شاهنواز چانڊ ولد جان محمد ذات چانڊ رهندڙ گهر نمبر A/24 نقاش ولاز فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن پارٽيشن اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

5th سينئر سول جج حيدرآباد

اطلاع عام

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مون پنهنجي شاٽ گن 2527 جنهن جو لائيسنس نمبر 18217666135 عمري دوران پنهنجي پاڻ عبدالرحيم ولد محمد عثمان رهندڙ شيخ پرڪير کي امانت طور ڏني هئي جيڪا هو هاڻي واپس ڪرڻ کان انڪاري آهي جنهن جي اطلاع ۽ لاڳاپيل ٿاڻي تي پڻ داخل ڪئي آهي. اگر ان جو ڪوبه غلط استعمال ٿيو ته ان سان منهنجو ڪو به واسطو نه هوندو منهنجي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

محمد يعقوب ولد محمد عثمان رهندڙ خواجه اجمير ڪالوني ٽنڊو الهيار

بقايا 1 "روزاني عبرت"

شاگرد ڌرين جو تعلق مقامي برادرين سان هجڻ سبب، ٽنڊوڄام جي سڪرائي ۽ ڪليري برادرين جي ماڻهن جو وڏو انگ زرعي يونيورسٽي اندر داخل ٿي ويو يونيورسٽي اندر فائرنگ پڻ شروع ٿي ويئي گوليون لڳيون ۽ خنجر لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ٻارهن ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ٽنڊوڄام آندو ويو ته اتي به ٻنهي ڌرين جا مجريل ماڻهو وڏي انگ ۾ پهچي ويا ۽ اسپتال اندر ٻيهر جهيڙو شروع ٿي ويو

بقايا 2 "روزاني عبرت"

پوليس پوسٽ جو انچارج زاهد پنهور پهچي اسانکي ڌمڪايو ۽ خراسان ڪيس اسانکي خدشو آهي ته انور جاکرو کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي: نظير جاکرو ۽ ٻيا لاش پرسان وڏي مقدار ۾ رت پڻ پيل آهي پوسٽ مارٽم ڪرائي معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي: وارثن جو مطالبو

بقايا 3 "روزاني عبرت"

سلسلي ۾ وڃي رهيو هو ته سول اسپتال پرسان واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي ٻئي طرف فوت ٿيل نوجوان جي وارثن لاش سکر پريس ڪلب آڏو رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ واقعي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي نوجوان جي والد جاويد شيخ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌن پٽ ڪم تي وڃي رهيو هو ته واٽر ٽينڪر ڊرائيور جي مبينا غفلت سبب حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿي ويو هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي فرار ٿيل ڊرائيور کي گرفتار ڪيو وڃي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

اسان جي گهر کي باهه ڏني جنهن جي رپورٽ ڪينٽ ٿاڻي داخل ڪرائي پر ڪينٽ پوليس ڪو به جوابدار گرفتار ڪون ڪيو غريب عورتون ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي منهنجي مڙس کي آزاد ڪري انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

ڪين طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي ذريعن موجب ٻئي نوجوان ستياري کان پنهنجي ڳوٺ پليجاڻي طرف اچي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو

بقايا 6 "روزاني عبرت"

جا اطلاع آهن ذريعن موجب فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ ڌر جو سجاد عرف ڄڄ چانڊيو گوليون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جيڪو بعد ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻي ڌر جا امتياز چانڊيو واحد بخش چانڊيو ۽ غلام مصطفيٰ چانڊيو پڻ فائرنگ ۾ زخمي ٿي پيا واقعي جي اطلاع ملڻ تي ٻي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال کي ڪنٽرول ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتي جو لاش پڻ ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو فائرنگ واري واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ حاصل ڪوسو ۽ پرپاسي واري علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ کي نظر ۾ رکندي پوليس پاران سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو پراڻي تڪرار جو نتيجو آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس پاران فائرنگ ۾ ملوث ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا هئا

بقايا 7 "روزاني عبرت"

چيو ته سنڌ جي نياڻي مظلومن جو آواز ناري محاذ اڳواڻ ڪامريڊ آرزو سنڌي کي انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻائيندي سنڌس جي FIRهيڪ ڪري ان تي معاذ شيٽر ڪيو ويو جنهن جو جوڙ ڄاڻائي ڪامريڊ آرزو سنڌي کي سنڌس ميڊيڪل سينٽر تان قاضي احمد ايس ايڇ او بنا ليڊيز پوليس جي سخت تشدد بعد گرفتار ڪري 2 ڏينهن گهر ڪيو ويو بعد ۾ ڪوڙي ڪيس داخل ڪري A.T.C ڪورٽ نوابشاهه ۾ پيش ڪيو ويو سنڌ جي ڌيءِ هن وقت حيدرآباد وومين جيل ۾ سنڌ جي عشق ۾ قيد آهي اسان جي قيادت ڀهرين ڏينهن تي ڪي عدالتي جانچ جي سيشن جج جي سربراهي ۾ عدالت جانچ جي گهر ڪئي هئي اسان عدالتي جانچ جي گهر ڪيون ٿا عدالتي جانچ ڪري ناري محاذ اڳواڻ ڪامريڊ آرزو سنڌي معان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس فوري طور تي ختم ڪري ڪيس آزاد ڪيو هنن وڌيڪ مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ جي نياڻي ڪامريڊ آرزو سنڌي کي تشدد بعد گرفتار ڪندڙ ايس ايڇ او قاضي احمد کي قاضي احمد ٿاڻي تان فوري طور تي هٽائي ڪيس برطرف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع طرح ڪيو ويندو

بقايا 8 "روزاني عبرت"

جڏهن ته شاخ جو پاڻي وارو گيج به مقرر سطح تي ناهي جنهن ڪري پڇڙيءَ جي آبادگارن تائين پاڻي پهچي نه ٿو سگهي هنن چيو ته پاڻي جي کوٽ سبب سارياڻو فصل پوکڻ به ناممڪن بڻجي رهيو آهي جنهن سان آبادگارن کي وڏي معاشي نقصان جو خدشو آهي هنن وڌيڪ چيو ته آبپاشي کاتي جي انجنيئر کي بار بار شڪايتون ڪرڻ باوجود پاڻي جي کوٽ ۽ مبينا غيرقانوني پاڻي چوري جو ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي آبادگارن مطالبو ڪيو ته آبپاشي کاتي جي نااهل انجنيئر کي فوري طور هٽائي متلا شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪري آبادگارن کي سنڌن حصي جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي، جڏهن ته ناجائز مشينون ۽ ڪٽ ختم ڪرائي شاخ جو گيج مقرر سطح تي آندو وڃي آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري پاڻي جو مسئلو حل نه ڪيو ويو ته هو احتجاج جو دائرو وڌائيندي قومي شاهراهه بند ڪري سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي ذميواري لاڳاپيل آبپاشي اختيارين تي هوندي

بقايا 9 "روزاني عبرت"

موجب نئون دمبالو واسي اڍائي ورهين جي معصوم ٻارڙي شهريار احمداڻي کي ٽي ڏينهن اڳ معائي ۾ پٽري جي آپريشن لاءِ ڏگهڙي جي نجي ميڊيڪل سينٽر آندو ويو جتي ٻارڙي کي داخل ڪيو ويو فوتي ٻارڙي جي وارثن شهباز احمداڻي ۽ سرمد احمداڻي موجب اسپتال انتظاميا ڪين مسلسل ڊاڪٽر جي اچڻ بابت يقين ڏيا ريندي رهي ۽ ڊاڪٽر دير سان اسپتال پهتو وارثن موجب گذريل رات دير سان ٻارڙي جو آپريشن ڪيو ويو وارثن ٻڌايو ته آپريشن کان پوءِ شروعات ۾ ڪين ٻڌايو ويو ته ٻارڙي جو آپريشن ڪامياب ٿي ويو آهي پر ڪجهه دير بعد ڪين چيو ويو ته ٻارڙو هوش ۾ اچڻ کان پوءِ ٻيهر بيهوش ٿي ويو آهي. وارثن موجب لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلاڪ تائين ڪوشش باوجود ٻارڙي کي هوش نه آيو ۽ هو فوت ٿي ويو متاثر وارثن الزام هنيو آهي ته ڊاڪٽر جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب سنڌن اڍائي ورهين جي معصوم ٻارڙي جي جان وئي آهي وارثن واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪندي ڏگهڙي ٿاڻي تي لکت ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي

بقايا 10 "روزاني عبرت"

پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جو مقصد معذور ماڻهن کي سنڌن آئيني ۽ جمهوري حق راءِ دهي بابت آگاهي فراهم ڪرڻ، پوسٽل بيلٽ جي سهولت، پولنگ واري ڏينهن ترجيحي بنيادن تي ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جي حق، ووٽ جي داخلا جي طريقيڪار ۽ چونڊ عمل ۾ سنڌن ڀرپور شرڪت بابت ڄاڻ فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي خطاب ڪندي ضلعي اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد سهتو چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان معذور ماڻهن کي باوقار ۽ آسان ماحول ۾ پنهنجي حق راءِ دهي استعمال ڪرڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته هر معذور شهري جو ووٽ ٻين شهرين جي ووٽ جيان برابر اهميت رکي ٿو تنهن ڪري ڪين چونڊ عمل جو فعال حصو بڻائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته پولنگ اسٽيشنن تي معذور ماڻهن جي سهولت لاءِ ريمپ، ترجيحي بنيادن تي ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ ۽ ٻين ضروري سهولتن جو انتظام ڪيو ويندو هن چيو ته معذور ماڻهو 8300 تي ايس ايم ايس ذريعي پنهنجو ووٽ چيڪ ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته ووٽ جي داخلا ۽ ٻين چونڊ معاملن بابت ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس سان پڻ رابطو ڪري سگهجي ٿو آگاهي پروگرام ۾ مختلف تنظيمن سان لاڳاپيل معذور ماڻهن، سماجي اڳواڻن ۽ ميڊيا نمائندن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن اليڪشن ڪميشن پاران معذور ماڻهن جي چونڊ حقن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ واري قدم کي ساراهيندي چيو ته اهڙن پروگرامن سان معذور ماڻهن ۾ پنهنجي حق راءِ دهي بابت شعور ۽ اعتماد ۾ اضافو ٿيندو پروگرام جي پڄاڻي تي ضلعي اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد سهتو سمورن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي يقين ڏياريو ته ايندڙ چونڊن دوران معذور ماڻهن کي پنهنجي حق راءِ دهي استعمال ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهولتون ۽ ضروري سهڪار فراهم ڪيو ويندو

بقايا 11 "روزاني عبرت"

ته ۾ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس ذريعن موجب ايس ايڇ او بدين علاول خاصخيلي ۽ اي ايس آءِ غلام حسين ملاح جي اڳواڻي ۾ ڀهرين ڪارروائي دوران جوابدار شاڪر علي قصر کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 400 پيڪٽ گٽڪو هٿ ڪيو ويو پوليس موجب جوابدار خلاف لاڳاپيل قانون تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ٻئي ڪارروائي دوران پوليس چانورن جي پراڻ ڪندڙ هڪ رڪشا لوڊر کي شڪ جي بنياد تي روڪي تلاشي ورتي تلاشي دوران چانورن جي پراڻ ۾ مهارت سان لڪايل 6 ٻورين مان 16 هزار 500 صفينا جا پيڪٽ هٿ ڪيا ويا پوليس ڪارروائي دوران جوابدار سجاد لغاري کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سنڌس ٻيا ساٿي نياز خاصخيلي ۽ بهادر لنڊ اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا پوليس موجب فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ٻنهي ڪاروائين بابت پوليس ٿاڻي تي دفعو 8 SPPMايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 12 "روزاني عبرت"

15 لک روپيا واپس نه ٿو ڪري ۽ اسان جي جاءِ به ٻاڇائي سان ملي پڪٽ ڪري ڳوٺ واري جڳهه ڪپائي ٿو جنهن لوفر ماڻهن کان تنگ ڪرايو ته اسان حيدرآباد لڏي ويا سين هن چيو ته پاءِ قاسم پئسا گهرڻ ۽ جڳهه تان قبضو هٽائڻ لاءِ تيار نه آهي جيڪو هاڻي حق چوڻ تي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي سرڪار اسان کي پنهنجي حق ڏياري يا اسان پاڻ کي سنڌس بنگلي اڳيان باهه ڏينداسين

بقايا 13 "روزاني عبرت"

اڳواڻن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ واضح ڪيو ته فاضل جميلي کي قانوني نوٽيس موڪلڻ دراصل ميڊيا ورڪرن جي حقن لاءِ اٿندڙ آواز کي دٻائڻ آزادي صحافت کي پابند ڪرڻ ۽ هڪ خودمختيار اداري تي دٻاءُ وجهڻ جي ناڪام ڪوشش آهي هنن چيو ته اهڙن نوٽيس ۽ قانوني گرفت جي خوف سان ميڊيا ورڪرن ۽ صحافتي قيادت جا حوصلا پست نٿا ڪري سگهجن سکر جي صحافين چيو ته جيڪو ادارو پاڻ پنهنجي مفادن ۽ بقا لاءِ ماضي ۾ ڪراچي پريس ڪلب جي سهڪار ۽ تعاون جو محتاج رهيو هجي اڄ اهو ئي مالڪانا هٿ ڌرمي جو مظاهرو ڪندي حق ۽ سچ جي آواز اٿارينڊڙ چونڊيل قيادت کي قانوني نوٽيس موڪلي رهيو آهي سکر يونين آف جرنلسٽس اهڙي قدم کي منافقانه ۽ قابل مذمت قرار ڏيندي چيو ته ڪراچي پريس ڪلب هميشه کان ملڪ جي سمورن صحافين جو قلعو ۽ هر فورم تي سنڌن آواز رهيو آهي سکر يونين آف جرنلسٽس جي عهديدارن دوٽوڪ لفظن ۾ اعلان ڪيو ته هو ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي سموري مجلس عامله سان پٿر وانگر مضبوط ٿي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهن هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور تي اهو نام نهاد قانوني نوٽيس واپس نه ورتو ويو ته سکر جا صحافي ملڪ جي ٻين صحافتي تنظيمن، سول سوسائٽي، بار ڪائونسلن ۽ انساني حقن جي علمبردارن سان گڏجي احتجاجي لائحه عمل طئي ڪرڻ تي مجبور ٿيندا ۽ هن ناانصافي جو ڀرپور قانوني ۽ جمهوري مقابلو ڪيو ويندو

بقايا 14 "روزاني عبرت"

ڪال ڪري چيو ته اسان جي علائقي ۾ ڪاروبار ڪريو پيا ۽ لفٽ نٿا ڪرايو ۽ ڀتو طلب ڪيو اسان انهي ڳالهه کي مزاق سمجهيو پر مذڪوره بااثر شخص ۽ سنڌس پٽ جبار ۽ ٻين نامعلوم ماڻهن هوٽل تي ويٺل منهنجي ننڍي ڀاءُ ۽ اسان سان گڏ ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن معان ڪهاڙين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري ٻن ڄڻن کي سخت زخمي ڪري وڌو جن مان هڪ کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي داخل ڪيو ويو آهي هن چيو ته اسان شاهپور ڊرپور ٿاڻي تي ڪيس به داخل ڪرايو آهي ۽ پوليس اڄان ڏائين ڪک پچي ويٺو ناهي ڪيو جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن جن مان اسان کي جاني ۽ مالي نقصان جو خطرو آهي انصاف لاءِ هتي پهتا آهيون جيڪڏهن جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته اسان جي يونين آهي اسان پاڻ ڪو لاءِ عمل جوڙي مسئلي کي حل ڪنداسين هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان تي حملو ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 15 "روزاني عبرت"

رڪيل سامان تحويل ۾ وٺي لاڳاپيل ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آپريشن جي اڳواڻي اينٽي انڪروچمينٽ انسپيڪٽر عدنان ميمڻ ۽ ڪامران ميمڻ ڪئي جڏهن ته ڪارروائي دوران ٽريفڪ پوليس جي سارجنٽ موسيٰ ميمڻ سميت پوليس جي نفري پڻ موجود هئي جنهن تجاوزات جي خاتمي ۽ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ ميونسپل ڪارپوريشن جي ٽيم سان سهڪار ڪيو واضح رهي ته ميناره روڊ، نيم جي چاڙهي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ دڪانن ٻاهران سامان رکڻ ۽ روڊن ۽ فوٽ پاٿن تي تجاوزات قائم ٿيڻ سبب شهرين کي اچ وڃ ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جڏهن ته ٽريفڪ جي رواني پڻ سخت متاثر ٿي رهي هئي شهرين جي سهولت، ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۽ روڊن ۽ فوٽ پاٿن کي تجاوزات کان پاڪ رکڻ لاءِ اها ڪارروائي ڪئي وئي ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا دڪاندارن ۽ ڪاروباري ماڻهن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي دڪانن جي حدن کان ٻاهر سامان رکڻ ۽ سرڪاري جاءِ تي ڪنهن به قسم جي تجاوزات قائم ڪرڻ کان پاسو ڪن ٻي صورت ۾ قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ميونسپل ڪارپوريشن انتظاميا واضح ڪيو ته شهر ۾ ناجائز تجاوزات خلاف ڪارروائيون لاڳيتو جاري رکيون وينديون ته جيئن شهرين کي بهتر محفوظ ۽ آسان اچ وڃ جي سهولت فراهم ڪري سگهجي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

احمد علي ناريجو کي ليپ ٽاپ ۽ نقد انعام پيش ڪيو واضح رهي ته ڊپٽي ڪمشنر 05 آگسٽ تي ڪشمير جي استحصال جي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب ۾ بهترين تقرير ۽ علامه محمد اقبال جي بهترين شاعري پيش ڪرڻ تي نائين درجي جي شاگرد جي پرجوش تقرير ٻڌڻ کان پوءِ شاگرد کي انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو شاگرد جو استاد عبدالشڪور ناريجو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد مستقيم قريشي اسسٽنٽ ڪمشنر محمد عثمان عارف، ضلعي اطلاعات آفيسر عبداللطيف سولنگي ۽ ٻيا آفيسران موقعي تي موجود هئا

بقايا 17 "روزاني عبرت"

شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شائسته ڪوسو چيو ته دارالامان ۾ پناهه وٺندڙ عورتن کي بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي عورتن سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو ته مبينا طور تي ڪنهن به شفاف انڪوائري ڪانسواءِ انهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي هن چيو ته دارالامان ۾ رهندڙ هڪ متاثر عورت مبينا طور تي پوليس اهلڪارن تي جنسي هراسان ڪرڻ جا سنگين الزام به لڳائي رهيون آهن جڏهن ته دارالامان جي انچارج مدثره علوي تي پڻ الزام لڳائيندي چيو ته ڪين پاڻي،صابڻ،ڪاڌو ۽ چانهه تائين مناسب طريقي سان فراهم نٿي ڪئي وڃي دارالامان کي ملندڙ بجيٽ آخر ڪاٿي خرچ ٿي رهي آهي جو پناهه ورتل عورتن کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي. شائسته ڪوسو چيو ته دارالامان ۾ رهندڙ عورتن جي شڪايتن کي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي تحفظ ۽ بنيادي حقن کي يقيني بڻايو وڃي من چيو ته عورتن کي گهر ڇڏڻ کان اڳ سوچڻ گهرجي ته دارالامان ۾ ڪين اهي سهولتون ۽ تحفظ نه ملندو جيڪو هو چاهن ٿيون.سماجي اڳواڻ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سمورن الزامن جي غيرجانبدار ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ داخل ڪرايل ايف آءِ آر ختم ڪرائي متاثر عورتن کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 18 "روزاني عبرت"

مراد ميراڻي رهواسي ميراڻي محلو نمائش پراڻي سکر کي گرفتار ڪري ورتو پوليس جوابدار جي قبضي مان 1060 گرام چرس هٿ ڪئي جوابدار خلاف ڪيس نمبر 306/2026، قلم (1) 9.3 Cسنڌ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ايڪٽ 2024 تحت داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 19 "روزاني عبرت"

حيدر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا احتجاج ڪندڙن صحافين شاهنواز سومرو، جسقم اڳواڻ رمضان پنهور ،لالا ظهير سومرو،ايس ڪي پي ضلعي اڳواڻ شهباز علي ملڪ ،غلام مصطفيٰ پنهور ،هالار ياسين آرائين، ڪامريڊ خالد حسين ڪوسي ،غلام مصطفيٰ جانوري،صحافي زاهد حسين شاهه،وسيم پنهور،سارنگ ڪوسو ،ٽائيگر عمر سولنگي،علي رضا سولنگي،وقاص ياسين آرائين ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته قلم ڌڻين کي ڏنڊي جي زور تي نه ٿو هيسائي سگهجي، حق سچ لکڻ تي ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي سينئر صحافي شاهنواز سومرو ۽ سيد زاهد حسين شاهه کي ڪوريج ڪرڻ تان موبائيل ڦري گرفتار ڪرڻ ۽ تشدد ڪرڻ واري عمل جي مذمت ڪجي ٿي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت هوم ڊسٽرڪٽ ۾ ايس ايڇ او جي مقرري تي پابندي لاڳو ٿيل آهي ايس ايس پي دادو سپريم ڪورٽ جي اهڙي حڪمن جي هوا ۾ اڏائي ڇڏيون احتجاج ڪندڙن ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي دادو ريٽائرڊ ڪئپٽن صدام حسين خاصخيلي کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ڪرپٽ ۽ راشي ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي کي هٽايو وڃي ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 20 "روزاني عبرت"

ٽينگري جو ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي ڌمظاهرين الزام لڳايو ته متاثر خاندان موجب مبينا طور پتو نه ڏيڻ جي معاملي تي ٽينگري کي اغوا ڪيو ويو واقعي جي اطلاع لاڳاپيل ٿاڻي کي ڏئي اغوا جي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي وئي جڏهن ته ايس ايس پي سکر کي به درخواست موڪلي وئي آهي پر اڃا تائين ٽينگري جي بازيابي ممڪن نه ٿي سگهي آهي مظاهرين پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته 12 ورهين جي اغوا جي بازيابي لاءِ فوري اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪري ٽينگري کي بحفاظت بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 21 "روزاني عبرت"

نه ٿيڻ جو بنيادي سبب مالي خسارو قرار ڏنو آهي. جڏهن ته انتظاميه طرفان گريڊ وائيز پگهارون جاري ڪرڻ جي تجويز تي پڻ غور ڪيو پيو وڃي ذريعن جو چوڻ آهي ته مالي مسئلن سبب يونيورسٽي انتظاميه کي پگهارن جي ادائيگي بابت مختلف آپشنز تي غور ڪرڻو پئجي رهيو آهي هوڏانهن پگهارون وقت سر جاري نه ٿيڻ تي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽيچرز ايسوسيئيشن (سائوٽا) جي اڳواڻن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي سائوٽا جي صدر ڊاڪٽر فهد نذير ڪوسو ان معاملي تي اڄ اربع تي استادن جي تنظيم جو هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. ڊاڪٽر فهد نذير ڪوسو جو چوڻ آهي ته پگهار هر ملازم، استاد ۽ آفيسر جو بنيادي حق آهي جيڪو ڪنهن تي احسان يا رعايت نه پر سنڌس سرانجام ڏنل خدمتن جو معاوضو آهي تنهنڪري ان جي ادائيگي فوري طور ٿيڻ گهرجي سنڌس چوڻ هو ته استاد، آفيسر ۽ ملازم اڳ ئي ڪافي عرصي کان مختلف رهڻن جي ادائيگي نه ٿيڻ باوجود صبر ۽ برداشت جو مظاهرو ڪندا رهيا آهن پر هاڻي پگهارن جي ادائيگي ۾ غير ضروري دير ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي سائوٽا صدر وڌيڪ چيو ته هنگامي اجلاس ۾ موجوده مالي صورتحال، پگهارن جي ادائيگي ۾ دير ۽ ملازمن کي درپيش مسئلن تي تفصيلي غور ڪري ايندڙ جو لائحه عمل طئي ڪيو ويندو هوڏانهن يونيورسٽي انتظاميه جي ذريعن موجب مالي بحران کي نظر ۾ رکندي پگهارن جي ادائيگي بابت گريڊ وائيز فارمولا سميت مختلف تجويزن تي غور جاري آهي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

هٿيارٻندن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو قتل بعد ٻنگوار برادري جا ماڻهون وڏي تعداد ۾ پهچي لاش کڻي سول اسپتال آندو جتي نوجوان ڇڪي مڙس جي لاش ڏسي وارث زاروقطار روئڻ لڳا اسپتال ۾ قانوني ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو وڏي تعداد ۾ هٿيار کڻي پهچي ويا واقعي تي علائقي ۾ سوڳ جو ماحول بڻجي ويو انهي حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو محمداڻي ۽ ٻنگوار برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار سبب پيش آيو آهي واضع رهي ته ڪجهه سال اڳ ڪارنهن تڪرار ڪان شروع ٿيو جنهن ۾ عورتن سميت ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن واقعي تي پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي جڏهن ته محمداڻي برادري جي ماڻهن قتل ڪرڻ بعد خوشي ۾ فائرنگ پڻ ڪري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏي آهي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

گوليون هٿ ڪيون آهن. مقابلي دوران سنڌس 3 ساٿي فرار ٿي ويا؛ ايس ايڇ او عبدالشڪور لاڪو

بقايا 24 "روزاني عبرت"

ظاهر ٿي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو ته ٽن سالن کان عمارت تيار ٿي چڪي آهي پر هيئر تائين ڪلاس شروع ناهن ڪيا ويا جنهن سبب نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي هنن چيو ته ٽن سالن کان تيار ٿيل عمارت ايجوڪيشن کاتي جو ڪوبه ذميوار عملدار وٺڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته اهي افواهه گردش ڪري رهيا آهن ته عمارت ناقص طرح سان تعمير ڪئي وئي آهي جنهن ۾ عمارت جي ڊي پي سي ليول کان 2 کان 3 فوٽ هيٺائين ۾ ڪري ان معان عمارت تيار ڪئي وئي آهي جنهن سبب عمارت ليول کان گهڻو هيٺ ڏيک ڏئي رهي آهي جڏهن ته برسات جي موسم ۾ برسات پوندي آهي ان دوران اسڪول جو ايوان پاڻي سان ڀرجي تلاءُ بڻجي ويندو آهي جنهن سبب جي ڪري ٺيڪيدار کان ڪير به عمارت نه پيو وٺي جڏهن ته ايجوڪيشن ضلع انتظاميا ۽ اعليٰ انتظاميا ڪوبه نوٽس وٺڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري اسڪول جي عمارت کي تالا لڳل آهن ۽ عمارت لاوارث حالت ۾ پئي آهي ڪڪڙ شهر ۽ آس پاس جي رهواسين وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ڊي سي دادو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته عمارت جي اڏاوت متعلق انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ فرنيچر ,فيميل ٽيچر سميت ٻيو عملو مقرر ڪري جلد ڪلاس شروع ڪرايا وڃن ۽ مڊل اسڪول کي اپگريڊ ڪري گرلس هاءِ اسڪول بڻايو وڃي ته جيئن ڪڪڙ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن جون نياڻيون پنهنجي تعليم صحيح طرح سان حاصل ڪري سگهن

بقايا 25 "روزاني عبرت"

ٿي وئي ۽ هو فوت ٿي ويو جنهن بعد عدالتي حڪم تي سڪرنڊ ٿاڻي تي گناهه نمبر 279/2026 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ان تحت اڄ سينيئر سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ نو ارشاد احمد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ جوڙيل ميڊيڪل بورڊ ڊاڪٽر فرقان راڄپر ، پوليس سرجن ڊاڪٽر مظهر چانڊيو پاران ڳوٺ پريل شاهه جي قبرستان ۾ فوتي رمضان چانڊيو جي قبر ڪشائي ڪري سنڌس جزا ورتا آهن جيڪي پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليا ويندا جنهن جي رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي ا موقعي تي سيڪورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا فريادي سجاد چانڊيو ٻڌايو ته منهنجي چاچي کي زهر ڏئي قتل ڪيو ويو آهي هو سال جو واپاري هو ڏيتي ليتي جي معاملي تان ڪيس زهر پيارايو ويو اميد آهي ته اسان سان انصاف ٿيندو ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 26 "روزاني عبرت"

سري جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته سنڌس 2 ساٿي قربان علي ولد نواز ابڙو ۽ فرقان علي ولد اياز علي ڪوسو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جن جي گرفتاري لاءِ پوليس پاران ڇاپا هنيا پيا وڃن زخمي جوابدار کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم منتقل ڪيو ويو جتان طبي امداد بعد ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري ڇڏيو جوابدارن خلاف سٽي ٿاڻي تي پوليس مقابلي ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جا ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 27 "روزاني عبرت"

بدين جي 14 وارڊن ۾ 10 سال اڳ فلٽريشن پلانٽ لڳايا ويا آهن جيڪي پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي جي ڪري تباهي ڪناري پهچي ويا آهن ۽ اڪثر فلٽريشن پلانٽ بند پيا آهن جنهن جي ڪري بدين جي لکين شهرين کي پيئڻ جي صاف پاڻي بدران قاضيا واهه جو گدلو پاڻي ڏنو پيو وڃي جنهن جي ڪري شهرين ۾ خطرناڪ بيمارين پکڙجڻ جو خدشو وڌي ويو آهي شهرين واپارين غلام علي ميمڻ اشفاق احمد ڪوسو ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته فلٽر پلانٽن ۾ فلٽر جنهن کي هر هفتي بدلي ڪرڻو آهي بدلي نٿو ڪيو وڃي ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ فلٽر جي جاءِ تي صوفا سيٽ جي فوم جي گادي لڳائي فارملٽي پوري ڪئي پئي وڃي اڪثر فلٽر پلانٽن کي تالا هڻي بند ڪيو ويو آهي هر مهيني ڪروڙين روپين جا فنڊ ڪيڏانهن وڃن ٿا ڪا خبر ناهي هنن چيو ته سنڌ سرڪار هر مهيني ڪروڙين روپين جي گرانٽ ڏي ٿي جيڪا شهر تي خرچ ڪرڻ بدران هڙپ ڪئي وڃي ٿي شهري پيسن تي واهه جو گدلو پاڻي وٺي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

HESCO

تصحيح

حيسڪو جي مالياتي سال 26-2025 لاءِ ٽرانسميشن ۽ ڊسٽريبيوشن (T&D) ٽيڪنيڪل نقصان (Losses) جي مطالعي ۽ جائزي لاءِ ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪرڻ بابت آڇون (Bids) جي دعوت جو اشتهار تاريخ 26-07-2026 تي اخبارن، يعني روزاني ڊان ڪراچي، روزاني جهانِ پاڪستان ۽ روزاني عبرت حيدرآباد ۾ PID(H) 19/2026 نمبر تحت شائع ڪيو ويو هو.

آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 03-09-2026 وقت 11:00 وڳي مقرر ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ هاڻي واڌ ڪندي آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 30-09-2026 وقت 11:00 وڳي تائين ڪري وئي آهي.

چيف انجنيئر (P&E)
حيسڪو، حيدرآباد

PID(H) 59/2026

عام اطلاع

پروجيڪٽ بابت: "جي بي ٽاور"

واقع پلاٽ نمبر 02، (پريميسز 4-2 ۽ 2/5)، RY-16، ريلوي ڪوارٽرز، ڊسٽرڪٽ سائوٿ، ڪراچي

هر عام و خاص ۽ سڀني سرڪاري ادارن، خاص طور تي پروجيڪٽ سان لاڳاپيل ماڻهن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته "جي بي ٽاور" جي نالي سان منصوبو، واقع پلاٽ نمبر 02، (پريميسز 4_2 ۽ 2/5)، RY-16، ريلوي ڪوارٽرز، ڊسٽرڪٽ سائوٿ، ڪراچي، لاءِ پبلڪ سيل ايڊورٽائيزمينٽ سيڪشن، ايس بي سي اي پاران فليٽس/دفترن ۽ دڪانن جي وڪري ۽ اشتهار لاءِ اين او سي جاري ڪئي وئي هئي، جنهن جو نمبر SBCA/DD(PSA&C)/209/Adv-201/2022 تاريخ 22-12-2022 تجويز ڪيل ٺاهڻ جي آخري تاريخ 31-12-2026 هو اها اين او سي مسز فريند سراج فانسيه، شناختي ڪارڊ نمبر 42201-8916140-2)، جيڪا پلاٽ جي شريڪ مالڪ ۽ ميسرز زيب ڪمپني (BL-3829) جي پارٽنر آهي، جي حق ۾ منظور ٿيل تعميراتي اجازت نامي/موجوده بلڊنگ پلان جي تحت ڏني وئي هئي. جيڪو نمبر RY/PC-2/OWC/Arch & Planning/Construction Permit/2021/246 تاريخ 08-12-2022 جنهن جي مطابق عمارت جي تفصيل آهي. بيسمنٽ (ARS+ سروسز) + گرائونڊ فلور (شاپس + سروسز) + پهرين کان چوٿين ماڙ (وزيٽر پارڪنگ + سروسز) + پنجين کان ستين ماڙ (پروجيڪٽ پارڪنگ + سروسز) + اٺين کان ايڪيهين ماڙ (دفتر + سروسز) + ٻاويهين ماڙ (ريڪريئيشن ايريا + سروسز) + ٽيويهه کان چوويهين ماڙ (فليٽس) + ڇت (سولر پئنل + بيٽري روم + سروسز): ڪل رقبو: 4697.33 چورس ميٽر.

هاڻي، جناب محمد جاويد ولد محمد دائود (شناختي ڪارڊ نمبر 1-8300794-42000)، جيڪو پلاٽ جو شريڪ مالڪ، جنرل پاور آف اٽارني هولڊر ۽ ميسرز بلاول ايسوسيئيٽس (BL-2661) جو پارٽنر آهي. نظرثاني ٿيل اين او سي جي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي، جنهن ۾ منصوبي جو نالو "جي بي ٽاور" مان تبديل ڪري "بلا و ٽريڊ سينٽر VI" ڪرڻ جي درخواست شامل آهي ۽ جنهن جي تجويز ڪيل ٺاهڻ جي تاريخ 31-12-2030 رکي وئي آهي. هيءَ درخواست نظرثاني ٿيل، منظور ٿيل بلڊنگ پلان/ڪنسٽرڪشن پرمٽ تحت ڏني وئي آهي، جيڪو ونڊو ايس بي سي اي ذريعي منظور ٿيل آهي، بمطابق نمبر RY/PC-2/OWC/Arch & Planning / Construction Permit/2025/109 تاريخ 24-12-2025، جنهن جي مطابق عمارت جي نئين تفصيل آهي. بيسمنٽ (اي آر ايس + پروجيڪٽ پارڪنگ + سروسز) + گرائونڊ فلور (شورومز + سروسز) + پهرين ماڙ (پروجيڪٽ پارڪنگ + سروسز) + ٻئين کان پنجين ماڙ (وزيٽر پارڪنگ + سروسز) + ڇهين کان ستين ماڙ (پروجيڪٽ پارڪنگ + سروسز) + اٺين ماڙ (ريڪريئيشن ايريا + سروسز) + نائين کان اٺٽيهين ماڙ (دفتر + سروسز) + ٽيهين ماڙ (فليٽس + سروسز) + ڇت (سولر پئنل + بيٽري روم + سروسز): (ڪل ايراضي: 4697.33 چورس ميٽر).

جيڪڏهن ڪنهن فرد، الاٽي، يا ڪنهن سرڪاري/خانگي اداري کي جاڻايل ڀاهرين منصوبي "جي بي ٽاور" مان "بلا و ٽريڊ سينٽر VI" نالي جي تبديلي، مقام: پلاٽ نمبر 02، (پريميسز 4_2 ۽ 2/5)، RY-16، ريلوي ڪوارٽرز، ڊسٽرڪٽ سائوٿ ڪراچي جي شريڪ مالڪ/بلڊر محمد جاويد ولد محمد دائود (سي اين آءِ سي نمبر 1-8300794-42000) جي حوالي سان بطور جنرل پاور آف اٽارني هولڊر ۽ پارٽنر ميسرز بلاول ايسوسيئيٽس (BL-2661) تي ڪو اعتراض يا دعويٰ هجي تواهي پنهنجا اعتراض، ثبوت سان گڏ ڊائريڪٽر، پبلڪ سيل ايڊورٽائيزمينٽ ۽ ڪمپلينٽ سيڪشن، ايس بي سي اي جي دفتر: ٽين ماڙ، انيڪسي بلڊنگ، سوڪ سينٽر، گلشن اقبال، ڪراچي ۾ هن نوٽيس جي اشاعت جي 15 ڏينهن جي اندر جمع ڪرائين. مقرر ڪيل وقت ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

INF/KRY/3853/2026

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي
پبلڪ سيل ايڊورٽائيزمينٽ ۽ ڪمپلينٽ سيڪشن
ٽين ماڙ، انيڪسي بلڊنگ، سوڪ سينٽر، گلشن اقبال، ڪراچي

ٽيلي فون: 022-2639441، 022-9210364 فيڪس: 022-9210365
اي ميل: digphydregion@gmail.com

آفيس ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پرزنس، حيدرآباد ريجن
نمبر: DIGP/HYD/(LS)/- 4925 تاريخ: 31-08-2026

ٽينڊر نوٽيس

1. سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال سنڌ پرزنس اسٽاف ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (SPSTI)، حيدرآباد SPSTI جي ٽريني کي روزاني جي بنياد تي ٽي وقت (ناشتو منجهند جي ماني ۽ شام جي ماني) مقرر ڪيل خوراڪ، مينيو ۽ ماپ مطابق سال 2026-2027 لاءِ رنگ ڪانٽرڪٽ جي بنياد تي "پڪل ماني" ۽ سپلاءِ ڪرڻ لاءِ SPPRA اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) ويب سائيٽ) ذريعي مجاز فردن / ٺيڪيدارن / فرمن / ڪمپنين / جنرل آرڊر سپلائرز / واڪ ڊينڊرن، جن جو انڪم ٽيڪس (ايڪٽو)، سيلز ٽيڪس (ايڪٽو)، تازو سنڌ فوڊ اٿارٽي (SFA) لائسنس ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) وغيره سان لازمي رجسٽرڊ هجڻ کان هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي رول (2)46 جي مطابق مهر بند آڇون گهرائي ٿي
2. واڪ دستاويزجنهن ۾ ضروري تفصيل يعني شرط ۽ ضابطا، ٽڪنيڪي ۽ مالياتي تجزيي جا معيار، خوراڪ جو مينيو ماپ ۽ تفصيل، ٽريننگ جا تفصيل وغيره شامل آهن، آفيس سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال SPSTI ويجهو سي آءِ اي سينٽر حيدرآباد مان 2026-09-21 صبح 11:30 وڳي تائين پنهنجي باضابطا ليٽر هيڊ تي درخواست جمع ڪرائي ڪنهن به ڪم واري ڏينهن آفيس جي وقت دوران اخبارن ۾ ٽينڊر نوٽيس جي پهرين اشاعت جي تاريخ کان حاصل ڪري سگهجن ٿا، جنهن لاءِ ٽينڊر فيس -/1,000 رپيا نقد "ناقابلِ واپسي" بشمول صحيح ۽ تصديق ٿيل قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي جمع ڪرائڻي پوندي.
3. واڪ دستاويزات SPPRA اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) جي ويب سائيٽ يعني https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ توڙي سنڌ پرزنس اينڊ سي ايس جي ويب سائيٽ يعني www.spcs.gos.pk تان به دستياب آهن جن کي 2026-09-21 منجهند 12:00 وڳي تائين ڊائونلوڊ ڪري سگهجي ٿو جيڪو واڪ ڊينڊڙ ڄاڻايل ويب سائيٽن تان ڊائونلوڊ ڪري واڪ دستاويز حاصل ڪري ٿو ان کي ڄاڻايل آفيس ۾ سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال سنڌ پرزنس اسٽاف ٽريننگ انسٽيٽيوٽ حيدرآباد جي نالي -/1,000 رپين جي رقم جو پي آرڊر طور ٽينڊر فيس "ناقابلِ واپسي" جمع ڪرائڻ لازمي هوندو.
4. واڪ دستاويز 2026-09-21 تي منجهند 12:00 بجي تائين (هر لحاظ کان مڪمل) SPPRA اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) ويب سائيٽ تي ٻيهر اپلوڊ ڪيون وينديون. ٽڪنيڪي تجويزون ان ئي ڏينهن منجهند 12:30 وڳي SPPRA اي-پيڊس ويب سائيٽ ذريعي انهن واڪ ڊينڊرن جي موجودگي ۾ کوليون وينديون جيڪي موجود رهڻ چاهين ٿا. ڪنهن به سبب جي ڪري آڇ کولڻ واري ڏينهن عام موڪل هجڻ جي صورت ۾، ٻوليون ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي مقرر وقت ۽ جاءِ تي کوليون وينديون.
5. آڇ سان گڏ سوڻي رقم جي صورت ۾ ڪل آڇ جي رقم مان -/400,000 رپين (صرف چار لک رپين) جو پي آرڊر / ڊيمانڊ ڊرافٽ، پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ جي سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال سنڌ پرزنس اسٽاف ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (SPSTI)، حيدرآباد جي نالي هجڻ ضروري آهي. بڊ سيڪيورٽي واڪ ڊينڊڙ ڪمپني / فرم جي نالي تي جاري ٿيل هجڻ گهرجي. ان جي هڪ ڪاپي SPPRA اي-پيڊس ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪئي ويندي ۽ اصل بڊ سيڪيورٽي مهر بند لفافي ۾ آڇ کولڻ واري مٿي ٻڌايل وقت جي حد ۽ جاءِ تي يا ان کان اڳ جمع ڪرائي وڃي. گهربل بڊ سيڪيورٽي کان بغير آڇن تي غور نه ڪيو ويندو ۽ انهن کي رد ڪيو ويندو. بليڪ لسٽ ٿيل فرمن پاران پيش ڪيل آڇون به قبول / قابل غور نه هونديون.
6. آڇون کولڻ ۽ انهن جي تجزيي جو عمل نوٽيفائي ٿيل پروڪيورمينٽ ڪميٽي ذريعي ڄاڻايل SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب ڪيو ويندو
7. روزاني ٽي وقت جي پڪل ماني (ناشتو ٻپهر جو ماني ۽ شام جو ماني) وغيره لاءِ في ٽريني في ڏينهن پيش ڪيل تمام شرحون / ريٽس انڪم ٽيڪس يا ڪنهن به ٻئي مقرر ڪيل ٽيڪسن سميت هجڻ گهرجن ۽ انهن کي بغير ڪنهن ڪٽنگ ۽ اوور رائٽنگ جي پاڪستاني رپين ۾ انگن ۽ لفظن ٻنهي ۾ واضع طور درج ڪيو ويندو.
8. ڪنهن به صورت ۾ مشروط آڇ / درخواست تي غور نه ڪيو ويندو
9. سمورا ڄاڻايل تفصيل واڪ دستاويز ۾ دستياب آهن، تنهن هوندي به، جيڪڏهن ڪا معلومات گهربل هجي ته سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال سنڌ پرزنس اسٽاف ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (SPSTI)، حيدرآباد جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن آفيس جي وقت دوران يا فون نمبر 022-2669004 ۽ 022-2669870 تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.
10. سينئر سپرنٽنڊنٽ / پرنسپال سنڌ پرزنس اسٽاف ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (SPSTI)، حيدرآباد وٽ ڄاڻايل SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب تمام آڇون / تجويزن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

(محمد ناصر خان)
ڊي آءِ جي پرزنس ۽ سي ايس حيدرآباد ريجن
(سربراهه پروڪيورمينٽ ڪميٽي)

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY/3850/2026

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ ڪرسي تي ويهڻ تان شاگردن ۾ جهيڙو، فائرنگ، 12 ڄڻا زخمي

ڪراپ پراڊڪشن فيڪلٽي ڪلاس روم ۾ ڪرسي تي ويهڻ تان ٻن شاگرد ڌرين ۾ جهيڙو سنگين صورت اختيار ڪري ويو

يونيورسٽي اندر فائرنگ، گرليون، لٺيون ۽ خنجر لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ٻارهن ڄڻا زخمي ٿي پيا

پوليس جي وڏن آفيسرن پهچي حالتن تي ضابطو آندو، زخمين کي پوليس جي پهري هيٺ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ڪراپ پراڊڪشن فيڪلٽي جي ڪلاس روم ۾ ڪرسي تي ويهڻ تان ٻن شاگرد ڌرين وچ ۾ ٿيل معمولي جهيڙو سنگين صورت اختيار ڪري ويو ٻنهي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: جهيڙي دوران زخمي ٿيل نوجوان کي اسپتال ڏانهن نيو پيو وڃي

مٽياري لڳ تيز رفتار ڪار جو بيٺل ٽرڪ سان ٽڪر 2 ڄڻا زخمي

مٽياري (ڊ ر) پليجاڻي جي رهواسين جي مهراڻ ڪار مٽياري کان پليجاڻي ايندي مٽياري شگر مل وٽ مين روڊ تي تيز رفتاري دوران ٽرڪ جي پٺيان ٽڪرائجي وئي. حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ڊرائيور غازي خاصخيلي ۽ دلبر گوپانگ سخت زخمي ٿي پيا، جن کي فوري طور سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جتي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ عورت جو ٻاٿڻن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٻاٿڻن جي چرچ تي پوليس مڙس نور محمد قاضي کي گرفتار ڪرايو آهي: ضميران

ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي نوٽيس وٺي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪن

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل: ڳوٺ لونگ آباد جي رهواسڻ مسمات ضميران زال نور محمد قاضي ۽ مسمات ساجده هتي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اڄ صبح جو سٽي پوليس اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري منهنجي مڙس نور محمد قاضي تي تشدد ڪندا ڪٺي ڪنهي ويا آهن مسمات ضميران قاضي چيو ته ڪجهه ڏينهن کان اسان نور محمد قاضي جي ٻاٿڻن عبدالقدير حافظ محمد عليم قاضي ۽ ٻين ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي منهنجي مڙس کي سٽي ٿاڻي جي پوليس هٿان گرفتار ڪرايو آهي هتن وڌيڪ چيو ته عبدالقدير وارن ڪجهه ڏينهن اڳ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ميهڙ لڳ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، 3 زخمي

ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد، ڳوٺ حاصل ڪوسو ۾ فائرنگ سبب سجاد عرف ڄڄ چانڊيو مارجي ويو

ٻي ڌر جا امتياز چانڊيو، واحد بخش ۽ غلام مصطفيٰ چانڊيو زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد فوتي جو مڙهه وارثن جي حوالي، واقعي بعد علائقي ۾ خوف ڇانيل

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر): ميهڙ جي ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد، ڳوٺ حاصل ڪوسو ۾ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان اوچتو جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي ڌرين پاران مبينا طور فائرنگ ڪئي وئي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته ٽن ڄڻن کي گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿيڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار تان ٿيل جهيڙي ۾ زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

مورو ۾ جسم پاران ڪامريڊ آرزو سنڌي جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي

ڪارڪنن طاها مورائي شعبان چانڊيو بهادر جيسر امين انقلابي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪامريڊ آرزو سنڌي کي آزاد ڪري سنڌس مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

مورو (ن ع) جيئي سنڌ محاذ تعلقه سٽي مورو طرفان تاري محاذ اڳواڻ ڪامريڊ آرزو سنڌي جي آزادي ۽ سنڌس مٿان داخل ڪيل ڪوڙن ڪيسن خلاف ۽ ايس ايڇ او قاضي احمد جي برطرفيءَ لاءِ مورو پيراري فقير جي درگاهه کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڊويزنل اڳواڻ ابرار مورائي سٽي اڳواڻ طاها مورائي شعبان چانڊيو بهادر جيسر امين انقلابي طلحه سنڌيار بدرالدين لانگاهه اسد سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ رهنما نواب مير منور ٽالپر عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي کي لنگي اوڍائي رهيو آهي

سڄاول لڳ مٺلا شاخ جي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

مٺلا شاخ تي هنڌ هنڌ غيرقانوني ڪٽ هڻي پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

شاخ جو پاڻي وارو ڪيچ به مقرر سطح تي ناهي، پڇڙيءَ جي آبادگارن تائين پاڻي نٿو پهچي

سڄاول (ڊ ر) سڄاول بيلو لڳ مٺلا شاخ جي آبادگارن پاڻي جي شديد کوٽ ۽ شاخ تي مبينا طور لڳايل ناجائز مشينن ۽ ڪٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي آبادگارن امير اسلم شاهه شهجهان شاهه منير احمد سمون محمد علي سمون عبدالمجيد پنهور رجب ميرجت، بابو شاهه ۽ ٻين چيو ته مٺلا شاخ ۾ گهربل پاڻي فراهم نه ٿيڻ سبب سندن زرعي زمينون بنجر بڻجڻ لڳيون آهن آبادگارن جو چوڻ هو ته مٺلا شاخ تي مبينا طور ناجائز مشينون لڳايون ويون آهن ۽ هنڌ هنڌ غيرقانوني ڪٽ هڻي پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي.

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حددخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

نوٽيس ۽ قانوني گرفت سان ميڊيا ورڪرن ۽ صحافتي قيادت جا حوصلا پست نٿا ڪري سگهجن: جاويد جتوئي

فاضل جميلي کي قانوني نوٽيس موڪلڻ حقن لاءِ اٿندڙ آواز کي دٻائڻ، آزادي صحافت کي پابند ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش آهي

سکر يونين آف جرنلسٽس منافقانه ۽ قابلِ مذمت قرار ڏيندي سموري مجلسِ عامله سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي

جيڪڏهن فوري طور تي اهو نام نهاد قانوني نوٽيس واپس نه ورتو ويو ته ڀرپور قانوني ۽ جمهوري مقابلو ڪنداسين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي، جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ، خزانچي شهزاد ٽاباڻي ۽ مجلسِ عامله جي سمورن عهديدارن جنگ جيو گروپ جي مالڪ مير شڪيل الرحمان پاران ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي کي قانوني نوٽيس موڪلڻ جي ڀرپور ۽ سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سکر يونين آف جرنلسٽس جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪيلي جي واپاري جو ٻاٿڻن جي ڏاڍائين خلاف احتجاج

جوابدار گلاب ۽ سنڌس پٽ پئسو نه ڏيڻ تان ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻ تي حملو ڪيو: ارشد پٺاڻ

ڪيس داخل باوجود جوابدار آزاد آهن آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڪن

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) نوابشاهه جو رهواسي ڪيلي جو واپاري ارشد خان پٺاڻ ٻاٿڻن جي ڏاڍائين خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نوابشاهه واسي ڪيلي جي واپاري ارشد خان پٺاڻ صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اسان ٽنڊوالهيار، نصرپور، پليجاڻي، شاهپور ڏرپور سميت مختلف علائقن ۾ ڪيلي جو ڪاروبار ڪندا آهيون اسان ڪاروباري ۽ پرامن ماڻهون آهيون ڪجهه مهينا اڳ اسان کي گلاب نالي شخص

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ غيرقانوني حددخلين خلاف ڪارروائي، اڏاوتون هٽايون ويون

اينٽي انڪروچمينٽ ٽيم ميناره روڊ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ آپريشن ڪيو

آپريشن دوران دڪانن ٻاهران رکيل سامان تحويل ۾ وٺي لاڳاپيل ٿاڻي منتقل ڪيو ويو

سکر (بيورو رپورٽ) ميونسپل ڪمشنر سکر خالد حسين جتوئي ۽ ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي هدايتن تي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي اينٽي انڪروچمينٽ ڪاتي طرفان شهر جي مختلف علائقن ۾ ناجائز تجاوزات خلاف ڪارروائي ڪئي وئي اينٽي انڪروچمينٽ ٽيم ميناره روڊ، نيم جي چاڙهي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ آپريشن ڪندي رستن، فوٽ پاٿن ۽ دڪانن ٻاهران غيرقانوني طور رکيل سامان هٽائي ڇڏيو جڏهن ته ڪارروائي دوران دڪانن ٻاهران

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين ڪروڙين روپيا گرانٽ باوجود انتظاميا رهواسين کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام

14 وارڊن ۾ 10 سال اڳ فلٽريشن پلانٽ لڳايا ويا جيڪي انتظاميا جي نااهلي سبب بند ٿي ويا

ڪيترن ئي مهينن کان پلانٽن تي فلٽر جي جاءِ تي فوم جي گادي لڳائي فارملٽي پوري ڪئي پئي وڃي

صاف پاڻي بدران قاضيا واهه جو گدلو پاڻي پيئڻ سبب لکين شهرين ۾ بيماري جو پکڙڻ جو خدشو

بدين (ڊ ر) پبلڪ هيلٿ ڪاتي بدين جي انتظام هيٺ هلندڙ فلٽر پلانٽ ناڪارا چار لک شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان گندو پاڻي واپرائڻ سبب بيمارين پکڙڻ جو خدشو تفصيل موجب بدين جي ضلع انتظاميا جي طرفان بدين شهر جي چار لک کان وڌيڪ رهواسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي سپلائي ڪرڻ لاءِ ميونسپل ڪميٽي بدين جي بدران پيئڻ جي پاڻي جو ڪم پبلڪ هيلٿ ڪاتي حوالي ڪري ڪيس هر مهيني ڪروڙين روپيا گرانٽ ڏني پئي وڃي ان مقصد لاءِ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ناڪارا ٿيل فلٽر پلانٽ ڏٻري حال ٿيل نظر اچي رهيو آهي

ڦلجي اسٽيشن جي صحافي شاهنواز سومرو جي گرفتاري ۽ تشدد خلاف احتجاجي ڌرڻو

صحافين، سياسي سماجي تنظيمن ۽ شهرين پاران حيدر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

حق سچ لکڻ تي ايس ايڇ او افتخار جمالي صحافي شاهنواز سومرو ۽ زاهد حسين شاهه کي گرفتار ڪيو آهي: مظاهرين

ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي صحافين تي تشدد ۽ گرفتاري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪن

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن ۾ سنڌ ٽي وي نيوز رپورٽر شاهنواز سومرو جي گرفتاري ۽ تشدد خلاف ايس ايڇ او افتخار احمد جمالي جي هٿان لاءِ صحافين سياسي سماجي تنظيمن ۽ شهرين پاران

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڦلجي اسٽيشن: سنڌ ٽي وي نيوز رپورٽر شاهنواز سومرو جي گرفتاري ۽ تشدد خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ ڪوسا برادري جو اغوا ٿيل نينگري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ نهال ڪوسو واسين سبحان، حاجنا خاتون ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

برادري جي ٻاٿڻن 12 ورهين جي اقرا کي اغوا ڪيو آهي، ڪيس بازياب ڪرايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) ڳوٺ حاجي نهال خان ڪوسو آباد، لاڙڪاڻي سکر جي رهواسي ڪوسو برادري جي مردن ۽ عورتن جن ۾ محمد سبحان ڪوسو مسمات حاجنا خاتون ۽ قوت علي ڪوسو شامل آهن، 12 ورهين جي نينگري اقرا جي مبينا اغوا ۽ اڃا تائين بازياب نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ٻڌايو ته سندن 12 ورهين جي نياڻي اقرا صبح جو اسڪول وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتي هئي، ۽ رستي ۾ عبدالڪريم ڪوسو رياض احمد ڪوسو ۽ فيصل ڪوسو مبينا طور ڪيس زبردستي اغوا ڪري ورتو جنهن کان پوءِ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سکر: ڳوٺ نهال خان ڪوسا جي مکي ڪوسا برادري جا ماڻهو هڪ مبينا طور تي اغوا ٿيل ڇوڪري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ مالي بحران، 1500 کان وڌيڪ ملازمن جون پگهارون رڪجي ويون

استادن، آفيسرن ۽ ملازمن ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني، پگهارون وقت سر جاري نه ٿي سگهيون

سائوٽا پاران سخت ڳڻتي، صدر ڊاڪٽر فهد نذير ڪوسي هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو

مالي بحران سبب گريڊ وائيز پگهارن جي ادائيگي واري فارمولي تي غور، ملازمن جو فوري ادائيگي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ٽ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ مالي بحران شدت اختيار ڪري ويو 1500 کان وڌيڪ ملازمن استادن ۽ آفيسرن جون پگهارون جاري نه ٿي سگهيون خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ مالي خساري سبب 1500 کان وڌيڪ ملازمن استادن ۽ آفيسرن جون پگهارون مقرر وقت تي جاري نه ٿي سگهيون آهن جنهن سبب يونيورسٽي جي ٽنڊوڄام ڪيمپس، خيرپور ڪاليج ۽ عمرڪوٽ ڪيمپس سان لاڳاپيل ملازمن ۾ ڳڻتي ۽ بيچيني پکڙجي وئي آهي ذريعن موجب يونيورسٽي انتظاميه پگهارون جاري

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

هر معذور جو ووٽ ٻين شهرين جي ووٽ جيان برابر اهميت رکي ٿو: ظهير احمد سهتو

معذورن کي چونڊ عمل جو فعال حصو بڻائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي

ووٽ جي داخلا ۽ ٻين معاملن بابت ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس سان رابطو ڪري سگهجي ٿو

بدين (ڊ ر) ضلعي اليڪشن ڪمشنر بدين ظهير احمد سهتو جي صدارت هيٺ ضلعي اليڪشن ڪمشنر آفيس بدين ۾ معذور ماڻهن لاءِ "ووٽ جي اهميت ۽ معذور ماڻهن پاران ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ بابت ترجيحي قانون" جي موضوع تي هڪ خاص آگاهي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بدين پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بدين (ڊ ر) بدين پوليس مضر صحت شين جي وڪري ۽ اسمگلنگ خلاف ڪارروائي ڪندي ٻن مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي وڏي مقدار ۾ گٽڪو ۽ سفينا هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ دادو واسي جو پنهنجي ڀاءُ جي ظلمن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ دادو ضلعي واسي گلزار احمد ڪانڌڙو جو پنهنجي ڀاءُ محمد قاسم ڪانڌڙو جي ظلمن خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته ڀاءُ ظالم آهي جيڪو هڪ ته ورثي پئسا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ڪوٽڙي سائيٽ جي عيسا دل ڳوٺ جا رهواسي پنهنجي ڀاءُ خلاف احتجاج ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران ذهين شاگرد احمد علي ناريجو کي ليپ ٽاپ ۽ نقد انعام ڏنو ويو

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم اڄ پنهنجي آفيس ۾ آئي بي اي ڪميونٽي ڪاليج نوشهروفيروز جي هڪ ذهين شاگرد

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

دارالامان ۾ پناهه وٺندڙ عورتن کي بنيادي سهولتن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: شائسته ڪوسو

سکر (بيورو رپورٽ) دارالامان ۾ رهندڙ عورتن خلاف احتجاج ڪرڻ تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ واري معاملي تي اسٽيپ فائونڊيشن جي چيئرپرسن شائسته ڪوسو سخت ردعمل ظاهر ڪندي معاملي جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران جوابدار کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد، بابن شاهه قبرستان ڀرسان پراڻي سکر ۾ سي سيڪشن پوليس ڪارروائي ڪندي چرس وڪرو ڪندڙ جوابدار ذاڪر حسين عرف منڊا ولد محمد

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ملاح ٻيڙين تي مڇي ماري رهيا آهن

جنگشاهي لڳ 55 ورهين جي شخص جو موٽرسائيڪل ڀرسان لاش هٿ

ڪوهستاني روڊ تان انور جاکرو جو لاش هٿ آيو جسم تي ڌڪن جا نشان

وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر، پوسٽ مارٽم ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) جنگشاهي لڳ ڦاٽڪ ڀرسان 55 ورهين جي هڪ شخص انور جاکرو جو سندس موٽر سائيڪل ڀرسان لاش هٿ، وارثن پاران قتل جو خدشو ظاهر جنگشاهي ۾ ڪوهستاني روڊ تي هٿ آيل انور جاکرو جو لاش ڪيترن ئي ڪلاڪن کان واقعي واري هنڌ پيل، جنگشاهي پوليس پوسٽ جي انچارج جي دير سان اچڻ ۽ وارثن سان بدڪلامي تي وارثن جو احتجاج گذريل رات دير سان انور جاکرو جو لاش روڊ تي پيل حالت ۾ مليو آهي جنهن جي جسم جي مختلف حصن تي ڌڪن جا نشان آهن اطلاع باوجود 5 ڪلاڪن بعد جنگشاهي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پورهيت واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ چيڀاٽجي فوت، وارثن جو احتجاج

سول اسپتال ڀرسان حادثي ۾ 17 ورهين جو مؤمن شيخ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کڻائي اسپتال منتقل ڪيو وارثن جو انصاف لاءِ احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سکر سول اسپتال ڀرسان تيز رفتار واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ 17 ورهين جو نوجوان مؤمن ولد جاويد شيخ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته حادثي کان پوءِ واٽر ٽينڪر جو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ نوجوان جي لاش سميت واٽر ٽينڪر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوليس لاش ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم کان پوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي پوليس موجب شروعاتي جاچ دوران معلوم ٿيو ته نوجوان مؤمن گهر کان ڪم جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ لڳ ٻنگوار ۽ محمداڻي برادري جي تڪرار ۾ هڪ ڄڻو قتل

محمداڻي ۽ ٻنگوار ڌرين جي هلندڙ تڪرار ۾ غلام مرتضيٰ ٻنگوار گولين جو نشانو بڻجي ويو

مقتول جو لاش اسپتال منتقل، ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو

واقعي خلاف پوليس ڪارروائي نه ڪئي، ڪارنهن تڪرار تان ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا قتل ٿي چڪا

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ ڳوٺ جمال خان ٻنگوار پوليس ٿاڻي بخشاپور جي حد ۾ ٻنگوار ۽ محمداڻي برادري جي خوني تڪرار ۾ ٻنگوار برادري جو چڱو مڙس غلام مرتضيٰ خان عرف پپو ٻنگوار کي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سکر: پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾ مارجي ويل نوجوان جا وارث لاش کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

پنوعاقل پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

پنوعاقل (ن ع) پني عاقل لڳ مبينا پوليس مقابلو هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار سٽي ٿاڻي جي حد ڳوٺ گهريو ڦاٽڪ وٽ گشتي پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو: سٽي پوليس جوابدار ساحل پٽ علي مراد سميجو زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار تي ڦر سميت 8 ڪيسز داخل آهن، مقابلي دوران ساحل سميجو گرفتار ٿيو وٽس پسٽل ۽

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: فوتي نينگر شهريار جو مڙهه اسپتال ۾ پيل آهي

ڪڪڙ گرلس مڊل اسڪول جي عمارت 3 سالن کان بند، تعليم متاثر، احتجاج

اسڪول جي عمارت گذريل ٽن سالن کان مڪمل هجڻ باوجود بند پيل آهي: مظاهرين

نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ گرلس مڊل اسڪول جا ڪلاس شروع نه ٿيڻ سبب نياڻين جي تعليم متاثر ايجوڪيشن ڪاتي جي نااهلي خلاف شهرين جو احتجاج، ان موقعي تي محمد رمضان ٻبر، فقير عبدالغني ساريو، برڪت علي جوڻيو احسان مري، اياز حسين، ممتاز علي، نديم احمد، عبدالرزاق ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته گرلس مڊل اسڪول جي عمارت گذريل ٽن سالن کان تيار هجڻ باوجود عمارت بند پئي آهي جنهن سان ايجوڪيشن ڪاتي ضلع دادو جي نااهلي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) سٽي ٿاڻي جي حد ٽنڊوآدم پٽ شاهه روڊ تي بدرالدين شاهه قبرستان وٽ پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مبينه مقابلي جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ ٽي پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي جنهن جي سڃاڻپ ٽنڊوآدم جي ڳوٺ دودا خان مري جي رهواسي صدام حسين ولد پهلوان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ ٻه مهينا اڳ مبينا فوت ٿيل رمضان چانڊيو جي عدالتي حڪم تي قبرڪشائي

مقتول جي ڀائيٽي جي درخواست تي جوڊيشل مئجسٽريٽ ٽو قبرڪشائي جو حڪم ڏنو

عدالتي حڪم تي جوڙيل ميڊيڪل بورڊ ڊاڪٽرن جزا وٺي ليبارٽري موڪليا

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ لڳ ڳوٺ خيسو خان چانڊيو ۾ ٻه مهينا اڳ مبينا طور فوت ٿيل 40 ورهين جي محمد رمضان چانڊيو جي ڀائيٽي سجاد چانڊيو پاران سڪرنڊ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائيندي ڄاڻايو ته منهنجي چاچي کي سڪرنڊ شهر جي رهواسي عبدالباري چانڊيو ۽ سندس گهرواري ساره چانڊيو شربت ۾ زهر ملائي پياريو جنهن سبب هن جي طبيعت خراب

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: مبينا فوت ٿيل رمضان چانڊيو جي عدالتي حڪم تي قبرڪشائي ڪئي پئي وڃي

ڏگهڙي ۾ اڍائي ورهين جي ٻارڙي آپريشن دوران فوت، ڊاڪٽر تي مبينا غفلت جو الزام

مثاني جي پٿري جي آپريشن بعد شهريار احمداڻي بيهوش ٿي ويو ۽ فوت ٿي ويو: وارث

ڊاڪٽر جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب سندن اڍائي ورهين جي معصوم ٻارڙي جي جان وئي آهي

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ ڏگهڙي ٿاڻي تي درخواست جمع

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ اڍائي ورهين جي معصوم ٻارڙي جي فوت ٿيڻ جو واقعو وارثن جو ڊاڪٽر تي مبينا غفلت جو الزام، ٿاڻي تي درخواست داخل ڏگهڙي جي هڪ نجي ميڊيڪل سينٽر ۾ مثاني جي پٿري جي آپريشن لاءِ آندل اڍائي ورهين جي معصوم ٻارڙي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ وارثن ڊاڪٽر تي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي جو الزام هڻندي واقعي خلاف ڏگهڙي ٿاڻي تي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي تفصيل

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

CENTER FOR AUTISM REHABILITATION AND TRAINING, SINDH (C-ARTS)

A Company setup under Section 42 of the Companies Act, 2017

JOB OPPORTUNITIES

Center for Autism Rehabilitation and Training, Sindh (C-ARTS) is a Not for Profit Organization (NPO) set up under section 42 of the Companies Act, 2017. The Company owned by the Government of Sindh, aims to provide professional rehabilitation facilities to Autistic Children in the Sindh Province. The company requires following staff on contract basis for Karachi Center domiciled from Sindh. Market-based salaries will be offered to the selected candidates.

Positions	Qualification	Experience
Company Secretary	Qualified CA/ACCA/ACMA OR Member of a recognized body of Corporate or Chartered Secretaries OR MBA in Finance	Minimum 05 years of relevant experience for candidates holding Master's Degree in Business in Finance. **Competencies Required:** • Ability to effectively coordinate and facilitate meetings of the Board of Directors and Board Committees, including preparation and circulation of agendas, notices and working papers. • Proficiency to record, finalize, maintain, and circulate minutes of Board and Committee meetings, and ensure proper follow-up and implementation of Board decisions. • Ensure timely submission of statutory returns, filings, and other regulatory documents as applicable. • Coordinate with Government departments, regulators, auditors, legal advisers and other stakeholders. • Excellent drafting, documentation, analytical, and organizational skills. • Ability to perform other corporate secretarial, statutory and governance responsibilities as assigned by the Board of Directors or CEO.
Manager Internal Audit	Qualified CA/ACCA/ACMA/CIA with article ship completed from ICAP registered audit firm OR MBA in Finance	Minimum 05 years of experience in internal auditing. **Competencies Required:** • Ability to lead and manage the internal audit function. • Strong knowledge of auditing standards, accounting principles, and financial regulations. • Ability to identify control weaknesses, financial irregularities, compliance gaps, and operational risks. • Provide periodic reports to the Audit Committee/Board of Directors on audit activities, significant findings, risk exposure, and the implementation status of audit recommendations. • Assist management in strengthening internal controls, risk management, operational efficiency, asset safeguarding, accountability, and transparency. • Ability to maintain independence, objectivity, integrity and professional judgment in the discharge of audit responsibilities.
Manager Procurement	MBA/Masters from a recognized university or equivalent from a foreign institution.	Minimum 10 years of corporate experience. **Competencies Required:** • Ability to lead and manage the procurement department of the organisation. • Ensure effective implementation of Sindh Public Procurement Regulatory Authority (SPPRA) Rules, regulations, procedures, and guidelines in procurement activities. • Strong analytical and evaluation skills (technical & financial bids). • Contract management and vendor negotiation skills • Excellent documentation and reporting skills
Manager HR	MBA in Human Resource Management.	Minimum 5 years of experience in HRM. **Competencies Required:** • Ability to lead and manage the entire HR function of the organization. • Manage and supervise the preparation, verification, and timely generation of monthly payroll. • Develop and implement effective systems for job description (JD) development and employee performance evaluation, including preparation and periodic review of JDs, performance appraisals, KPIs, performance reviews, and recommendations for promotions, training, and professional development. • Develop and implement HR strategies, policies, and procedures. • Advise management for Human Resource Planning.
Senior Manager Admin	MBA in management/ Bachelors in Engineering or equivalent from a foreign institution.	Minimum 5 years of experience in administration, operations and maintenance of buildings, generators, solar systems etc, with understanding of basic finance and accounting to independently deal with audit department. **Competencies Required:** • Strong skills in facilities management, including maintenance planning, utilities, security, and other support services. • Sound understanding of procurement, budgeting, basic finance and accounting with the ability to independently coordinate and respond to audit requirements. • Experience in liaising and coordinating with Government departments, regulatory authorities, contractors, service providers, and other stakeholders.
Assistant Manager Finance	ACCA/ ICMA	Minimum 05 years of relevant experience in Finance. Articleship completed will be preferred. **Competencies Required:** • Strong knowledge of payroll, tax laws, budgeting, financial reporting and financial controls. • Ability to effectively coordinate with internal and external auditors and oversee the preparation, review, and timely finalization of quarterly and annual financial statements and management reports. • Proficiency in accounting software, MS Excel and financial reporting systems. • Experience in coordinating with internal and external auditors and responding to audit requirements.
Finance Assistant	MBA in Finance / M.Com / ACCA finalist	Minimum 03 years of experience in finance. • Ability to prepare and maintain accounting records and financial reports. • Ability to perform bank, vendor and ledger reconciliations accurately. • Basic knowledge of taxation, withholding tax and statutory compliance. • Ability to meet deadlines and work effectively both independently and as part of a team.

Send detailed CV mentioning position applied in subject line at both email IDs at : **apply.jobs.carts@gmail.com** and **cartshr@gmail.com** Last date to apply is **27th September, 2026**.

Note: Only shortlisted candidates will be called for test/ interview.

Chief Executive Officer
Center for Autism Rehabilitation and Training, Sindh (C-ARTS)

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.